آڀا

(اصلوڪو ناول)

نندلعل عيدنداس پرسراماڻي

گوپال اؤر ڪمليش چترشالا،
سلومبر (اديپور-راجسٿان)

آپا

(اصلوڪو ناول)

نندلعل عيدنداس پرسراماڻي

گوپال اوَر ڪمليش چترشالا،
سلومبر (اديپور - راجستان)

ABHA

(NOVEL)

By

NANDLAL PARASRAMANI

Address:

Gopal Aur Kamlesh Chitrashala,

Salumber.(Udaipur - Raj.)

313 027.

First Edition : 1999

Price : Rs. 40/-

Published by :

GOPAL AUR KAMLESH CHITRASHALA,

Salumber.(Udaipur - Raj.),

313 027.

Tel. No. : (02906) 2098

Typesetting by ABC Creations ,Jaipur.(Phone : 203565)

Printed by **UNIQUE PRINTING PRESS**, Udr. Tel. : 527805

Published with partial financial assistance by Rajasthan Sindhi Akademi, Jaipur.

٩. نہ. آزاديءَ ۾ ديوانگي ايندي ۽ ديوانگيءَ ۾ جهنگليپڻو.

١٠. هوءَ جاڳي پئي تہ ڪا بہ اهڙي جڳهہ ڪونهي جتي آڪاش - پرتوي جو ملڻ ٿيندو هجي. پر اهو ڀرم هنڪي مٺو پيو لڳي.

١١. پيار تہ روح آهي دادا! روح. روح جسم کان علحدو ٿو ٿئي. ان جو وجود الڳ آهي.

١٢. دادا، فقط پيٽ ئي رشتو نہ ٿو رکي. من جي ملڻ جو رشتو سڀ کان وڏو آهي. پرماتما جو ان ۾ واس ٿو ٿئي.

١٣. سائي ٿلدار وشال وڻ جي ٿڏڙي ڇانو هيٺان ڪير نہ وهڻ چاهيندو؟ مان ڪير آهيان. وشالتا کي سوڙهو ڪري ننڍو ڪيان؟

١٤. ٽجوڙيءَ ۾ هيرا موتي آهن. اهي پڪ هوندي بہ ڇو وري وري ڏسڻ جي چاهنا رهندي آهي؟

١٥. ناري جيڪڏهن پنهنجي پرش کي نہ ٿي سچائي سگهي تہ ناريپڻو ڪهڙو؟ مون توکي پاتو آهي. ڪنهن کي بہ همٿ ڪونهي ان 'پائڻ' کي ڇني وٺي.

ڪجھ سٽون

١. اٿو، توهان هئي به مونسان گڏ ٻاهر نڪرو. ڌيان رهي جهڙي اشرافت سان هتي آيا هئا، نڪرڻ مهل به اهڙو ئي ناٽڪ ڪجو.

٢. اهو ڪوڙ، ڪوڙ ڪونهي جي ڪنهن جو نقصان نه ٿو ٿئي.

٣. آيا شانت بيئل پاڻيءَ ۾ زور سان پٿر هڻي ڇڏيو. ڍيري ڍيري گولايون ويون ويڪريون ٿينديون.

۴. اوائلي ڏاج دان جو روپ هو. ماتا پتا پنهنجي دل جي ٽڪري کي هئي پريوار ۾ سکي ڏسڻ لاءِ ڪنيا دان سان گڏ پنهنجي حيثيت انوسار ڪجھ ٻيو به دان ڪندا هئا...

۵. دان گهربو نه آهي، ٻکيا گهربي آهي. ٻيکاري ٻکيا گهرندا آهن.

٦. اهو ته سمجهي نه ٿي سگهان. ڪٿي ته خال آهي، جنهن کي پرڻ مقصد آهي.

٧. ڇا ماتا جي ڏنل دلار جو ملھ ڪوئي ڏئي سگهندو؟ ان جو واپار ڪونه ٿو ٿئي.

٨. وواھ پريم جو مقصد آهي ۽ سماج پاران پريم ماڻڻ جي منظوري.

رتي نيڪليس شرما کي موٽائيندي مرڪي چيو، ”رميش اسانجي گهر جي ڀاتين وانگر آهي. هنجي بدولت اڪيلائپ جو احساس نہ ٿو ٿئي.“

رتيءَ کي اهو محسوس ٿيو تہ نيڪليس ڪٽندي ڄاڻي واڻي شرما هنجي آڱر کي دٻايو. هنکي سٺو ڪونہ لڳو.

ڪافي ختم ڪرڻ کانپوءِ رميش رتيءَ کي چيو، ”مسٽر شرما هيءُ نيڪليس تنهنجي لاءِ ڪٽي آيو آهي.“

رتي ڇرڪي وئي.

شرما جو ڇپيل نگهائن سان ڏسڻ، ڄاڻي واڻي آڱر کي دٻائڻ، رميش جي اوپري آدميءَ وٽ اڇي ڪافي پيئارڻ، شرما جي هنجي تعريف ڪرڻ، شرما جو نيڪليس آڻڻ، سوچي رتي ٽامڻجي وئي.

رميش کي هوءَ ڀاڱُ مٺل ٿي ڀانئي، ۽ هو هنکي ڪال گرل. هن رميش کي ايترو ڪريل ڪونہ سمجهيو هو. ڪمپني جي ايتري همٿ جو هنجو سؤدو ٿو ڪري.

هوءَ آڳ ببولا ٿي وئي. مگ ٽيبل تي رکندي اٿي بيني. دٻيل غصي ۾ ٻاهه جي شعولن وارين ڳاڙهين اکين کي ڦوٽاري رميش کي چيائين، ”بي شرم، توکي ڀيڻ جو سؤدو ڪرڻ جي جريت ڪيئن ٿي؟ دل تہ ٿئي ٿي تہ توهان ٻنهي جي منهن ۾ ٿُڪون اُڇلايان، پر.....ڪمينا.......“ڇئي اٿي ڪئبن جي در طرف وڌي. هڪ ڪن ۾ هوءَ رڪجي وئي. منهن ورائي ٻنهي کي حڪم جي نوع ۾ چيائين، ”اٿو. توهان ٻئي بہ مونسان گڏ ٻاهر نڪرو. ڌيان رهي، جهڙي اشرافت سان هتي آيا هئا، نڪرڻ مهل بہ اهڙو ئي ناٽڪ ڪجو.....رميش! ٻڌ. جي اسانجي گهر قدم رکيئہ تہ جوتن سان پوڄا ڪندي مانءِ... ڪمينا، ڪوئن جا دلال بہ پنهنجي ڀيڻ جا سؤدا ڪونہ ڪندا آهن.“

رتيءَ جي اکين ۾ ٻاهه جا اُلا هئا.

ٻئي مرد مڙدا ٿي پيا. رتي جي شينهن جهڙي روپ کي ڏسي هنن جو ٻاٽي نڪرڻ لڳو. مشين وانگر حڪم عدولي ڪيائون. بل چڪائي ريسٽارنٽ کان ٻاهر نڪري آيا.

■■

آپا

ڪئبن ۾ هڪ اجنبي ڏسي رتي هيسجي وئي. معنيٰ ڀريل نگهائن سان رميش کي ڏٺو. رميش سمجهي ويو. مشڪي چيائينس، ”هي مسٽر شرما آهي، منهنجو گروءِ باس. هنجي زير سايع مان ٻيا بہ ڪم ڪندو آهيان.“ رتيءَ کي ساهہ پيو. پر هنکي ڪو خاص سنو ڪونہ لڳو.

ٻئي هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا هئا. اڪثر لنچ گڏ ڪندا هئا. گهرائيپ ايتري جو هوءَ هنکي ڀاءُ جو درجو ڏيڻ لڳي. جي ڪو ٻيو گڏ هوندو هون تہ اهو پنهنجي سٽاف جو ئي ڪوئي شخص هوندو هو. پر اڄ هڪ اوپرو ڏسي سچ پچ هن جي دل ڌهلجي وئي هئي. وري بہ رميش گڏ هوبس ۽ ڪجهہ آئت ڀريو جواب ٻڌي هوءَ خالي ڪرسيءَ تي ويٺي. ناشتو ۽ ڪافي اچي ويا. رميش مگن ۾ ڪافي ٺاهي هڪ هڪ ٻنهي کي ڏنو ۽ هڪ پاڻ کنيائين. چسڪين سان گڏ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. بعضيٰ چپن تي مرڪ بہ نماءَ دار پئي ٿين. ان وچ ۾ رتي محسوس ڪيو تہ شرما جون اکيون هنجي طرف پيون نهارن. پر ناپسند هوندي بہ هن ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو.

ڳالهين جي وچ ۾ شرما پنهنجي کيسي مان هڪ ننڍو پئڪيٽ ڪڍي رتيءَ کي ڏنو. رتيءَ مطلب سمجهي پيڪيٽ کوليو. خوبصورت ڳاڙهي ننڍي باڪس اندر سندر نئين ڊزائين جو سونو هار هو.

هنجي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. وات مان ازخود نڪري ويس، ”واهہ! ڇا تہ نيڪليس آهي. تمام سندر.“

جملو ختم ٿيو تہ شرما چيو، ”رميش توهان جي گهڻي تعريف ڪندو آهي.“

نرہل نہ ڏيڻ لاءِ چوندو هون. دل شڪستي ڪري پيءُ جي دل کي صدمو رسندو. جي پتا کي ڪجھ ٿي پوي تہ هنن جو ڪھڙو حال ٿيندو. هنن کي مٽ مائٽ ڪي خاص ڪونہ هئا. جي هئا بہ تہ پري جاءِ هننجي شهر کان بہ تمام پري رهندا هئا.

اڄ هرڪوئي پنهنجيءَ ۾ پورو آهي. ڪنهن جي ڪنهن کي پئي آهي. ڀاءُ ڀاءُ جو ڪونهي تہ مائٽ ڪنهنجو؟

رتيءَ کان هڏي آپا کي ڏاڍو ڏک ٿيو. جنهن کي ڀاءُ جو درجو ڏنو، ان ئي دغا ڪئي. پرش ويچارو آهي. بنان لالچ جي هو رشتي کي سمجھي ئي نہ ٿو.

”ديدي! اهڙو آپاس تہ ڪڏهن ڪونہ مليو هو.“

”تون اڃان ننڍي آهين، آپا. زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون تو ڪونہ ڏٺيون آهن. پرش کي نہ ڏڪار. دادا بہ تہ پرش آهي. شيام بہ تہ پرش آهي.“

”دادا کي تہ سمجھيو ئي ڪونہ آهي. هن جڻ ورت رکيو آهي. رشيءَ وانگر تپسيا ٿو ڪري. سدا اسان جي سک جي ڪامنا اٿس. سڄي عمر دادا سنگهرش ڪيو آهي....“

سچ پچ دادا اسان لاءِ سڀڻ قبوليو ۽ پنهنجي جگرن کي پڪاڻ ۾ نہ اُڇليو. پر هڪ ڳالھ آهي آپا، ڪڏهن ڪڏهن مان خيال ڪندي آهيان تہ ٽٽي پئي آهيان. منهنجي رڳ رڳ دانهون ٿي ڪري. هاڻي تہ ڪجھ پچي ئي نہ ٿو. ڪجھ ڪرڻ تي دل ئي مري وئي آهي...هڪ شيام آهي جيڪو وقت بوقت ڪجھ آٿت ڏيندو رهندو آهي. باقي سنسار اننت ۾ هڏل آهي. ڪنهن جي چنتا ڇو ٿئي؟ هر هڪ پنهنجي حال ۾ ٿو جيئي.“

”ديدي، اسان جيئون ٿا يا جي رهيا آهيون.“ آپا ڳالھ کي هلڪو ڪندي چيو.

”مون سمجھيو ڪونہ.“

آپا ٿورو مشڪي. چيائين، ”ديدي! ڪٿي پڙهيو هوم تہ اڄ منش جيئي نہ ٿو پر جي رهيو آهي. منش جي جيئي تہ قدرت وانگر خوش رهي. چنتا بنان، دک بنان، اِڇا بنان. جيڪي دک ڏيندڙ

رتيءَ جي ڀيڻ آيا اڃان پڙهي رهي هئي. ٻنهي ڀينرن جي ماءُ ڪونه هئي. پيءُ ئي انهن جي پالنا ڪئي هئي. وقت جي ناگوار ٿڦيڙن کي سهندي سهندي ٻئي اڃي جوان ٿيون هيون. بيحد سندر هيون. بهار جي گلن جيان هر جڳهه کي خوشبوءِ دار ڪري ڇڏينديون هيون. جي هڪ دفعو ڪوئي هنن سان ملندو هو ته پنهنجي وهنوار سان هو ان کي پنهنجو ڪري ڇڏينديون هيون.

پتا کي جيستائين دم ڪم هو، هنن لاءِ سڀ ئي ڪيائين. هننکي خوش ڏسڻ لاءِ هن ڪنور ۾ ڪلور ڪم ڪيو. هن جي چاهه هئي ته وڏي هوندي هو پنهنجي پيرن تي بهن، ڪنهن ٻئي جي غرض نه ڪن.

پيءُ جي محنت ۽ جفاڪشي ڏسي هي به محنتڪش ٿيون هيون. وقت جي ڪنن چوٽن کي سهڻ لاءِ هنن همت نه هاري هئي. هر هڪ دک کي هو دليريءَ سان منهن ڏينديون هيون. هو اهڙين ابتر اٿندڙ ڇولين کي سهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جون عادي ٿي پيون هيون.

رتي پڙهائي پوري ڪري ڪمائڻ لڳي هئي. آفيس ۾ ٽائپسٽ هئي. گهر جي پالنا ٿي رهي هئي. جيون ٻڪ ٻوڙن جي راند آهي. راند ۾ هار جيت ٿيندي ئي آهي. گهر جو چرخو نيڪ هلڻ لڳو ته پتا کي روڳ اچي ورتو. شروع ۾ ڪجهه محسوس ڪونه ٿيو. پر آفيس ۾ محنتڪش ڪم، گهر جي پالنا، پتا جي دوا دارون ۽ ديک ڀال رتيءَ کي پست ڪري ڇڏيو.

جوانيءَ کي جڻ ٻڍاپي وڪوڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ڏيري ڏيري آيا به فرض کي محسوس ڪرڻ لڳي. پڙهائيءَ سان گڏ ڪو ڪم ڪار هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئي.

پيءُ کي رتيءَ جي عمر وڏي ڏسڻ ۾ آئي.

رتيءَ جي آفيس ۾ رميش به ڪم ڪندو هو. رتيءَ جي خوبصورتيءَ رميش کي رتيءَ جي گهر آندو. گهر جو ننڍو وڏو بازار جو ڪم هو ڪندو هون. همدرديءَ ڪري هو گهر جي ڀاتين جو پنهنجو ٿي پيو. ٻنهي کي رميش لاءِ سنيه ۽ آدر پئدا ٿيو. رميش جي روپ ۾ جڻ هننکي ڀاءُ ملي ويو هو.

وقت بوقت رميش ٻنهي ڀينرن کي وقت جي نزاڪت سمجهي

وني آيو ۽ دوا دارون نيڪ ٿيڻ تي جيون لعل جلدي چاڪ ٿي پيو.

ان ڏينهن ڪانپوء هوريان هوريان شيام جو گهر اچڻ وڃڻ وڌڻ لڳو هو. شيام کي هنن جي لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ خوشيءَ جو احساس ٿيندو هو. هر هڪ ڪم اِچا شڪتيءَ سان ڪرڻ ڪري سنو ۽ ڪامياب ٿي ٿيندو هو. هو ايترو گهرو ٿي ويو جو جڏهن رتيءَ لاءِ ڪو گهر ايندو هو ته هو سڄي ڇاڻ ڇپاڻ ڪري هنن کي پنهنجي راءِ به ڏيندو هو. ڪوشش اها هئس ته جلد بجلد رتيءَ جون لانئون لهن. پنهنجن کي جيئڻ وڏور نياڻيءَ لاءِ ور ڳولهڻ ۾ چاهه ۽ اُمنگ هوندو آهي تيئن ئي شيام رتيءَ لاءِ چاهه رکندو هو.

جي 'نه' ٿيندي هئي ته فقط ڏاج جي ڪري. جيون لعل کي ڏيڻ لاءِ فقط هي نياڻيون ئي هيون ۽ انهن سان گڏ اڪيچار آسيسون، پر انهن ڀاوُڪ ويچارن کي ڪير ٿو قبولي.

ائين ته هرڪو ئي چوندو ته 'توهان جي آشيرواد جي ئي ضرورت آهي' پر دراصل هرڪو کيسي اندر رکيل دوُلت ئي ٿو ڏسي.

ناڪام ڪوششون ڪندي جيون لعل نراش ٿي چڪو هو. پرماتما جي پروسي پنهنجي ٻيڙي ڇڏي ڏنائين. ان ڪري به هو چپ ٿيو هو ته رتي ۽ آيا جهڙيون انيڪ نياڻيون ڏاج ڏنپ ڪري گهرن ۾ وينيون آهن. منش جي اها ڪمزوري ان لاءِ وردان ٿي پوندي آهي ته هنکي پاڻ جهڙا ٻيا دکي انسان ڏسي خوشي ۽ سنتوش جو احساس ٿيندو آهي. اهڙي احساس ڪري ڪيترا مرده دل به جيئرا ٿي پوندا آهن. اهو به سچ آهي وقت جي رفتار هڪ جهڙي ڪونهي. هنجي چال بدلجندي رهندي آهي. وقت پلٽو ڪائڻ ۾ ويرم ڪونه ڪندو آهي.

اهڙي احساس ئي جيون لعل لاءِ جياپو آندو. وقت جي انتظار ۾ هو ته ڪڏهن ٿو غئبي اديت ٿئي. پر وقتي هو اداس به ٿي ويندو هو ته ڪيتريون ڪنيواريون ٻڍي ماتا پتا جي شيوا ڪندي خود ٻلجي ٿيون وڃن. سندن وار اڇا ٿي ٿا وڃن. انهن جون اِڇائون تمنائون مري ٿيون وڃن. هو خود ئي انهن جو جنازو ڪڍي دفن ٿيون ڪري ڇڏين. وڏن جو اهو سخن ڇڻ ڪوڙو ٿو ٿئي ته 'ڪنهن نه ڪنهن سان نياڻين جو انگ جڙيل آهي.'

آهي، ان کان هنکي مکتي مليل هجي ها...پر اهو ڪجهه بہ ڪونهي. منش جيئي رهيو آهي. مجبورن پاڻ کي جيئاري رهيو آهي... هو ان ڳالھ کان بيخبر آهي تہ هن مٿان ڪيترا بوجھا آهن. پر تنهن هوندي بہ اجان وڏيڪ ٿو ڪڻندو هلي. دانهون ڪوڪون بہ ڪري ٿو، ۽ جيئرو بہ رهي ٿو.''

رتيءَ جون جڇڻ اکيون ڪلي ويون. پاڻ سنڀالي چيائين، ''اهڙو ڪجهہ ڪونهي، آپا. تون، دادا ۽ آفيس منهنجي مٿان بار ڪونہ آهن. مان تہ انهن کي سهج ٿي سمجهان. اهو تہ خوشيءَ جو باعث آهي، پڳلي...سچو ڏرم پالڻ ڪو اهنج ڪونهي. پر الائي ڇو سمجهان ٿي تہ دل جو ڪو حصو ٽڪل ٽڪل پيو ٿو ڀاسي. ڳولهيندي خيال ٿو ٿئي تہ ڪا ڪمي پئدا ٿي آهي.''

''ڪالھ هڪ وياکيان هو. ان جو سار هو تہ پرش استري جو پورائو آهي ۽ استري پرش جي.... ڇا اهڙي ڳالھ تہ توسان لاڳو ڪونهي، ڊيدي؟''

■■

سيني جو شيام پر وشواس جمي ويو. رميش وري منهن نہ ڏيکاريو. شروعات تہ شيام جي بہ اهڙي ئي هئي. رميش وانگر گهر جو ننڍو وڏو ڪم هو ڪرڻ لڳو. پر شيام گنڀير هو. هو رميش وانگر هلڪو ڪونہ هو.

ريسٽارنٽ واري گهمڻا جي باري پر فقط آپا کي ئي ڄاڻ هئي. پتا جيون لعل کي سڌ ڪونہ پئي تہ اوچتو رميش اچڻ ڇو بند ڪيو هو. شيام جڇڻ ٿيل خال کي پري چڙيو هو. هڪ ڏينهن آفيس پر ڪنهن پاڙوسي رتيءَ کي فون ڪيو تہ جيون لعل جي طبيعت اچانڪ خراب ٿي آهي. آپا بہ ڪاليج آهي. رتيءَ فقط شيام کي هڏايو. هن شيام کي گڏ هلڻ لاءِ چيو. اهو چوڻ هڪ سڀاويڪ طور هو. رميش ڪانپوءِ آفيس پر شيام جي طرف رتيءَ جو ڪڏهن ڪڏهن ڌيان ڇڪبو هو. پر هوءَ گهاٽو ٿيڻ نہ پئي چاهي. رميش جي دغا هن پر هر هڪ لاءِ شڪ پئدا ڪري ڇڏيو هو. پر پتا جي بيماريءَ پر هن هڪ پرش جو ساٿ سٺو سمجهيو هو.

گهر اچڻ تي ڀنهي پتا جي خبر چار لڌي. شيام ڊاڪٽر کي

تہ هتي اسپتال ۾ ڀرتي ٿيءُ پر پتا جي حالت ڏسي، اجان وڏيڪ بخار نہ ٿئيس، هوءَ شيام جي التجا تي هنجي گهر وڃي نڪي. شيام جا ماءُ پيءُ هنن کان واقف هئا. هنن جي دلين ۾ ٻنهي ڀينرن لاءِ سڪ ئي هئي.

گهر اچڻ تي شيام جي ماتا رتيءَ جي دل سان ديک ڀال ڪئي. ان رات تہ گهر جا ٻئي ڀاتي هن لاءِ جاڳيا. گهرڏياٽيءَ جي اندر رتيءَ لاءِ حب ۽ پنهنجائپ پئدا ٿي وئي. بخار ۾ مھڪندڙ منهن هن لاءِ هڪ آس پئي ڀاسيو.

ڪي ڪي چهرا من ۾ پيهجي ويندا آهن. اڻ ليکي سنبنڌ جڙي ويندا آهن. اهڙا چهرا هر گهڙي ڏسڻ جي چاهہ رهندي آهي.

رتي بہ هن لاءِ اهڙي ئي هئي.

رتيءَ جي طبيعت ڪجهہ نيک ٿي. من ئي من ۾ هنن لاءِ شرڌا محسوس ڪرڻ لڳي. جڏهن اسپتال وئي تہ ڏينهن چڙهي چڪو هو. آيا ۽ جيون لعل کي شيام ۽ سندس ماتا پتا لاءِ گهڻي عزت پئدا ٿي. من ئي من هنن کي نمسڪار ڪيو. سوچڻ لڳا ڀڳوان ئي اهڙا قربائتا ملائيندو آهي. خوشيءَ ۾ جيون لعل جون اکيون آليون ٿي ويون. من ڀرجي آيس ۽ ڪجهہ ڀوڙها ڳلن تي لڙڪي آيا. اکيون اگهندي هڪ سرد آهہ نڪري ويس. رتي ۽ آيا سرد آهہ جو ڪارڻ نسمجهي ويون.

ٻئي ڏينهن جيون لعل کي اسپتال مان موڪل ملي وئي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ هو ۽ رتي بلڪل نوبنا ٿي پيا.

هڪ شام جو شيام ڪجهہ ناول کڻي آيو. آيا کي پڙهڻ جو گهڻو شوق هو. هڪ دم ناول کڻي پتا جي ڪمري ۾ هلي وئي. اهو بہ خيال ڪونہ ٿيس تہ رتي ۽ شيام اڪيلا ڪمري ۾ آهن. شيام تہ روڪيس پر آيا ٻڌس ئي ڪونہ. ناول پڙهندي هڪ چني هٽ آيس. اها بہ پڙهيائين. مشڪي وري ناول اندر ئي رکيائين ۽ پڙهڻ ۾ گم ٿي وئي. جيون لعل کي ننڊ هئي. آرام ڪري رهيو هئو.

اڌڪل ٻن ڪلاڪن اندر ناول پورو ٿيس. موٽي ساڳئي ڪمري ۾ آئي. شيام هليو ويو هو. رتيءَ کي اڪيلو ڏسي چيائين، ”شيام چاءِ نہ پيتي؟“

پر تنهن هوندي به من ۾ اهو وشواس هوس ته وقت دوکو کونه کندو.

جيون لعل جي آزمودگار نگاهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن گمان پئدا ٿيندو هو ته غير ڇوڪرا آخر ايترا گهرا ڇو آهن. پر پنهنجي نياڻين ۾ اٽوٽ وشواس ۽ انهن جي خوشي ڏسي هو خاموش رهندو هو. رميش جو نه اچڻ هن کي کٽڪيو ته هو پر شيام اها کٽڪ ڇڻ وساري ڇڏيس. گهر ۾ اهڙو ڪو واتاورڻ به کونه هو جو برائيءَ کي ڏيکاري. ان ڪري هن پاڻ کي سمجهائي ڇڏيو.

منش جيترو وڏيڪ اوچائيءَ تان هيٺ ٿو ڪري اوترو ئي وڏيڪ هنکي ڏک ٿو لڳو. وشواس جو به ڪجهه ساڳيو ئي اصول آهي. رميش ۾ به هنن وڏيڪ ئي وشواس ڪيو ۽ اوترو ئي وڏيڪ هنن چوٽ کاڌي. وشواس جي ڏاکڻ تان هيٺ کسڪڻ ڪري ٻنهي ڀينرن کي ڪاپاري ڏک لڳو.

ڪڏهن ڇا ٿيندو اها ته ڪنهن کي خبر ڪانه هئي. اها ته پڪ هئي ته رميش آئينده گهر کونه ايندو ۽ نه ڪڏهن اهڙي جريت ڪندو. پر هنجو ڪارو منهن وڏيڪ ڪارو ٿي سگهي ٿو اهو انديشو هننکي هو. پر من جي پيڙا هنن پنهنجي پيءُ کان لڪائي ۽ اهو مڪان ڇڏي ٻئي ڪنهن سلامتيءَ واري مڪان ۾ رهڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو. ان باري ۾ ايندڙ تڪليف کي خود ئي سهڻ جي ارادي ڪري هنن اهڙي گهٽنا جي ڄاڻ شيام کي به نه ڏني.

هنن جي خيال ۾ سلامتيءَ وارو مڪان اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪنهن آدرش پرش جي پر ۾ هجي ۽ وقت اچڻ تي 'آسرو' ثابت ٿي سگهي. اها ضرورت هنن دلوجان سان محسوس ڪئي.

ڪجهه ڏينهن اندر جيون لعل جي طبيعت اوچتو بگڙي پئي. شيام جي مدد سان هنن پيءُ کي جنرل هاسپيٽل ڀرتي ڪرايو. ڀينرن ڏينهن رات ٺهل ڪئي. وقت بوقت شيام به اچي ويندو هو. هڪ زماني جو ڏنگه ۽ پنا جو روڳه ۽ اسپتال جي ڊڪ ڊوڙ، رتي ڦان ٿي پئي. من ۽ ديه جي ٿڪاوٽ ئي ٿڪاوٽ هئس.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جيون لعل ڪجهه پاڻ ڀيرو ٿيو. پر رتي بيمار ٿي پئي. بخار ۾ شرير باهه وانگر گرم ٿي ويس. آپا ڇيس

اهو وجود ۾ اچڻ ناممڪن آهي. اها تہ اُڏام آهي. اهو تہ فقط سوچ ۾ ڏسڻو آهي. سچ پچ رتي، پرٿويءَ جي سطح تي هلڻ ۾ جو آنند آهي اهو ڪلپنا جي اوچائيءَ تي اُڏامڻ ۾ ڪونهي.

تنهنجي سياءَ، پنهنجي پتا جي شيوا، محنت ڪش جيون، منهنجي ماتا پتا کي موهي ڇڏيو آهي. گهر جي ياتيءَ وانگر ٿا سمجهن. تنهن رات پنهنجي هار وانگر تنهنجي سنڀار ڪيائون.

اسان جي مڪان ۾ گهٽيئي ڪمرا آهن. ہ ٽي توهان ڪٽو. تون پاڻ بہ مرضي ڏيڪارج، ڊئڊي انڪار ڪونہ ڪندو. مميءَ جي تون هانهن هيلي ٿيندينءَ. توهان هتي اچي رهو.

اها تقدير جي راند آهي. مان مڱيل آهيان. ڊئڊي ممي پنهنجي وچن کي پاڙي ڏيڻ ٿا چاهين. مان بہ انڪار ڪونہ ڪندس. ممي ڊئڊي توکي گهڻو ٿا گهرن. چون ٿا جنهن گهر تون وينديءَ، اهو گهر سرڳ ٿي پوندو.

ڪڏهن ڪڏهن ممي توکي ياد ڪري اُيو ساهہ کڻندي آهي. مان هنجي ويدنا کي سمجهي نہ ٿو سگهان. ٻڌو اٿم تہ منهنجي منگيتر ڪا چڱي ڪونهي. جاچ ڪندو ٿو رهان.

اميد تہ دادا بہ اسانجي مڪان لاءِ انڪار ڪونہ ڪندو.

شيام“

آپا سچو وقت رتيءَ جي چهري طرف پئي نهاريو. وچتر هاءَ ياءَ صاف ظاهر هئا. ڪڏهن اکين ۾ چمڪ هئي تہ ڪڏهن منهن ۾ مرڪ. اوچتو مهڪندڙ مکڙو مرجهائجي ويو. رتيءَ ٽڏو شوڪارو ڀري چٺيءَ کي مُٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

”ڇو ديدي! ڳالهہ نہ وڻي؟“

آپا، هيءَ جڳہ وڏو ڳجهہ آهي. اهڙي ڳجهہ کي ڪير ٿو سمجهي سگهي. منهنجي سوچ کان مٿي آهي.“

”مون ڪونہ سمجهيو.“

”نہ سمجهڻ ۾ ئي ڀلو آهي.“ رتيءَ جي چهري تي هلڪي شرارت نماءَ دار ٿي.

”تون پرولي نہ ڇڏ، ديدي.“

”نہ“

رتيءَ جو هڪ اکري جواب ٻڌي آيا کي کٽڪو ٿيو. ڪجهہ اٺوندڙ آهي. پڇيائين، ”ڇو، ناراض هو ڇا؟“

”نہ...پگلي.“ رتيءَ مشڪي چيو.

ان مشڪڻ ۾ جا خوشي هئي اها آيا کان لڪي نہ سگهي. هوءَ سياڻي ٿي چڪي هئي. پاڻ بہ خوش ٿيندي چيو، ”هان وٽ، هيءَ پنهنجي چٺي. شيام جهڙو ڪمزور انسان مون نہ ڏٺو. توکي پاڻ نہ ڏنائين ۽ ناول اندر رکيائين. ناول کڻي ويم تہ منع بہ ڪونہ ڪيائين.“

”توکي دادا جي ڪمري ۾ وڃڻ کان روڪيائين تہ سهين پر تون ٻڌين ڇو ٿي؟“

رتيءَ جهٽڪي سان چٺي ورتس. ائين ڇنڊي ڪسي ورتس. پڙهڻ جي چاهہ کي دٻائيندي آيا کي ٻڌايائين تہ شيام پنهنجي مڪان ۾ ٻہ ٽي ڪمرا ڪِرائي تي ڏيڻ لاءِ ٿو چوي.

”اهي ڳالهيون پوءِ. پهريون پنهنجو پريم پتر پڙهہ.“

رتي چٺي پڙهڻ لڳي.

”رتي!

زندگي ڪيتري عجيب آهي. ڪيترا اچن ٿا، ڪيترا وڃن ٿا. ميلاپ ٿيندو ٿو رهي. ريل جي مسافرن وانگر ڪجهہ وقت گهاري وري جو وڇوڙجي وڃون ٿا، وري ورلي ئي ملاقات ٿي ٿئي. پر ڪي منش اهڙا بہ آهن جي ملاقات کان پوءِ الڳ ٿيڻ جي قبوليت نہ ٿا ڏين. شايد انهن جي وچ ۾ من جو ميلاپ آهي. اهو جي ڪنهن لالچ بنان آهي تہ اننت ڪال تائين ٿو رهي. جنم جنمانتر تائين ساٿ نباهڻ لاءِ چاهہ ٿي رهي. رتي! مان توکي نہ ٿو وساري سگهان.

ٿي ٿو سگهي، اهو جذباتي جوش هجي. پر ڪا ڪمي ڪٿي نہ ڪٿي پوري ٿي ٿئي. سچ پچ اها چاهہ هوندي بہ اڇاهہ آهي.

ان رات تنهنجو بدن بخار ۾ ٻري پيو. تنهنجا لڱ درد ۾ ٽٽن پيا. مان سوچيان پيو، ڪاش! ٻر ۾ اچي ان درد کي پاڻ وٽ چڪي وٺان. توکي اپلڪ ڏسندو ئي رهان. پنهنجي سيني ۾ سانڍي پاڻ سان ملائي ڇڏيان جيئن هڪ پل بہ الڳ نہ ٿئين.

ڪنهن ٻئي جي پرواهه ڪونہ ڪندا آهن. بعضي وهنوار جي سچ کان بہ مُڪري ويندا آهن. جي اسين هنن جي مڪان ۾ هلي رهون تہ پيو وجهہ ڳولهيندو تہ مونسان گڏ گذاري. آفيس جي ڳالهہ علحدي آهي، پر هتي سندس ماتا پتا اهڙي هلت کي ڪڏهن بہ برداشت ڪونہ ڪندا.“

ڳالهين جي وچ ۾ جيون لعل پنهنجي ڪمري کان نڪري هنن وٽ آيو. چيائين، ”چا آهي پٽ، ايترو گرم جوشيءَ سان ٿا پيا ڳالهايو.“

”ڪجهہ ڪونهي دادا. شيام آيو هو. چني ڏئي ويو.“ آيا جي منهن مان سچ نڪري ويو.

”ڏسان...“

”آفيس ۾ ضروري ڪاغذ ٽائيپ ڪرڻا آهن، سياڻي سويل پرو آفيس وڃڻو آهي.“ رتيءَ ڳالهہ کي ٽاهيندي چيو.

جيون لعل کي سنتوش اچي ويو. پنهنجي مطلب جي ڳالهہ نہ سمجهي چپ ڪيائين. اڳتي اچي پرسان ويٺو. ”ٿوري سستي ٿو محسوس ڪيان. هڪ ڪپ چاءِ ٺاهي وٺ، آيا.“

آيا جيئن ئي اٿي تہ الائي ڇو جيون لعل هٿ پڪڙي ويهاري ڇڏيس. چيائين، ”توهان جو آواز ٻڌي هليو آيس. چاءِ جي ضرورت هيئنر ڪونهي. ڳالهيون پوريون ڪري پوءِ ئي ٺاهيو تہ گڏ ٿا پيئون.“ ڇئي وڃڻ لڳو. ويندي ويندي پڇيائين، ”شيام چاءِ پيتي؟“ هن جواب جو بہ انتظار ڪونہ ڪيو. پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ڪمري ۾ وري خاموشي اچي وئي. ان چپ کي رتيءَ ڀڳو، ”تو دادا سان چنيءَ جي ڳالهہ ڇو ڪئي؟“

”مون تہ سچ چئي ڏنو پر تو ڳالهہ ٺاهيندي ڪوڙ جو سهارو ورتو.“

”ڏس آيا، اهو ڪوڙ ڪوڙ ڪونهي جي ڪنهن جو نقصان نڪتو ٿئي. دادا کي ذڪر ٿئي ها چني پڙهي. شيام جي لاءِ جو دلار اٿس اهو نڪري وڃيس ها، وشواس بہ پڇي پويس ها. ٽٽل وشواس مشڪل سان جڙندو آهي.“

آيا چپ ٿي وئي. ڪن کان پوءِ رتيءَ چيو، ”پنهنجي سمجهہ

پرولي ڪونهي. ڏس، هن چٺيءَ ۾ صاف ظاهر آهي.''

''ڇا؟'' آپا منهن تڪيندي رهي.

''ڏس آپا، ڏاهي ٿيءُ. اياڻي نہ بڻ. هيءَ چٺي تو پڙهي آهي. تون ئي ٻڌاءِ، شيام بہ ڪيترو نہ کوٽو آهي.''

چوندي رتي گنڀير ٿي وئي. آپا ڄڻ ڦان ٿي فرش تي ڪري پئي. سمجهيو هئائين تہ چٺي پڙهي ديدي خوشيءَ ۾ ڦوندجي ويندي، پر معاملو اُلٽو ٿي پيو.

''ديدي، شيام بہ توکي ڪارو ٿو لڳي؟''

''بلڪل ڪارو. فرق فقط ايترو آهي تہ رميش پنهنجي ڪارنهن سوجهري ۾ ڏيکاري ۽ شيام اونده جو سهارو ٿو وٺي. پرش سدائين ناريءَ کي چوسڻ ٿي چاهيندو. منهنجي نظر ۾ هئي گنهگار آهن.''

آپا ٻڌي نہ سگهي. چيائين، ''اهو تنهنجو خام خيال آهي ديدي! توکي ڪوئلي ۽ هيري ۾ فرق ڏسڻ جي توفيق ڪونهي. منهنجي نظر ۾ شيام سچو انسان آهي. ناري جڏهن سانير ۾ ٿي اچي تڏهن پرش کي سڃاڻڻ ٿي لڳي. جو الائي تون غلطي ٿي ڪرين. دغا ڪرڻ پرش جي فطرت ۾ ٿي سگهي ٿو. پر سيئي پرش هڪ جهڙا ڪونہ آهن....منهنجو انترياميءَ ڪڏهن بہ سويڪار ڪونہ ڪندو تہ رميش ۽ شيام هڪ ئي ساهميءَ جا ٻہ پُرَ آهن.'' چئي آپا سهڪڻ لڳي. آپا جي جذباتي خيالات ڏسي رتي ٿورو مشڪي. چيائين،

''مان بہ اهڙو انرت ٿيڻ ڪونہ ڏيندس؛ پر شيام جيڪي ڪجهہ چٺيءَ ۾ لکيو آهي، سامهون بہ تہ چئي پئي سگهيو. جي هو پنهنجائپ ٿو ڀانئي تہ ان ۾ ڳجهارت ڇا لاءِ؟''

''لچارا ۽ چريتروان ٿيندا ئي اهڙا آهن. ڪجهہ ڳالهيون سامهون ظاهر ڪرڻ لائق آهن تہ ڪي اکين ۾ چوڻ جوڳيون. پريت پاپ ڪونهي. پريم ۾ ڏيڻ ئي وٺندو آهي. وٺڻ جي تمنا ئي ڪونہ ٿئي. ڇا شيام اسان کان ڪجهہ ورتو آهي؟...گهڻيئي اهڙا موقعا ٿيا آهن جن جو شيام ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪري پيو سگهي.''

رتي هاڻي ڪافي نرم ٿي پئي. مرڪي چيائين، ''سچ آپا، شيام مونکي بہ وڻي ٿو. لوڪ لاج بہ ڪا چيز آهي. تنهنجي ويچارن کي ڀانپڻ لاءِ پنهنجي جذبات کي روڪيو هوم.....شيام جهڙا جذباتي

ڪري ڇڏي.

”تو رميش کي ڏٺو؟“ رتيءَ پڇيس.

”نه. چپراسيءَ اچي شٽاف کي ٻڌايو. رميش ڪنهن سان به ڪونه مليو. هو سڌو باس جي ڪمري ۾ ويو هو ۽ اتان ئي واپس هليو ويو. چپراسيءَ اهو به ٻڌايو ته هو ماروتي ڪار ۾ آيو هو ۽ ڪپڙا به شاندار پهريل هئس. شرما نالي ڪروڙپتي پرش گڏ هوس.“

”شرما ڪير آهي؟“ آيا پڇيو.

”مونکي خبر ڪونهي. پر آفيس ۾ سس پس پئي ٿي ته شرما شهر ۾ اوت پٽانگ ڪم ڪندو آهي. رميش هنجي چنگل ۾ ڦاٿل ٿو ڏسجي. سچ پچ نڍڙڪو ٻار جڙ بنان ٿئي. ننڍپڻ ۾ ئي ماءُ پيءُ ڇڏي ويس. جنهن پڦيءَ پاليس اها به گذاري وئي. هاڻي نه پڇڻ وار ئي ڪوئي ڪونه اٿس....رميش نيڪ نه ٿو ڪري.“

شيام وري گهر هلي رهڻ جي ڳالهه ڇوري. ”دادا جي مرضيءَ ڪانسواءِ ڪيئن ٿا هلي سگهون؟“ رتيءَ چيو، ”وڏن جون ڳالهيون وڏيون آهن.“

ڳالهه ٽڙي وئي. ڏينهن گذرڻ لڳا.

ڏياري ڏينهن شيام مٺائي ڪٽي آيو. هنن به آندي. ملي سيني کاڌي. رات روشنيءَ جي رونق ڏسڻ شيام رتي ۽ آيا بازار ويا. رات نه ڏينهن هو. روشنيءَ ۾ جهڪ جهڪ جهڪمڳاهٽ هئي. رنگ برنگي بلبن، ٽيوب لائيٽن ۽ طرحين طرحين طريقن سان دوڪان، بازار، مڪان ۽ رستا روشن هئا. سڄي بازار ماڻهن سان ڳاهٽ هئي. هر دوڪان تي ڇهل پهل هئي. ٻار، ٻڍا، جوان سڀ سجيل ڌجيل نظر پيا اچن. سڀ خوش هئا.

هنن ٽنهي لاءِ جيئون خوشنما هو. پر ٽئي پنهنجي پنهنجي خيالن ۾ گم هئا. زندگيءَ جو پهريون موقعو هو جڏهن ڏياريءَ جي رات ڪنهن جوان پرش سان گڏ ٿي پينر نظارو ڏسڻ آيون هيون. ٽئي جوان هئا. وقت آنند ميه هو. سياويڪ انهن جي دلين ۾ جذبات جو وهڪرو وهي رهيو هو. انهن جو سوچ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هلي رهيو هو. ٽئي گڏ هوندي به ڄڻ جدا جدا هئا. ٽئي خاموش هئا.

انوسار شيام جا ڏڏيي ممي اسان کي گهڻو ڏياڻين. هنن لاءِ من ۾ شردا بہ آهي. اها شردا قائم رهي اهائي تمنا اسان کي رکڻ گهرجي. اهو بہ سچ آهي تہ نہ رهڻ سان شيام کي دکہ ٿيندو. پريم ۾ پيڙا ضرور آهي پر پريم پيڙبو ڪونهي. اهو اٽل آهي. شيام کي مان بہ وڃائڻ نہ ٿي چاهيان. الائي ڪيترو وقت گڏ رهي سگهبو. جيترو بہ رهجي، هو سنو مددگار ۽ همدرد ٿي رهي، اها بہ خواهش آهي.

”تنهن رات جي بيچئنيءَ مونکي لوڏي ڇڏيو آهي. چاهيان ٿي هنکي جيون ساٿي پنهنجي ويچارن وارو ئي ملي نہ تہ تہ هنجي جيون جي گاڏي اوهڙ ڪاهڙ رستي تي پئي هلندي رهندي.

”پنهنجي مطلب ڪري اهڙي انسان کي هين جي سامهون ڪلڻ هاب نہ ڪنداسين. ان ڪانسواءِ جي پريت نسوارٿي آهي تہ پاڻ هڪ ٻئي کان پري ڪونہ آهيون.“

■■

وقت گذرندو رهيو. هنن مڪان ڪونہ بدلايو. رميش ٻن مهينن جي موڪل ورتي هئي. خبر تہ اها هئي تہ هو هميشه لاءِ نوڪري ڇڏيندو. شرما سان ملي ڪو واپار ڪندو. ڪنهن کي خبر ڪونہ هئي تہ هو رهي ڪٿي ٿو. جيون لعل بہ نوبنو ٿي پيو هو. ڊاڪٽرن آرام جي صلاح ڏني هيس. هلاڪت واري ڪم ڪرڻ جي منع ٿيل هيس. ان ڪري اڪثر هو گهر اندر ئي رهندو هو. ڪڏهن ڪجهہ پڙهندو يا ڪجهہ وقت مڪان جي ڀرسان واري بغيچي ۾ ٽهلي ايندو هو.

مطلب هو سمو ڪاٽي رهيو هو. مڙئي ڪاٽي رهيو هو، ڇو جو اندر ئي اندر ٻنهي نياڻين جي باري ۾ سوچيندو رهندو هو. انهن لاءِ گهٽي چنتا هئس. سمجهہ ۾ نہ پئي آيس تہ ڪنهن کي اندر جو حال ٻڌائي. شيام سان هڪ اڌ ڀيرو ڳالهہ چوريائين پر وري چپ ڪري ڇڏيائين. سمجهي پيو تہ متان شيام ’پاڻ‘ لاءِ اشارو نہ سمجهي.

اندر جي طوفان کي ڪير ڪيترو وقت روڪي سگهندو. ڪڏهن تہ ذوم سان ٻاهر نڪرندو. پر لاعلاج کي سهڻ ئي بهادري آهي. سچ پچ جيون لعل پنهنجي اندر ئي اندر ڪجهہ سهي پيو.

هڪ ڏينهن رتيءَ آفيس مان موڪل ورتي. شيام موٽندي هنن وٽ آيو. ٻڌايائين تہ رميش اڄ استيفعا ڏني ۽ بروقت ئي باس قبول

اُمنگ ۾ پريل هئي.
ڪارو آڪاش
اهڙي نويليءَ جي وارن جي چڳهہ تي
هنجي سِر ڪي سنواري پيو
رنگہ برنگي بلب
ڳاڙها، پيلا، سفيد ۽ ساوا
هيرن موتين جيان مالهائن ۾ جڙيل هئا
ڏياريءَ جي رات
صاف گوري گت
پرڪاش جي آغوش ۾
سنوريل ۽ سجيل هئي.
جڳ ۾ شامل
اسين سڀ هئاسين.
جوانيءَ جي چائنٽ تي آيل
ٻڍاپي جي ڪناري تي پهتل
مستقبل جي اُڏام ۾ اڏندڙ
ماضيءَ ڪي ٻُلائي
حال ۾ هلندڙ
اسين سڀ هئاسين.
ڏياريءَ جي رات
ڪنهن اڻواقف گهوٽ جي انتظار ۾
چنڊ جي چانڊنيءَ جيان
ڪنوار نهي سجيل هئي

۽

منڙي ڪلپنا جي اُڏام تي
نئي اسين چڙهيل هئاسين،
پنهنجي سوچ ۾ ئي گم هئاسين.
ٻن مان هر هڪ
ملڻ جي رات ۾ گم ٿيڻ جي
عجيب و غريب ويچار ۾ ٻڏل هو.

اوچتو آيا خاموشيءَ کي ٽوڙيو. مشڪي شيام کان پڇيائين، ”توهان لکندا بہ آهيو؟“

”توکي ڪنهن چيو؟“

”ائين ئي پڇان ٿي.“

”اِها جيڪي ڏسون ٿا، سو لکندا سين. ڏسون ڪير ٿو سنو لکي.“

رتي ۽ شيام مرڪيا.

”سني لکڻ واري کي ڇا ملندو؟“ شيام پڇيو.

”من پسند شيءِ.“

ڪجھہ ڪائي پي ۽ جيون لعل لاءِ مٺائي وٺي هو دير رات گهر موٽيا.

سڀاڻي شام جو جڏهن شيام گهر آيو تڏهن آيا پڇيس، ”لکي آيا آهيو؟“

”رتيءَ لکيو آهي؟“

”نہ. ديديءَ کي گهر جي ڪمن کان ئي فرصت ڪونهي.“

”تو؟“

”ها.“

”چڱو، پڙهہ.“

آيا کي پڙهڻ ۾ گهڻي خوشي پئي محسوس ٿي. پنهنجن لفظن ۾ من جي مهڪ ڏسي هر انسان آنند جي انڀوتي ڪندو آهي. هوءَ پڙهڻ لڳي،

”ڏياريءَ جي رات
ڪنوار وانگر سجيل هئي، سينگاريل هئي.
ڏيئي پر وٽندڙ هير،
چوٽي ڪيل گلن جي گڇي کي
ڀاڪر ۾ ڪرڻ لاءِ وڌيل هئي.
ڇهري کي چمڻ لاءِ
انگ انگ ۾ ڀريل انگڙائيءَ کي ڇهڻ لاءِ
اڳتي اچان بہ اڳتي ٻڪڻ لاءِ

''سچ پچ آپا. ننڍي عمر ۾ ئي تون پنهنجا احساس اهڙي خوبصورت ذريعي سان ڪوتا ۾ چوڻ سکي وئي آهي، ڏنيہ آهين. زندگيءَ ۾ منش ڇا نہ ٿو سکي؟ ويتر دکہ جون چوٽون سون ۾ سهاڳي جيان آهن.'' رتيءَ پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا.

ايتري ۾ جيون لعل اچي ويو. انهن کي پرسن ڏسي من ۾ خوشي ٿيس. چيائين، ''ڪهڙي ڳالهہ آهي، ڏاڏا خوش ٿا نظر اچو.''

''دادا، آپا ڪوتا لکي آهي.'' چئي آپا کان ڪاغذ وٺي شيام جيون لعل کي ڏنو.

جيون لعل بہ پڙهيو. سمجهي ويو. ڪليجي مان هڪ سرد آهہ نڪتس. ڪاغذ موٽائي چپ چاپ واپس ڪمري ۾ هليو ويو.

ٽنهي کي ڪجهہ اهڙو محسوس ٿيو جو ڪو خاص سنو ڪونہ هو. تہ بہ ڪجهہ ڪنهن ڪونہ. آپا جي اُٿ تڙ وڏي وئي. شيام کي چيائين، ''توهان تہ پڙهو نہ''.

شيام بہ لکي آيو هو. کيسي مان ڪاغذ ڪڍي آپا کي ڏنائين. هوءَ پڙهڻ لڳي.

''گهمي رهيو هوس. سڀ ڪجهہ سندر پئي ڀاسيو. جتي ڪٿي مهڪ ئي مهڪ هئي. ڏياريءَ جي ٻاهرين روشني منهنجي اندر، انڌيري کي ڇنڊو ڪري رهي هئي جنهن ڪري رستو صاف پئي ڏسڻ ۾ آيو.

گهڙو اڳ هڪ سپنو ڏٺو هوم. هڪ موهيندڙ سوپائمان چهرو پريت جي بارش پيو ڪري. پريم ۾ پُر پلڪون هيون. ان ۾ چندرمان جي چاندي بہ پئي وسي. ٻنهي شنان پيو ڪيو. ٻئي خاموش هئاسين. پر اندر جون اڪڙيون هڪ ٻئي کي پريت پيون ڏين. اکين جي نمي گهري ساگر وانگر هئي. ان گهرائي ۾ ٽٻيون پئي ڏيڻ چاهن. خاموشي پئسفڪ ساگر جي خاموشي هئي. پرڪاش جي جهڳمڳاهٽ ان ۾ موتي پئي پوتا.

سوچڻ لڳس هيءَ جاتل سجاتل چهرو آهي. ڳل صوف وانگر گلابي هئا. آگر سان ڇهاءُ ڪيم تہ متان سپني ۾ سپنو هجي. ڪوملتا ايتري جو ڇُهڻ سان ڳل ۾ کپ ٿي پيو. ڇڻ ساگر ۾ پنور هجي.

هڪ
چپ چاپ هلندي هلندي
باقي جي احساس کي جاڳڻ جي
بيواجبي ڪوشش ڪندي
خاموش هو.
انسان
ويچارن جو ڳوڙهو.
باهه ۽ پاڻي کي ملائڻ جي ڪوشش ۾
اننت ۾ ملي ٿو وڃي.
اتي،
جتي ڪوبه آڪار ڪونهي.
پر
جيئڻو آهي.
جيئي ٿو.
ادم سان
مٺي واتاورڻ جي مٺي مهڪ سان
رهي ٿو.
اوانڌياريءَ جي رات!
تون ڪنوار جيان
سجيل، سنواريل ۽ سينگاريل آهين
پنهنجي پريت کي روپ ڏيڻ لاءِ
انهن ٻنهي جي پريت جي پٽ رکجانءِ.
ساڪار ٿين اسان ٻنهي جا سپنا
ساڪار ٿين شل تنهنجا به سپنا.''

آپا پڙهي بس ڪئي ۽ شيام ۽ رتيءَ طرف ڏٺو. جذبات ۾ هو ڏيري ڏيري سهڪڻ لڳي.

شيام تاڙيون وڄايون. رتيءَ جو چهرو لڄ ۾ گلابي ٿي ويو.

سامت ۾ اچڻ ڪانپوءِ آپا پڇيو، ''توهان پڙهو.''

''جهڙو تو سٺو لکيو آهي، اهڙو مون نه. مون کي هار سويڪار آهي. اهڙو سندر ڪو ورلو ئي لکي ٿو.''

چاهي. انڪار تہ هوءَ ٿي ڪري.''

هاڻي رتيءَ جو وارو هو.

''ها، مان ئي انڪار ٿي ڪريان. ٻيو ڪو پروسي جهڙو مڪان ڪونهي. هتي ورهين کان رهون ٿا. توهان جي مڪان ۾ رهڻ ڪجهہ نيڪ نہ ٿيندو. لوڪ نندا سهڻ هاڻي جڻ وس کان ٻاهر ٿي پيو آهي.''

''لوڪ ڪنهن کي سَنو آهي؟ اهو تہ ٻڌاءِ، رتي ديوي.'' وچير ئي آيا چئي ڏنو.

''ڀهو ڀهو، رتي ديوي، ديوي ڪڏهن ٿي وئي. مهرباني ڪري ان ديويءَ کي پاسيرو ڪري ڇڏيو.''

رتي ۽ شيام جي شانت ٿيل درياهہ ۾ جڻ ڪنهن پٿر اڇلائي چيڙ چاڙ ڪري ڇڏي. ڪجهہ وقت تہ اڪيچار گوليون پئدا ٿي ويون. پل گهڙيءَ ڪانپوءِ شيام چيو، ''اهي تہ پيا اوت پٽانگہ چون. ڪهڙي خبر هاڻي بہ هو ڇا چوندا هوندا. جي اهڙي طرح من ماربو تہ جيئڻ سؤلو ڪين ٿيندو. شايد تون اهو بہ سوچين تہ منهنجي منگيتر مٽان ڪهڙو اثر پوندو....اهو بہ ٻڌ، جيڪا مونکي خبر ملي آهي، اهو ڪو خاص سنو ڪونهي. جيڪي ٿيڻو آهي جلد ئي سامهون ايندو....لوڪ لاڄ ضروري آهي، پر لوڪ نندا جي ڊپ ڪري پنهنجي ڀلي چاڙهڻ ڪهڙو نياءُ آهي...پنهنجي وجود کي اوچي ٻاٽ رکڻ بہ لوڪ کي نہ ٿو وڻي تہ ان جو علاج اسان وٽ ڪونهي....پنهنجي وجود کي پنهنجي دائري ۾ سهج رکڻ نندا جو باعث ڪنهن بہ حالت ۾ ڪونهي...اها ڪمزوري اسان ۾ نہ هئڻ گهرجي. اهڙي سچائيءَ جي وڪالت ڪرڻ منهنجو اڌڪار آهي.''

شيام جوش ۾ اچي ويو. جذبات کي وس ڪرڻ هن لاءِ محال هو. اهڙي حالت ۾ رتيءَ وچير ئي چيو، ''پنهنجي وجود کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏڻ جو بہ دستور آهي. توهان منٽيل آهيو. پوءِ ڪهڙي چوڪري 'هان' ۾ ڪنڌ لوڏيندي. ويتر هو ڏنوان آهن. اٿندي پڇندي وارا آهن. پئسو ڪنهن کي منو ڪونهي.''

شيام کي جڻ وچونءَ ڏنگي ڇڏيو. سور کي سهندي چيائين، ''ڌن جو واسطو پريت اڳيان منش جي مَلَ برابر آهي. اهو اڄ آهي سياڻي ڪونهي. ان تي بانور نا سمجهہ ئي ڪندا...مونکي تہ وشواس

اڄ ساڳيو چهرو وجود ۾ هو. شهر، بحر جيان خوشي پئي ڏني. منهنجا مالڪ اها مورت سدا سلامت رکجانءِ. ان کي ڪوسي واءُ جو جُهاءُ بہ نہ ڏجانءِ. گلاب وانگر ڪومل، مکڻ وانگر ملايم اهڙي صورت سدا سامهون رکجانءِ.“

پڙهي آيا جي منهن مان ازخود نڪتو، ”واه، واه.“ ڪاغذ رتيءَ کي ڏيندي ڏاڍي خوش پئي نظر آئي.

ڏياري تہ وئي وسري. آئي موهيندڙ مورت. آيا پڇيو، ”شيام صاحب! رستي ۾ جي ڪوئي مددگار ٿئي، منزل ماڳہ ملڻ تيءَ جي ڪوئي پلائي ڇڏي تہ ان کي ڇا ڪونجي؟“

هڪ ئي وقت رتيءَ ۽ شيام کان ڇرڪ نڪري ويو. ٻنهي آيا جي منهن طرف تڪيو.

آيا کلي ڏنو.

”ڊڄو نہ. مان توهان کي غرضي نٿي چوان. ساڏن جي بہ ڪا اهميت آهي. ان جو بہ پنهنجو وجود آهي. ان کي پلائڻ انرت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي.“

چئي تہ هوءَ گهڻو ئي پئي سگهي. پر وقت جي گنڀيرتا هن کي بريڪ ڏئي ڇڏي. ڳالهہ ڦيرائيندي چيائين، ”اسان ٻنهي جا سوچ لڳہ ڀڳہ هڪجهڙا آهن. پر جنهن ڏياريءَ جي رات توهان کي دلڪش منظر ڏيکاريا ان کي صاف پلجي ويا. اهڙي مددگار کي رستي تي ڦٽو ڪرڻ نيڪ ڪونهي.“

اشارو ڪنهن طرف هو، ٻنهي سمجهيو پر ڪڇيو ڪنهن بہ نہ. فقط مشڪيو.

رتيءَ بہ پڙهي ڇڏيو. لڄ ۾ منهن لعل ٿي ويس. ڳالهہ کي ڦيرائيندي شيام چيو، ”اول تہ ڏاڍو اُتاولا هئا پر اجان تہ مڪان بدلايو نہ اٿو. سوچيو هوم تہ نہ پڇندومانوَ پر الائي من نہ ٿو مڃي.“

”دادا انڪار ڪيو. هتي مسواڙ بہ ٿوري آهي. رهيا پيا آهيون ئي. ڪير اٿي. تڪليف پڇي ڪانہ ٿي. جڻ مڪان سان نيهہ لڳي ويو آهي.“ مشڪندي آيا چئي وئي.

”دادا منع ڪونہ ڪئي. سچ پڇ تہ تنهنجي ديدي ئي نہ ٿي

تہ هوءَ منجهي پئي. من کي پکو کري ڇڏيائين تہ هڪ هيڪاٽي ٿيڻ لازمي آهي. گهڻو وقت اُلجهن سان شڪ جي دائري ۾ وڌيڪ انڌيرو پئدا ٿيندو. شيام کي هن موڪل ڏئي ڇڏي تہ شوڀا سان ڳالهائي. هن کي پاڻ ۾ پوري پڪ هئي تہ هوءَ هڏندي ڪونہ، هنجو سچو نيهہ اڏول آهي.

هڪ ڏينهن شيام شوڀا سان مليو. ڪاليج لان تي شيام کي پنهنجي طرف ايندو ڏسي شوڀا پنهنجي بواءِ فرينڊ کي چيو، ”منگيتر مون طرف اچي ٿو. مان ئي ملي ٿي اچانس.“ چئي هوءَ شيام جي سامهون اچي بيٺي.

”چئو مسٽر شيام، ڪيئن اچڻ ٿيو؟“ شوڀا پڇيو. ”مونکان سواءِ چئن ڪونهي ڇا؟“

شيام کي سنو نہ لڳو. سوچيائين هيءَ ڳالهائي اهڙيءَ طرح ٿي ڄڻ مان هن مٿان فدا آهيان، روز ملڻ ٿيندو رهندو آهي ۽ اڄ ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهہ ٿي آهي. هو ڪجهہ چئي ان کان اڳ شوڀا وري چوڻ لڳي، ”ڏسو، شاديءَ ۾ اڃان وقت لڳندو. هونئن بہ مونکي ڪو خاص انٽريسٽ ڪونهي...توهان جي ڊئڊيءَ کي ڪجهہ کپي تہ منهنجي ڊئڊيءَ سان ڳالهائي. هينئر مون وٽ وقت ڪونهي.“

شيام جي سيني ۾ خنجر لڳي ويو. ’هن ئي ڇوڪريءَ سان هو شادي ڪندو، جنهن کي ڳالهائڻ جو شعور ڪونهي...وقت ڪونهي، پئسي جي گهمنڊ ۾ چور آهي. اهڙي ڦوهڙ هنجو گهر هلائيندي. اهڙيءَ سان جيون جو سفر پورو ڪرڻو پوندو.‘ هن کي تيس اچي وئي. واڪو ڪري چيائين، ”شوڀا...“

”ڇا آهي...؟ مان تنهنجي نوڪرياڻي ڪانہ آهيان.“

”مان تنهنجو ٿيڻ وارو پتي آهيان.“

”ٿيڻ وارو آهين نہ...آهين تہ نہ؟ جڏهين ٿين تڏهن واڪا ڪري ڳالهائج...ٻڌ، مٿو منهنجي ڊئڊيءَ کيو آهي، هن وٽان ئي سوالن جا جواب ملندءِ....مون وٽ فالتو وقت ڪونهي.“ چئي شوڀا واپس وڃي بواءِ فرينڊ سان ويٺي.

شيام کي وڌيڪ چوڻ جي ضرورت ڪونہ هئي. هن کي جواب ملي ويو هو. من جي جلن مٿان ٿڌي هير لڳڻ لڳس. هنجو هردو

ئي ڪونهي تہ ڏيڏيءَ اهو رشتو ڪو خوشيءَ سان ڪيو آهي. جڏهن بہ ان باري ۾ ڳالھ نڪرندي آهي تہ ڏيڏي ۽ مميءَ جا چهرا مرجهائجي ويندا آهن.''

ان وقت جيون لعل ڪمري ۾ اچي ويو. چيائين، ''اڄ چانھ نہ ٿاهي اٿوَ، پٽ؟''

ڳالھ اڌ ۾ ئي رهجي وئي. پيءُ کي پنهنجي وچ ڏسي آيا چانھ ٺاهڻ هلي وئي. رتي ۽ شيام جيون لعل سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ٿوري دير ۾ آيا چانھ کڻي آئي. سڀني چاءِ پيتي. جلد ئي شيام گھر هليو ويو.

جيتوڻيڪ شيام جي مڱڻي ٿيل هئي، تڏهن بہ هو رتيءَ کي گهُرندو هو. من جي اندر ڪجھ اهڙو آهي جو منش کي هلائي ٿو. ڪنهن موقعي تي اهو هن لاءِ شيءِ ئي ٿو ٿئي. هنهي کي خبر هئي تہ شادي سؤلي ڪونهي. پر هنن جي سوچ ۾ دلين جي پياس پلڪن ۾ ئي بجهي تہ جيون جي مارڳ ۾ ڪجھ سوجهرو ضرور ٿيندو. ٻئي جڻ پڪيل هئا. هنن کي جڻ هڪ ٻئي جو ڪُونئو ملي ويو هو. اڻچاٽائيءَ ۾ هو هڪ ٻئي ڏانهن وڌي چڪا هئا ۽ نہ ملڻ هنن لاءِ بيچيني‌ءَ جو باعث هو.

جيون لعل جي بيماريءَ پريم جي پنڌ کي وڏيڪ سؤلو ڪري ڇڏيو هو. آفيس ۾ هڪ ٻئي کي ڏسندي ئي ڦڙتي اچي ويندي هين. ڪلاڪن جا ڪم منٽن ۾ پورا ڪندا هئا. ٽي ڪلب ۾ چاءِ پيئندي خوشي ٿيندي هين. آفيس مان گڏ گهر موٽندا هئا. جيون لعل سان ٿورو وقت ڳالهائي پوءِ ئي شيام پنهنجي گهر ويندو هو.

شيام جو اچڻ وڃڻ جيون لعل لاءِ من جو آٿت هو. هو رتيءَ جي لاءِ ڪجھ هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو. ڪڏهن اهو ويچاري رتي جي من مسوسجي ويندو هوس تہ متان شيام جا ماءُ پيءُ بہ ڏيتي ليتي جي چڪر ۾ رشتو نہ موٽائين. شيام مڱيل آهي هن کي ڄاڻ ڪانہ هئي. ان ڪري هو وقت جي انتظار ۾ هو تہ سٺي موقعي تي هو شيام جي ماءُ پيءُ سان ڳالھ ڇوريندو.

شيام بہ منجهيل هو. هنهي سان ڪيتري وقت تائين نڀائيندو. سوچيائين تہ شويا سان خالصو ڪري. پنهنجو ويچار رتيءَ کي ٻڌايائين

شيام جو هڪ اکري جواب رتيءَ کي اکڙيو. من کي قابو ڪندي چيائينس، ”کهڙي نوع ۾ هن ڳالهايو...توهان جو جهڳڙو ٿيو هو ڇا؟“

هاڻي شيام لاچار ٿي پيو. جيڪي ڪجهه ڪاليج جي لان تي ٿيو، سڀ رتيءَ کي ٻڌايائين. هئي هلڪا ٿي پيا.

گهر ۾ به شيام پتا کي سڀ ڪجهه ٻڌايو. اهو سڀ سهج ۾ هو. ڪالهه واري اُتيجنا يا گرمي ڪونه هئي. پتا فقط اهو ئي چيو، ”جيڪو انديشو هو، اهو ئي ٿيو.“

شيام سامهون پرولي هئي. سلي نه سگهيو. فقط پيءُ طرف پئي تڪيو. پتا پٽ جي نگاهن جي ٻولي سمجهي ويو. پٽ کي چيائين، ”ها، اهو انديشو هميشه هو. ڪيترا دفعا سيٺ مراري لعل کي چيو هوم، شوڀا کي سمجهائي. هن جو اُٿڻ وهڻ نيڪ ڪونهي. پر هميشه سيٺ ان ڳالهه کي ٽاري ويندو هو. ان ڳالهه جي اهميت هن ڪانه سمجهي.“ ڪجهه ترسي چيائين، ”نهيو. مان به هلڪو ٿي پيس.“

توهان کي پنهنجي ٿيڻ واري نهن جي پڇي وڃڻ جو غم ڪونهي؟“

”ٻڌائڻ نه پيو چاهيان. وشواس هو هڪ ڏينهن توکي پنهنجو پاڻ پتو پئجي ويندو....

”زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙيون وارداتون ٿينديون آهن جو منش مجبور ٿي پوندو آهي. نه چاهيندي به اڻ وڻندڙ ڪم ڪندو آهي. شوڀا هن گهر ۾ اچي ڪڏهن به مون نه چاهيو هو. اهڙي ڪٽنب لاءِ حب نه پري آهي، ان جو نالو وٺندي به بدبوءِ ٿي اچي.

”انڪل ويهه ورهيه اڳ سيٺ مراري لعل منهنجو گهرو دوست هو. ڏنوان جو پٽ هو. پر وڏن جو مٽان ظابطو ڪونه هوس. ان ڪري بگڙجي پيو. دوست جي ناتي ڏاڍو سمجهايومانس پر برو ڪم هميشه اول سنو لڳندو آهي. آنند به ملندو آهي پر ان جي پڇاڙي سدا خراب رهندي آهي. مراري لعل کي سُرا، سندري ۽ جوا ڪانسواءِ ڪجهه منو ڪونه لڳندو هو. اهو نه قبول ڪندو هو نه جنهن رستي تي هو هلي ٿو سو نيڪ ڪونهي بعضي پڇتاءُ به ڪندو هو پر اهي ڪڏا ڪم ڇڏي ڪونه سگهيو. ڪمزور دل جو منش جي ڪنهن خراب

ڏيري ڏيري ٿڌو ٿيڻ لڳو. اڻ ڄاڻ اِڇا شڪتي پئدا ٿي ويس. پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو. مٿان جو بوجهہ دل تان لهي ويس. سچ پڇ هو چاهي ٿي اهو پيو تہ شوبا جي حلت اڻ وڻندڙ هجي. هن جي اندر جي لڪل خوشي سامهون اچي وئي. هن پڪ ڪري ڇڏي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هو شوبا سان شادي ڪونہ ڪندو. اها شادي وناش ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ڏيندي. ٻئڊيءَ سان هڪ هيڪاڻي ڪري ڪچي ڌاڳي جي ڦندي کي ڇني پاڻ کي آزاد ڪندو.

هو سمجهڻ پيو چاهي تہ ٻئڊيءَ جي ڪهڙي مجبوري آهي جو هن جو مڱڻو اهڙي نالائق ڇوڪريءَ سان ڪيو ويو. ٻئڊي ڇو آفت مٿان آندي آهي.

شيام اهو بہ ڄاڻي پيو تہ ٻئڊيءَ جو رتيءَ مٿان سنيھ آهي. رتيءَ جي پريوار لاءِ سهانيوتي ۽ عزت اٿس. ڪنهن وقت ٻئڊيءَ ڇيو بہ هو تہ جنهن گهر رتي ۽ آيا ويندي اهي گهر آنند ۾ پرجي ويندا.

شيام جڏهن گهر آيو تہ ڏٺائين تہ ٻئڊي ڪيڏانهن ٻاهر ويل هو، سياڻي ايندو. من جي اُٿل پُٿل جيئن جو تيئن ئي رهجي ويس. بستري تي ڪروٽون بدليندي رات گذاريائين.

ٻئي ڏينهن جڏهن رتي آفيس ۾ مليس تڏهن مشڪي 'وش' ڪرڻ ڪانسواءِ هو ڪجهہ نہ ڪري سگهيو. پر رتي تہ گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ پئي چاهيو. موڊ ٺيڪ نہ ڏسي خاموش رهي.

لنچ ۾ ٻئي هميشه وانگر ريسٽارينٽ ۾ وڃي ويٺا. رتيءَ شروع ڪيو، ”شهر ۾ افواہ آهن تہ شوبا ڪنهن سان ڀڄي وئي آهي. گهر مان ڪجهہ زيور ۽ پنجويھ هزار روپيہ بہ کڻيا اٿائين.“

شيام وائڙو ٿي ويو. ڪالهہ تہ هو شوبا سان مليو هو. هن تہ اهڙي ڳالهہ جي خواب ۾ بہ ڪلپنا ڪانہ ڪئي هئي. ٿي سگهي ٿو پري - پلان هجي. اهو ئي بواءِ فرينڊ هوندو جنهن سان گڏ ويني هئي. ڪَهڙو نہ جهنگليپڻو آهي.

پر شيام رتيءَ کي ڪجهہ نہ چيو...ڪن پل ڪانپوءِ رتيءَ پڇيس، ”شوبا سان ڪالهہ مليا هئا؟“

”ها...“

جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. سوچيم پئي ته ڪميني بدڪار کي پوليس جي حوالي ڪيان ته سڙي وڃي. اڳتي ته اهڙائون برباد ڪونه ٿيندئون. پر دوست لاءِ همدرديءَ پنهنجو اثر ڏيکاريو پئي. اهو به سوچيم ته اڄ جي همدردي شايد آئينده لاءِ هنکي سٺين رستي تي آڻي. همدرديءَ جو پُرُ ڳؤرو ٿي پيو. چيومانس، ”جيڪي گذري ويو ان کي سڌار. اڳتي سٺي زندگي گذار ته سک ملندءِ.“

”پر هاڻي مان ڇا ڪيان؟“ هن التجا جي نوع ۾ پڇيو، ”سوچيو هوم هيءَ به دولت ڏيڻ سان منهن بند ڪندي. پرشوتم، منهنجا دوست، تون ئي مونکي بچائي سگهين ٿو.“

هن اُٿي منهنجا پير پڪڙيا. مان موم ٿي ويس. عورت مٿان چادر وجهي ڪمري کان ٻاهر آياسين. ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ عورت سجاڳ ٿي. مان هن وٽ ويس. نرٻل شرير کي سهارو ڏئي ويهاريندي چيومانس، ”ڀيڻ، اُٿي.“ چئي مان ٻاهر نڪري آيس. ان وچ ۾ هن ساڙهي ٺيڪ ڪئي.

جڏهن ٻيهر هن وٽ ويس ته هن هجهيل اکين سان مونکي ڏٺو. مان ڊڄي ويس. نگاهن ۾ هڪ سوال هو جنهن جو هن سنسار ۾ ڪو جواب ڪونه آهي. آهي ڪو جڳت ۾ جو هنجي لٽيل ست کي واپس ڪري سگهي؟

مان خاموش ٿي رهيس. چوڻ لاءِ هيو به ڇا؟ پر اهو ضرور سمجهيم ته ’ڀيڻ‘ لفظ ۾ اهو ڪجهه هو جنهن هنجي اندر وشواس جاڳايو. منهنجي عاجزيءَ واري عرض کي هن قبوليو.

مڪان جي ٻاهر اچي ٽانگي ۾ ويهاري جڏهن مان به ويهڻ لڳس ته هن منع ڪئي. مان سمجهي ويس. ٽانگي واري کي ڏهين جو نوٽ ڏئي هنجي گهر پهچائڻ لاءِ چيم.

مون کي پڪ هئي ته هوءَ سٺي خاندان جي ناري آهي. مرڻ پسند ڪندي پر ڪڇندي ڪونه عزت سان گذارڻ لاءِ اهڙي ناريءَ جو زيور آهي. زندگيءَ جو ملھ آبرو اڳيان تڇ آهي.

ڪجهه ڏينهن ته اخبارون جاچڻ لڳس ته متان ڪنهن عورت جي آپگهات جي خبر ڇپي هجي. پر اهو ڪجهه ڪونه ٿيو. مان بيفڪر ٿي ويس.

عادت ۾ هڪ دفعو ڦاسي ويو تہ ان مان نڪرڻ ان لاءِ محال ٿي آهي. مون بہ سمجهائڻ ڇڏي ڏنو. ڪوئلي جي دلاليءَ ۾ لڳہ تہ ڪارا رهندا ئي. سوچيم ڪٿي منهنجي مٿان بہ ڇنڊا نہ لڳن. هوريان هوريان ان وٽ اچڻ گهٽ ڪندو ويس ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ صفا بند ڪري ڇڏيم. وقتي سڏائيندو هو تہ ويندو هومانس نہ تہ تہ پاڻ نہ.

”سندس پيءُ ماءُ جي چالاڻي ڪانپوءِ هو ويتر ڇڙواڳہ ٿي پيو. شهر ۾ هو ’عياش‘ جي نالي سان بدنام ٿي چڪو هو. شريف هن وٽ وڃڻ ڪان ڪيٻائيندو هو. چمچن ۽ مطلبي ماڻهن ڪانسواءِ سيئي مٽ مائٽ ڇڏي ويس.

”تڏهن تون پنجين ورهين جو ۽ شويا جي عمر ٽي ورهيہ هئي. شويا کي جنم ڏيڻ بعد جلد ماڻس گذاري وئي. وري مراري لعل کي ڪنهن پنهنجي ڇوڪري ڪونہ ڏني. سچ پچ هو شادي ڪرڻ بہ نہ پيو چاهي. اهڙي ٻنڌن کي هن پنهنجي عياشي زندگي ۾ رڪاوٽ محسوس ڪئي. هڪ ڏينهن سندس نوڪر مونکي سڏڻ آيو. مان ان سان گڏ سندس گهر پهتس. حيبت ناڪ نظارو ڏٺم. مراري لعل نشي ۾ هو. پلنگہ تي مورڇت اگهاڙي عورت هئي. مان سڀ ڪجهہ سمجهي ويس. ڪميني ڪمينائپ ڪئي هئي. مون کي باهہ وٺي وئي. غصي ۾ چيومانس، ”مونکي اهو سڀ ڏيکارڻ لاءِ گهرايو اٿي؟“

هو ڏڪڻ لڳو. گنهگار ۾ سگهہ ڪانہ ٿي ٿئي. پنهنجي پاپن ۾ ئي هو مرندو رهندو آهي. هنجي ڪنبڻ ڪري مون ۾ دوستيءَ جو جذبو جاڳيو. چيومانس، ”ايترو ڇو ٿو ڪنبي؟ اڳہ تہ ڪڏهن ڪونہ ڪنبين پاپ ڪندي؟“

هيءَ شريف عورت ٿي ڏسجي. ڪنواري بہ ڪانهي. پوليس کي پتو پيو تہ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو، توکان ڳجهو ڪونهي.“ هن چيو.

”ڪنبي بہ ٿو تہ ڪيچر ۾ مرين ڇو ٿو؟“ مون چيو.

”هيءَ شريف عورت هوش اچڻ تي آتم هتيا ڪندي. پوليس مونکي ڪڏهن نہ ڇڏيندي.“

مراري لعل ستيءَ جي ست کان ٻڃي ويو هو. ڪڪرم ايترو درہل آهي اڄ مونکي پتو پيو. منهنجي من ۾ غصي ۽ همدرديءَ

ڇوڪرن سان پئي گهمندي هئي. ڪڏهن ته راتين جون راتيون گهر کان ٻاهر گذاريندي هئي.

”هڪ ڏينهن اوچتو مراريلعل موٽر تي چڙهي مون وٽ آيو. مون کي هن لاءِ سخت نفرت هئي. سنئين منهن سان نه ڳالهايومانس. سوچيم بنان مطلب جي ڪمينو ڪونه آيو آهي. فوٽن جي ڪري ڪو به ڪنو ڪم ڪري ٿي سگهيو.

پشاچ شوپا جي مائٽن توسان ڪرڻ جي آڇ ڪئي. انڪار ڪيم ته فوٽن جي ڌمڪي ڏنائين. مان ٻرڪي ويس. ايترن ورهين جي دپ مون ۾ آتم وشواس جي هتيا ڪري ڇڏي هئي. مون هار قبول ڪئي. تنهنجي زندگيءَ کي پريوار جي عزت مٿان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيس. پر ايترو وشواس ضرور هو ته اهڙي بدڪار ڇوڪري اسان وٽ گهڻو وقت نه رهي سگهندي. وقت هن مان پنهنجو پاڻ ئي پنڊ ڇڏائي ڇڏيندو.

”ٿيو به ائين ئي. سالن جي عذابن کان آجو ٿيو آهيان. مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان. اهو سبق سکيو اٿم ته گندي منش جي مدد ڪرڻ سان به پيڙا پوگي سگهبي آهي.

ستت ئي جيون لعل کي شيام جي مٽٽي ۽ شوپا جي ٻچي وڃڻ جي باري ۾ سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويو. ڏک ٿيس پر ڪڇيائين ڪجهه به نه.

هڪ ٻيري شام جي وقت، جيون لعل، رتي، آيا ۽ شيام هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي شوپا جي ٻچي وڃڻ جي گهٽنا تائين پهچي ويا.

جيون لعل پڇيو، ”تنهنجي ڊئڊيءَ کي دک ته گهڻو ئي ٿيو هوندو جو شوپا گهر ڇڏي هلي وئي.“

”گهڻو نه. هوءَ ڪو سٺي ڇوڪري ڪونهي. ٻچي وڃڻ جو ڏک مونکي ته بنهه ئي ڪونه ٿيو. هوءَ به اسان جي گهر گهڻو وقت نه جالي سگهي ها.“ شيام وڌيڪ گهڻو نه چوڻ پيو چاهي. جيون لعل ٻيو سوال پڇيو،

”ڇوڪرو به مراريلعل جي جات جو ڪونهي؟“

منهنجا ڏکہ چالو ٿي ويا. ڏهن ٻارهن ڏينهن کانپوءِ مراريلعل مونکي سڏايو. ملڻ سان معلوم ٿيو تہ سندس تيور بدليل هئا. نيچ جي نس نس ۾ نيچتا ڀريل هئي. ويهندي ئي هڪ لفافو مون ڏي اڇلائي چيائين، ”پرشوتم، مون کي خبر کانہ هئي تہ تون بہ اهڙو ئي آهين.“

”ڇا ڳالهہ آهي مراري؟“

هو ڪليو. ڪل ۾ بدڪاري هئي. لفافو کڻي پاڻ ئي کوليائين ۽ مون کي ڏنائين. لفافي ۾ ڪجهہ هو، ڏسي مونکي چڪر اچڻ لڳا. محسوس ڪيم تہ ڪران ٿو. هو ايترو ڪمينو ٿي پوندو، سپني ۾ بہ مون نہ سوچيو هو. سچ آهي وشنا مان ڪڏهن بہ سگنڊ ڪونہ ايندي. مون مان هن کي ڪو خوف ڪونہ هو. تہ بہ اهڙو ڪڏو ڪم ڇو ڪيائين؟ سمجهي نہ سگهيس.

لفافي ۾ ٽي فوٽو هئا. هڪ ۾ مان ان عورت کي اٿڻ ۾ مدد ڪري رهيو هوس. ٻي ۾ پلنگ تي گڏ ويٺو هوس ۽ ٽين ۾ هن سان گڏ گهر کان ٻاهر نڪري رهيو هوس. هڪ فوٽو ۾ استري اڌ اگهاڙي هئي. منهنجا وائيسر ئي لڏي ويا. ٿوري دير ۾ پاڻ سنڀالي ورتم. ڪروڌ ايترو اچي ويو جو سوچيم تہ ڪميني کي گهٽو ڏئي ماري ٿو ڇڏيان. پر الائي ڇو هٿ رڪجي ويو. پاڻ کي دلائي چيومانس، ”ڪمينو نہ ٿيءُ. عزت دار انسان جي مٽي پليت ڪرڻ ۾ توکي ڪهڙو مزو ٿو اچي.“

هو پشاچ وانگر کلڻ لڳو. چيائين، ”پاڻ تي وشواس ڪونهي. هميشه دٻ رهندو تہ متان تنهنجي منهن مان ڪجهہ نڪري نہ وڃي. هي فقط توکي خاموش رکڻ لاءِ آهن. جيتوڻيڪ پڪ آهي تہ تون ڪڏهن بہ اها ڳالهہ ڪنهن سان ڪونہ ڪندين. هي فوٽو آخر تائين توکي روڪيندا رهندا.“

سڀ ڪجهہ حالتن تي ڇڏي ڏنم. پندرهن ورهيہ گذري ويا. مراريلعل گهٽو بدنام ٿي چڪو هو. گهر جي گندي سنسڪارن شوڀا کي بہ گندو ڪري ڇڏيو. هوءَ بدچلن ٿي پئي. مراريلعل ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن سني گهر ۾ شادي ٿيس پر شوڀا کي ڪنهن ڪونہ قبوليو. هن بہ شاديءَ کان انڪار ڪيو. سڄو ڏينهن لوفرن ۽ بدچلن

”اها خوشي گهڻي، آڊمبر وڏيڪ آهي. ڏيکاءَ جي ساراهه ڪري آنند ملندو آهي. خود کي هين ڪان سرس ٿي ڏيکارڻ ڪري جا واهه واهه ملي ٿي، ان ڪري ئي اهڙي نگوري رواج جو جنم ٿيو آهي. اوائلي ڏاج دان جي روپ ۾ هو. ماتا پتا پنهنجي دل جي ٽڪري کي هئي پريوار ۾ سکي ڏسڻ لاءِ ڪنيا دان سان گڏ پنهنجي حيثيت انوسار ڪجهه هيو به دان ڪندا هئا. ان کي پيچ مڃيو ويندو هو. هاڻي اهو دان ڏنڊو ٿي پيو آهي. دان گهربو نه آهي، بکيا گهربي آهي. بکيا بکاري گهرندا آهن.“ چوندي آپا جو منهن ڳاڙهي هئي ويو.

رتي آپا کي شانت ڪندي چيو، ”آپا، اهو وعظ ڪنهن ميٽنگ ۾ ڏين ها.“ چئي رتي مشڪي. آپا به مشڪي ڏنو ۽ چيو، ”سچ پچ جي موقعو مليو ته ضرور پنهنجا ويچار رکندم.... ڏسو، جيڪو ڪجهه ڇوڪريءَ کي ڏاج ۾ ملي ٿو اهو سمورو ان وٽ ئي رهي ٿو. گهٽيون ته پنهنجي گهوٽن کي وس ۾ ڪري، سس سهري کي پڇن ئي نه ٿيون. جن جي ماءُ پيءُ ڏاج ڏاهڻ لاءِ جڳهه زمين وڪڻي وڏي تڪليف ڏني آهي، انهن جي دلين ۾ سس سهري لاءِ عزت ڪونه رهندي.

”انهن وٽ جيڪي ڪجهه پيڪن مان ايندو ته ڪروڌ جو باعث ٿيندو. اهو به ڪارڻ آهي ته ساهري اچڻ سان گهر ۾ اشانتي پئدا ٿي ٿئي. ڪيترو ۽ گهڻو وڌي ٿو. جهيڙو به ٿين. طلاق ٿئي. سڪ جي تلاش ڪندي ڪندي پيڙا ٿي ملي. هڪ به ٻار ٿيڻ سان جلد ئي ڪٽنب ٽٽي ٿو. زال مڙس نئون گهر ٺا وسائين. ڇوڪرو ٻڍاپي جو سهارو ثابت نه ٿو ٿئي، ٻڍن کي ٻڍاپو دک سان ٿو گذارڻو پوي.“

سيني کي محسوس ٿيو ته آپا اجان ڪيترو ڳالهائيندي. شيام روڪيندي چيس، ”ڪٿان ٿي سکين ايترو. تنهن ڏينهن ’ڏياريءَ جي رات‘ کي ڪنوار ناهيئه. اڄ ڏاج تي ڊاڪٽريٽ وٺنديءَ ڇا؟“

”ڇوڙ ڏيوس. ساگر ۾ طوفان آيو آهي. طوفان جي ڀينڪرتا کي جنهن سنو آهي، پيڙا ته اهوئي ڄاڻي.“ رتيءَ وچ ۾ چيو.

جيون لعل به ٿڪجي پيو هو. هوريان هوريان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويو.

”اهو صحيح آهي. هتي جات پات جو سوال ڪونهي.“

”پر بدنامي نہ آهي.“ رتيءَ چيو. آيا چپ نہ رهي سگهي.

”لوڪ آهي ہوڪ. اهڙيون ڳالهيون شل ڦهلجن. مٿان تہ دڪہ ظاهر ڪندا پر اندر ۾ ڪئيون پيا هٽندا.“

”تنهنجو مطلب تہ شوڀا ٺيڪ ئي ڪيو.“ رتيءَ پڇيو.

”ها. اسان لاءِ ٺيڪ ڪيو. هن لاءِ بہ ٺيڪ ئي هو، تڏهن تہ اهڙو قدم کنيو اٿائين. سماج لاءِ پل ٺيڪ نہ آهي. اهو بہ ضروري ڪونهي تہ هڪ جو ’ٺيڪ‘ سڀ لاءِ ٺيڪ هجي.“

”تون تہ شوڀا جو پاسو ٿي کڻين.“

”بلڪل نہ ...جيڪڏهن غير جاتيءَ واري ہي ڪا ڇوڪري پنهنجي پريميءَ سان هلي وڃي سِول مئريج ڪري اچي تہ توهان جي نظر ۾ هن ٺيڪ ڪيو يا نہ؟“ آيا شانت بيٺل پاٽيءَ ۾ زور سان پٿر هڻي ڇڏيو. ڏيري ڏيري گولايون ويون ويڪريون ٿينديون. ڪيتريون گولايون الوپ بہ ٿي ويون، سمڪ ئي ڪونہ پئي. ٿوريءَ دير ۾ پاڻيءَ مٿان خاموشي اچي وئي.

آيا کلي ڏنو. چيائين، ”سوال شوڀا جو ڪونهي. شوڀا شيام بابوءَ جي منگيتر هئي. هوءَ بدچلن هئي. پڇي وئي تہ ڇنڪاري جو ڀاوَ محسوسجڻ لڳو. پر ان جي جڳهہ غير جاتيءَ جي ڪا سشيل ڇوڪري سان سشيل غريب گهر جي وڏور ڇوڪري پريم ڪري هلي وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ مونکي گهڻي خوشي ٿيندي. هڪ مرض جيڪو سماج جي ڍانچي کي ڪئنسر وانگر ڳاري رهيو آهي. ڏيتي ليتيءَ جي نگوري مرض کان سماج جلد آزاد ٿي وڃي جيڪڏهن اهڙا مثال لڳاتار ٿيندا رهن. ڏاج سؤدو ٿي پيو آهي. سيٺن ۾ پريم ۽ تياڳہ جو تہ نالو ئي مٽجي ويو آهي. گهوٽيتا سڄو وقت ڪنواريتن جي پوئتان اچي پيا آهن... اسان جي دادا ہڌايو آهي تہ اڳہ سيٺن ۾ حب هئي. سيٺ نيڻ چوائبا هئا. سيٺن جو مان هو، رتبو هو.“

جيون لعل مشڪي ڏنو. چيائين، ”اڳہ جي پريت رهي ڪٿي آهي.“

”پر جي ڪوئي خوشيءَ سان پنهنجي ڌيءُ کي ڏي؟“

تہ ڪانهي. ڏکي ڪڙي آهي. جڙندي جڙندي وڏيڪ ٿي ڏکي ٿيندي وڃي.“

”ديدي! جي ڪڙي ٽُٽي پوي تہ؟“

”پرماتما نہ ڪري آيا، ڪجهہ اهڙو ٿئي. اسان جا برا حال ٿي ويندا. دادا تہ اسان جو آڌار آهي. ان سهاري تہ ڪڏون ٿا. نہ تہ دنيا جي سمنڊ ايترا مگر مڇ (واڳهو) پاليا آهن جو موقعو ملنديئي ڳڙڪائي ويندا.“

”پر تہ بہ، ان طرح زندگي ڪيئن گذرندي؟“ آيا اکيون اُڪهي چڏيون.

”پڳلي! گذري ويندو وقت. جيئن هلي، هلڻ ڏي. اعتراض ئي ڪهڙو؟“

”زندگي ان طرح ڪٽجي، مون کي قبول ڪونهي. زندگيءَ جو مقصد ڪجهہ ٻيو بہ آهي، جنهن تائين پهچڻ باقي آهي. ان طرح تہ ڪيئنئا بہ ٿا رهن.“

”ڪهڙي زندگي تون جيئڻ ٿي چاهين، آيا؟“

. اهو ئي تہ سمجهي نہ ٿي سگهان. ڪٿي تہ خال آهي، جنهن کي پرڻ مقصد آهي. جيڪڏهن زندگي اها ئي هجي ها تہ ضرور مان خوش هجان ها. پنهنجي ڪمتري محسوس ڪونہ ٿئي ها. اهڙو ڪجهہ آهي جو اسان چاهيون ٿا تہ اسان ۾ هجي. پل چاهہ الڳہ الڳہ هجي.“

مطلب سمجهي بہ رتيءَ ڳالهہ بدلائڻ جي لاءِ چيو، ”اڄ ڪالهہ تون فيلسوفي ڳالهيون ٿي ڪرين. ڪهڙي ڳالهہ آهي آيا؟“

پر آيا ساڳي سنجيدگيءَ سان چيو، ”اهو من جو بوجهہ جيڪو سدائين وڌندو ٿو رهي، ڪڏهن هلڪو ٿيندو، ديدي؟“

”هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ آيا، ڇا مان هن ڪٽنب لاءِ بوجهہ آهيان؟ توهان مونکي بوجهہ ٿا سمجهو؟ اري پڳلي، ڪٿي اهو تہ ڪونهي تہ تنهنجي اندر جي ودروهہ توکي گهٽو بيچين ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي وچڻ ڪانپوءِ تنهنجو وارو ايندو.“

”نہ ديدي نہ. اهڙو ڪجهہ بہ ڪونهي. مان دادا کي ڪڏهن

”ڪهڙي پيڙا آهي آپا جي؟“ شيام پڇيو.

”آپا کي نه.....(ٿورو رڪجي) ڏسو، ديدي ڪنهن ڳالھ ۾ گهٽ آهي. چنڊ جهڙو چهرو، گل وانگر نڙيل ۽ مکڻ جيان ملايم... تڏهن به لکن جي گهُر ٿي ٿئي. ڪمائو آهي. سال ۾ اڌ لک جي لڳ ڀڳ آٽيندي. تڏهن به ڏاج جي بک. اهي انسان نه، پشاچ آهن، جن کي ٻين جو ماس ۽ خون ٺو منو لڳي.“

”پليل آهين آپا. سڀ اهڙا ڪونه آهن.“

”هوندا ڪي لکن ۾ هڪ ٻه، پر انهن جو مثال ڪير ٿو وٺي.“

رتيءَ ڏنو ته جوش وڌندو ٿو وڃي. ڪٿي خود نه مرڪز بڻجي پوي. آپا کي روڪيندي چيائين، ”هلو، چاءِ ٿا پيئون. مان چاءِ ڪٽي ٿي اچان.“

آپا ٿڌي ٿي وئي. مشڪي چيائين، ”ديدي، شيام بابو به لکن ۾ هڪ آهي.“ سڀ کلي وينا. ڪمري ۾ سهجتا اچي وئي.

چاءِ پيئندي شيام چيو، ”ڪڏهن ٿا گهر اچي رهو. هاڻي ته بدناميءَ جو خوف ڪونهي.“

”توهان وٽ ته نه. پر توهان جي مڪان پرسان هڪ مڪان خالي ٿيو آهي. پروفيسر سمن جي ڪوارٽر جي لڳ ته آهي.“

”ها، ها. پروفيسر صاحب ڏاڍو ڀلو ماڻهو آهي. سڀ ڀاڙو عزت ڏيندو اٿس.“

آپا ٻڌايو ته پروفيسر سمن ئي هنکي ساهتيه پڙهائيندو آهي. هن کي گهڻي سِڪ ڏيندو آهي. هنجي همت افزائيءَ سان ئي هوءَ ڪجھ سکي سگهي آهي.

مڪان بدلجڻ کان ڪجھ ڏينهن بعد هڪ ڀيري آپا رتيءَ کي ٻڌايو ته دادا جي اکين ۾ ڳوڙها ٿا ڀرجي اچن.

”مون به ڏٺو آهي.“

”دادا جي من جي پيڙا جو حل ڪهڙو آهي، ديدي؟“ آپا اکين ۾ آب آڻي پڇيو.

”توکي ته خبر آهي ڀيڻ، ته اسانجي وڃڻ کانپوءِ دادا اڪيلو ڪيئن رهي سگهندو؟ ڪير آهي اسانجو مٽ مائٽ. زندگي ٿوري

جي حالتن کان واقف بہ آهي. اهو سون ڇڏڻ وڏي ڀل ٿيندي. دادا جي من جي مراد بہ آهي. دادا جي هڪ اکہ جا ڳوڙها رُڪجي ويندا.''

رتيءَ کي ڪجهہ ياد آيو. ٿورو مشڪي چيائين، ''دادا جي اکين جا آنسون اسان جي اُڪلائڻ لاءِ آهن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي پر ڪجهہ وقت اڳہ جيڪي آنسون تنهنجي اکين ۾ هئا اهي دادا جي اکين جي آنسن لاءِ پوري طرح ڪونہ هئا.''

آپا وائڙي ٿي وئي. چيائين، ''پوري طرح يا اڻپوري طرح. مان ڪجهہ نہ ٿي سمجهان ديدي.''

''نہ آپا، تون ٻين جي ڳالهين کي ڪوڙ بنان بہ نتائي سگهين ٿي پر مونکان تون لڪي ڪونہ سگهندينءَ. اسان ٻنهي جي ويچارن ۾ وروڌ تہ آهي ڪونہ. پوءِ ٻڌائي ڇڏ تہ تنهنجي اندر ڪير آهي؟''

''سچ پڇ ديدي، هيل تائين تہ مونکي ڪوئي ڪونہ ٿو سُجهي.''

چڱو. مڃان ٿي. چڱو، اُٿ، بند ڪر. دادا جي چاءِ لاءِ دير ٿي وئي آهي.

■■

ڳالهہ ايئين ئي هلي وئي. ڏينهن گذرڻ لڳا. شيام جو نيم ٿي ويو. هو روز ايندو هون. ڏيري ڏيري رتي ۽ شيام گڏ آفيس وڃڻ لڳا. سنيه ۾ ڪشش پئدا ٿي وئي. الڳہ نہ ٿيڻ جي چاهنا ٻلوان ٿي وين. ان ڪري جيترو وقت وڌيڪ ملندو هون گڏ ئي رهندا هئا.

اهو لڳہ ڀڳہ طيءِ ٿي ويو هو تہ جيستائين آپا ڪنهن ڪم سان نہ لڳي تيستائين هو شادي نہ ڪندا. ان لاءِ سوچيندا بہ ڪونہ.

هنن جي جيون ڌارا کي هڪ دِشا ملي وئي هئي، جا سرل، سؤلي ۽ بنان اوهڙ ڪاهڙ جي هئي. ان ڪري ٻئي سنتوش محسوس ڪندا هئا.

جيون لعل کي بہ آٿت هو. هن ايئين پئي سمجهيو تہ رتيءَ لاءِ هنجو فڪر گهٽجي ويو آهي. آپا لاءِ ضرور سوچيندو هو. اهو بہ آهاس هوس تہ آپا اڪيلي ڪونهي. رتي ۽ شيام لائق آهن. ويل نہ وڃائيندا.

ٻه اڪيلو نه ڇڏيندس. جي اهڙو وقت آيو ته ٻه دادا اسان ساڻ گڏ هوندو.''

''ڏاڍي سٺي آهين، ڀيڻ، منهنجي پياري آپا.'' چئي رتي وڏي اچي آپا کي چميو. ٿورو سهج ٿي وري چيو، ''سڀيه چوائيندڙ هيءُ سنسار اڃان ٻه جهنگل آهي. پراچين وقت ۾ جيئن شڪاري ڪنهن کي پڪڙي پنهنجي مرضي موافق ان کان ڪم وٺندو هو، اڄ ٻه اهڙو ڪجهه ٿي رهيو آهي. اسان ٻه اهڙن شڪارين جا شڪار ٿي سگهون ٿا. تنهن هوندي ٻه نرٻل ٿيڻو ڪونهي. مضبوطيءَ سان مقابلو ڪرڻو آهي. جي ٿوري ٻه ڪمزوري آئي ته جانور نه ڇڏيندا. وقت اچي سگهي ٿو جو اسان کي الڳ ٿيڻو پوي. پر تڏهن ٻه ٻلوان ٿيڻو آهي.''

آپا کي 'الڳ' لفظ چرڪائي ڇڏيو. جذباتي رخ جو وهڪرو بدلجي ويو. آڪاش جي فلاسافي ڌرتيءَ تي اچي پهتي. آپا چيو، ''ديدي، شيام توکي سٺو نه ٿو لڳي؟''

رتيءَ ٻه پاڻ کي سنڀالي وئي هئي. سانتيڪي نوع ۾ چيائين، ''منهنجي پسندگيءَ ناپسندگيءَ سان ڇا ورندو. منهنجي سٺي لڳڻ سان ٿي ته ڪم نه هلندو؟''

آپا هلڪو مشڪي چيو، ''جي شيام جا ماءُ پيءُ توکي قبول ٿا ڪن ته توکي 'نه' نه ڪرڻي آهي، ديدي.''

الائي ڇو رتي وري جذباتي ٿي وئي. چيائين، ''نه، اهو مونکان نه ٿيندو. مان توهان کي الڳ ٿيڻ جي ڪلپنا کان ئي ڊڄان ٿي. مان اهڙو ڪجهه نه ڪري سگهندس جو اسان کي جدا ٿيڻو پوي. مان ته وڏي آهيان. وڏي ڀيڻ امڙ برابر آهي. مان ته تنهنجي هٿن تي ميهندي هڻندس، پڳلي. اڙي، ڇڏ اهي ڳالهيون. دادا کان پڇي اچ ته چاء ٿاهيون.''

پر آپا ته پنهنجي ڳالهه کي پڪڙي ويٺي هئي. چيائين، ''نه ، ديدي، نه. اهي پراڻيون ڳالهيون ڇڏي ڏي. سچ جو درشن ڪرڻ ئي ڌرم آهي. هر هڪ سچائي اول ڏکدائڪ ٿي ٿئي، پر اها ڏسندي خوشي ته ٿئي ٿي. شيام جهڙو لائق ٻيو ڪوئي ڪونهي. ان ۾ توکي ٻه شڪ ڪونهي. ان ڪانسواءِ هو توکي چاهيندو ٻه آهي. هو اسان

نديءَ جو ڪو ’چوڙ‘ ڪونهي، ڪو ڪنارو ڪونهي، جتي ٽڪرائي موٽ ٻائي. سنيه تہ فقط هلندو رهندو آهي، وهڻ ئي ان جو ڌرم آهي. هيءَ تہ داتا جو اهڙو پدارٿ آهي جيڪو فقط ’ويندو‘ ئي آهي. ٻئي وٽ ’وڃي‘ اهڙي ئي ٻي ’ڌارا‘ ٿي وهڻ لڳندي آهي. اهڙي طرح اهو سلسلو اننت تائين جاري ٿو رهي. سنيه ۾ ٽمٽار هردو ’موٽ ۾ وٺڻ‘ لاءِ سوچي بہ نہ ٿو سگهي. اهڙو واپار ڪندي ٻيو ڪجهہ ملي بہ، پر سنيه نہ.

■■

جيون لعل، رتي ۽ شيام بيحد گهڻا خوش ٿيا. پروفيسر سمن لاءِ سڀني جي من ۾ عزت آهي. ڪنهن ڪڏهن ڪونہ چيو تہ هو ڪو عيبدار ٿي سگهي ٿو. بي داغ پروفيسر وٽ آيا سلامت ۽ سؤڪي هئي. هو هن لاءِ زرهہ هو، جنهن تي ڪوبہ هٿيار جو وار، زخم نہ ٿو پهچائي سگهي. ان ڪري جيون لعل بہ پنهنجي من ۾ هلڪو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو. پروفيسر پنهنجي هر هڪ شاگرد کي پنهنجي اولاد سمجهندو هو، آيا بہ هن جي اولاد ئي هئي.

هاڻي رتي ۽ شيام پنهنجي آئينده لاءِ سوچڻ لڳا. آيا جي مٿان هٿ رکڻ وارو سچو انسان ملي چڪو هون.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪندي وقت آيا جي ڪمري ۾ هڪ نوجوان گهڙي آيو. وڏي سليڪي سان نوجوان آيا کي چيو تہ هو پروفيسر صاحب سان ملڻ ٿو چاهي.

نوجوان صاف سٿرو ۽ سهڻو سيبتو هو. هنجو وهنوار اثردار هو. هڪدم ’ها‘ ڪري پروفيسر جي ڪمري طرف وڃڻ جو اشارو ڪيائينس. هو اندر هليو ويو.

ٿورن پلن ڪانپوءِ پروفيسر آيا کي بہ اندر سڏايو. هوءَ بہ اندر وئي. وهڻ ڪانپوءِ پروفيسر ٻڌايس تہ نوجوان جو نالو وشرام آهي ۽ پراچين ڪويتا ۾ ’سينگار رس‘ تي ٿيسس ٿو لکي.

آيا مشڪي آجيان ڪيس ۽ وشرام بہ ساڳئي لحظي ۾ ڪيڪاريس. ڪجهہ وقت ٿيسس جي باري ۾ ڳالهائي وشرام هليو ويو. هنجي وڃڻ ڪانپوءِ پروفيسر آيا کي ٻڌايو تہ وشرام ڌنوان سنتان هوندي بہ پڙهڻ ۾ گهڻو چاهہ ٿو وٺي. آئينده ترقي ڪندو، ان ۾ شڪ ڪونهي.

هنجي بيماري ڪڏهن اُبرڪو ڪائيندي هئي ته سڀ بيچيئن ٿيندا هئا پر دوائن جي اثر ڪري هو پيو تڳندو رهندو هو. دوائون بند ڪونه هيس.

■■

هڪ ڏينهن ڪاليج بند ٿيڻ ڪانپوءِ پروفيسر سمن آيا کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو.

آيا آئي. پروفيسر جي سامهون ٽيبل تي ڪيترا ڪاغذ پکڙيل پيا هئا. جڏهن آيا ڪرسيءَ تي ويٺي ته هڪ لفافو پروفيسر آيا کي ڏئي چيو، ”تنهنجي نوڪريءَ جو اپائنٽمينٽ آرڊر.“

لفافو هٿ ۾ وٺندي ئي آيا جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي. پروفيسر صاحب جون هن مٿان جيتريون مهربانيون هيون، هوءَ ئي ڄاڻندي هئي. ماحول کي هلڪو ڪندي پروفيسر چيو، ”هڪ پوسٽ ڪريئيٽ ٿي هئي. ان جي قابل تو کانسواءِ ٻيو ڪونه آهي.“

شردا ۽ سنيه پريل ڪم پئسن جي ڪم کان وڌيڪ جذبات دار ۽ سنو آهي. پنهنجن اکيان جذباتي ٿيڻ اجايو آهي. اکين جي ڪنڊن کان وهي آيل بوندون اُگهي آيا چيو، ”سَر، منهنجي سڪ کانسواءِ توهان ٻيو ڪجهه سوچي ئي نه ٿا سگهو. مطلب توهان جي گهيري کان ٻاهر آهي. مان ته توهان جي پيرن جي لٽل ڌوڙ برابر به نه آهيان. اهاپويتر مٽي مٿي تي لڳائي ڀاڳ کي ڌنيه سمجهندس.“

آيا ڄاڻي ٿي ته وديا، ٻل ۽ گيان هنگي پروفيسر کان ئي مليو آهي. هنجي ڪٽنب لاءِ جيترو اونو هن ڪي آهي، سنسار ۾ شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪي هجي. هوءَ هنگي ديوتا مثل سمجهندي هئي. من ۾ هن لاءِ شردا هئس. پنهنجي مٿان ديوتا جو قرض مڃيندي هئي. سمجهي نه سگهندي هئي ته قرض ڪهڙي طريقي چڪائيندي.

پر سنيه جو قرض ڪڏهن نه لهندو. ڇا ماتا جي ڏنل دلار جو ملهه ڪوئي ڏئي سگهندو؟ ان جو واپار ڪونه ٿو ٿئي. ماتا جو دُلار ته فقط ملندو آهي. ان جي موت ڪهڙي؟ آهي ڪنهن وٽ اهڙي دولت جو ان جي قيمت ادا ڪري سگهي؟ ماڻڪ موتي به ان اکيان ڪجهه ڪونهن.

سنيه جو ملهه ڪيول ’ڏيڻ‘ ۾ آهي، ’چڪائڻ‘ ۾ نه. سنيه جي

هزار دفعا وڏيڪ پيڙا ٿي پوڳڻي پوي. سچي عياشي جيون جي خوشي هڪ پل ۾ زهر مثل ٿي پاسڻ لڳي. تڏهن سوچڻ لڳن ٿا تہ هنن جي ڪيل ڪڪرمن ئي هنن جي ڏيڻن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن پڇتائڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ نہ ٿا ڪري سگهن. پڇتاءَ جو زخم ناسوز بڻجي ديهہ ۾ زهر پئدا ڪندو رهندو آهي. جلد ئي سچو خون زهر ٿي پوندو آهي.

سيٺ مراري لعل جي شرير جو خون بہ زهر ٿي چڪو هو.

اڪثر رتي ۽ شيام آفيس مان دير سان اچڻ لڳا. آفيس بند ٿيڻ ڪانپوءِ هو ڪنهن بغيچي ۾ ويهي روح رهاڻ ڪندا هئا.

آيا وشرام لاءِ ڪتابن جو بندوبست ۽ لڪيل ليکن کي فيئر ڪرڻ لڳي. بحث مباحثي ڪندي ڪنهن سني نتيجي تي پهچڻ ۾ هوءَ مدد ڪندي هئي. ڏيري ڏيري آيا جي گيان جو بہ واڌارو ٿيڻ لڳو. گيان جي ڪا حد ڪونهي. هيءُ پندار ڪٽڻ جو نہ آهي. گيان اندر ۾ روشني تہ ڪندو ئي آهي پر ٻاهر بہ پرڪاش ڏيندو رهندو آهي. جيون ۾ سچو رستو ڏيکاريندو آهي. منش جي ڄاڻ ڪرائيندو آهي.

آيا محسوس لڳي تہ هوءَ پروفيسر ۽ وشرام جي ٿورائتي آهي. جيڪي ڪجھ هن کي مليو پئي اهو سڀ انهن جي سهڪار سان ئي مليو پئي. هوءَ پاڻ ۾ ٻُڌي ۽ ٻل جي ڌارا کي اندر انڀوءُ ڪرڻ لڳي. هوءَ هاڻي سچ ۽ ڪوڙ جي ساڃھ ڪري سگهي پئي. هن ٻنهي کي گرو روپ ۾ ڏٺو پئي هڪ پتا گرو هو تہ ٻيو ساٿي گرو هو.

■■

هڪ ڏينهن بغيچي ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندي آيا وشرام کان پڇيو، ’’’سينگار رس‘ ٽاپڪ ئي ڇو ڪنيو اٿوَ؟‘‘

هونءَ تہ ٻيا بہ رس آهن، ڪرنا رس، ويڀشڪا رس، وير رس وغيره پر ازغئبي ويچار آيو تہ سينگار رس تي ڇڱو ڪجھ لکي سگهندس.‘‘

ازغئبي لفظ اچ ڪالھ ڪجھ عجيب ٿو لڳي. منش جو ڪجھ ڪري ٿو، ڪنهن نہ ڪنهن سوچ سان يا ايئين چئجي تہ ڪنهن ڪشش سان. مجبورن بہ ضرور ڪجھ ڪيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿي توهان اهو ٽاپڪ ڪنهن مجبوريءَ سان ڪونہ ڪنيو آهي.‘‘

’’ڏس آيا، خوبصورتي هر هڪ کي مائل ٿي ڪري، خوبصورتي

آيا کي محسوس ٿيو تہ ڪجھ نيڪ ئي ٿيو آهي. ان ڏينهن ڪانپوءِ وشرام جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رهيو. ڏيري ڏيري آيا ۽ وشرام هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ويا. وشرام جي سشيل سڀاءَ ۽ شاندار شخصيت آيا کي پنهنجي طرف ڇڪيندا رهيا. جذباتي دل کي جي ڪا پسندگي ملي وئي تہ هوءَ ان کي پنهنجو ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي. ناڪام ٿيڻ جي حالت ۾ ان جي اڳيان زندگي ۽ موت هڪ جهڙا ٿي ٿا پون.

آيا وشرام ۾ پنهنجو عڪس ڏسڻ لڳي. سينگار پريمي، ٻئي سندر سروپ ۾ سندر آتما بہ ڳولهيندا آهن. سندر شيءِ همٿ افزائيءَ جو باعث بہ ٿي پوندي آهي. ٻنهي جي اندر اهڙو ڏارا جو وهڪرو چالو ٿي چڪو هو.

شيام جي ماتا پتا کي ڄاڻ هئي تہ رتي ۽ شيام هڪ ٻئي جي قريب آهن پر چاهين پيا تہ ڳالھ رتيءَ جو پتا شروع ڪري. ان ڪانسواءِ پرشوتم داس اڃان مراري لعل جي ٻڌڻ کان آزاد ڪونہ ٿيو هو. شوڀا جي پڇي وڃڻ ڪانپوءِ مراري لعل سان ملڻ چاهيندي بہ همٿ نہ پيو ساري سگهي. ڊپ هوس تہ متان مراري لعل پنهنجن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ نہ سمجهي ۽ ويتر خراب هلت هلي. دوکيباز تي وشواس ڪرڻ ناداني هئي.

سيٺ مراري لعل کي ڌيءَ جي پڇي وڃڻ جو ڏاڍو ڏکہ ٿيو هو. جيترو ڀروسو هوس اوترو ئي نقصان ٿيو هوس. هوءَ ٻُري سنگہ ۾ اڃان بہ وڌيڪ بگڙي وئي هئي. ڪنهن جي جهل کان ٻاهر هئي. پنهنجي پتا جي پسندگي هن کي قبول ڪونہ هئي. هنجي پسندگي هئي ڪاليج جو گندو دادا.

سيٺ سمجهڻ لڳو تہ هو پنهنجي ڪرتوتن جو ڦل ڀوڳي. سڄي عمر جيڪي ڪڪرم هن ڪيا، اهڙا ئي ڪکرم هنجي ڌيءَ ڪندي ٿي رهي. هن ٻين جي زندگي برباد ئي، سندس سنتان ئي هنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي. عياش ماءُ پيءَ جي اولاد بہ عياش ئي ٿيندي، هن قبول ڪري ڇڏيو.

جيتوڻيڪ عياش ماءُ پيءُ نہ چاهيندا تہ هنن جون ڏيئرون عياش ٿي وئشيائن جي زندگي جيئن. جيڪڏهن اهو ٿئي ٿو تہ هنن کي

تيار نہ هو. هو گنڀير ٿي ويو.

”ڏنوَ. توهان بہ ٻڇي ويا نہ.“ مشڪي آيا چيو. ”سچ نہ اهو آهي تہ منش کي خود مري وڃڻ جو ايترو ڏک ڪونہ ٿيندو، جيترو پنهنجي دل گهرندڙ جي مري وڃڻ تي ڏک ٿئي.“

”اِنَ ڏک ۾ مرڻ کان وڌيڪ وڇوڙي جو وزن ڳورو آهي. موئت وڇوڙي لاءِ زبردستيءَ جو حڪم آهي، جنهن کي هر حال ۾ مڃڻو ئي پوي ٿو. ان ۾ پراڻي جو ڪو حيلو نٿو هلي. ڪمهلو وڇوڙو اجان بہ وڌيڪ پوائتو ٿو ٿئي.“

’وڇوڙو‘ لفظ هنهي کي مرڪائي ڇڏيو. پل ڪانپوءِ آيا ڳالهہ کي اڳتي وڌايو، ”شايد وڇوڙو اسان بہ سهي نہ سگهون.“

”ها. پنهنجي چاهيندڙ جو وڇوڙو دک جو ڪارڻ آهي. پر اهو بہ سچ آهي تہ پوائتي دک جي زخم کي وقت جي ملم ميڻي ٿي ڇڏي. پل زخم جو داغ رهجي ٿو وڃي. پر اهو بہ وقت جي ڪارنهن سان ڍڪجي وڃي ٿو. رهجي ويندي آهي ’ياد‘ جيڪا وقت بوقت ذهن جي پردي تي اُڀري ايندي آهي.“

ماحول گنڀير ٿي چڪو هو. هنهي کي سنو نہ لڳو. آيا اٿندي چيو، ”هلو، هلون ٿا. ڪٿان هليا هئاسين، ڪٿي اچي پهچي ويا آهيون. سينگار رس تہ آنند ڏيندو آهي. هتي تہ خشڪ فضا پئدا ٿي وئي.“

وشرام بہ مرڪيو. اٿيو. هئي شڪوٽر تي روانا ٿي ويا. ٺيڪ ان وقت هڪ ڪار پل پر لاءِ شڪوٽر سان گڏ هلندي رهي ۽ جلد ئي تيز ٿي اڳتي هلي وئي.

ڪار ۾ ويٺل ڪرڙوڊ پرش پرسان ويٺل نوجوان کي چيو، ”هيءَ تہ ريسٽارنٽ واري جڙيا آهي.“

”نہ، هن جي ننڍي ڀيڻ آهي.“ نوجوان ٻڌايو.

■■

هڪ واندي وقت وشرام آيا کان پڇي ورتو، ”شاديءَ جي باري ۾ تنهنجا ڪهڙا ويچار آهن.“

هئي هڪ هئي کي عدد واحد ’تون‘ چئي ڳالهيون ڪندا هئا.

ديھ جي ھجي يا من جي. روپ جي سندرتا سان گڏ ھردي جي سندرتا جي مَتُ ھيو ڪجھ بہ ڪونھي. ان سندرتا جي پريرڻا سان ڪلا جو جنم ٿو ٿئي. ڪلا جي سرشٽي من جو آئينو آھي. منش من کي ڪلا جي معرفت ئي ڏسي سگھي ٿو جي ديھ فقط ھڏين، ماس ۽ رت جو بوجھو ھجي ھا تہ اندريان ڀاوَ ڪلاتمڪ طريقي سان ٻاھر ظاھر نہ ٿين ھا. پريم، نفرت، ويرتا، ڪائرتا، چاھ ۽ چڙ جھڙا انيڪ ڀاوَ آھن جيڪي زندگي جي رستي کي خوشگوار ۽ ڀلاريلا ٿا ڪري سگھن. مان اھڙن منشن مان ھڪ آھيان جيڪو سندرتا ۾ پنھنجو عڪس ٿو ڏسي. ان ڪري ئي شايد ازغئبي شڪتيءَ مونکي سينگار رس ٽاپڪ کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو.“

”چڱو وڏو ليڪچر ڏئي ڇڏيوَ. ڪجھ بہ ھجي. ڪجھ بہ ھجي، اندر ۾ لڪل اچيتن من جي خواھش ئي توھان کي اھو ٽاپڪ کڻايو آھي. ايئن نہ؟“ چئي اڌامندڙ نظر سان آپا وشرام کي ڏنو.

وشرام ڪيول اڻ لکي مشڪ ڇھري تي آندي. آپا کي بہ وٺيو. پل گھڙيءَ ڪانپوءِ وشرام چيو، ”پراچين ساھتيہ ۽ آڌنڪ ساھتيہ جي سينگار رس ۾ گھڻو فرق آھي، اھو سڀ سمجھڻ لاءِ ساھتيہ سان گڏ مورتون، چتر، ٿنيا، محل، مندر ۽ کنڊھر وغيرہ ڏسڻا ضروري آھن.“

”ان لاءِ توھان کي مھينا نہ، ورھيہ لڳي ويندا.“

”سچ پڇ آپا، سچ جي کوج لاءِ صديون بہ ٿوريون آھن. سچ جو ٻيو نالو گيان آھي. گيان اڻميو ۽ بي انت آھي. ھن ننڍڙي زندگيءَ ۾ ساگر جي ڪناري تي ڇھليل واريءَ جي ھڪ ذري جيترو گيان بہ حاصل ڪري سگھيس تہ مرڻ مھل منھن تي مرڪ ئي ھوندي.“

الائي ڇو ’مرڻ‘ لفظ آپا کي سٺو ڪونہ لڳو. چيائين، ”جي ’مرڻ مھل مرڪ‘ جي بجاءِ ’جيون سڦلو ٿئي‘ چئو ھا تہ غلط ھو؟“

وشرام مشڪي ڏنو. چيائين، ”’مرڻ‘ لفظ تہ منھن مان نڪري ويو. پر ان لفظ توکي ’مرڻ‘ کان ڊيڄاري ڇڏيو.“

مرڻو سڀ کي آھي. پر ڪمھلو مرڻ سڀ کي ناگوار لڳندو. سچ ٻڌايو جي مان ھينئر مري وڃان تہ توھان کي ڪيئن لڳندو؟“

وشرام بہ ڊڄي ويو. آپا جي اھڙي اڻ وڻندڙ ڳالھ لاءِ ھو بلڪل

ڏسندو رهيو.

”ديھ جي لالچ بنان پريم دلين جي گھرائي ۾ وڃي، شڪتي ۽ پريرڻا روپي ڦل پئدا ڪندو آهي. اهڙي شڪتي دنيا جي هر هڪ غلطي کي لتاڙيندي پنهنجي من پسند مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ هموار هوندي آهي.

”شرير جو سک پل ڀر جو آهي. پوڄڻ ڪانپوءِ ڪچري ڪانسواءِ ڪجھ بہ ڪونهي. اهڙو مطلب اچ زواليت جو ڪارڻ آهي. ان ڪري تہ هر جڳھ هاهاڪار متو پيو آهي.“

وشرام ڏنو تہ آيا ياوڪ ٿي ٿيندي وڃي. ياوڪ من دغا جي ڏک کي ڪڏهن بہ سهي نہ سگهندو. ان ڪري ٿورو هلڪو ٿي پڇيائين، ”شرير جو ميلاپ پريت جو اپمان آهي؟“

”سڀيہ سماج جنهن کي منظور ڪيو آهي، ان جي پيڪڙي پريت جو اپمان آهي ئي. آتمڪ سک بنان ديھ سک ٽڪائو ڪونهي. اهڙو پريم سک پشون مثل آهي. آتمڪ آنند ملڻ سان ديھ ڪيول هڪ تصوير آهي. ديوتا جي مورت من ۾ ڌاري پوڄاري اندر ۾ جهاتي پائيندو تہ پرم آنند ملندس.“

”پر شرير جو روپ پريم کي ڇڪيندو رهي تہ؟“

روپ يا سندرتا جو تہ ڪم ئي اهو آهي. روپ پريم جو واهڻ آهي. سرشٽيءَ جي پئداش اهڙي ساڌن سان ئي تہ ٿي آهي. دک تہ ان ڳالھ جو آهي تہ اهڙو ساڌن اڪثر آتما جي جهلڪ ڏيکاريندي ئي ڍلو ٿو ٿي پوي. آتما جي گھرائيءَ کي حاصل ئي نہ ٿو ڪري سگهي. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو گرهسٽي جيون بہ دکن جو بوجھ ٿو ٿي پوي.“

دير ٿي وئي هئي. گهر ايندي آيا محسوس ڪيو تہ هوءَ اڄ اڳي کان گهڻو وڌيڪ خوش آهي. رات جو هن جي ننڊ غائب ٿي وئي. رميش ۽ وشرام هئي پرش هئا. هڪ ساڙيو هو تہ ٻئي نرملتا ڀريو چنڊو وڌو هو. هن وشرام جي اندر ۾ نبي ڏني. اکيون کوليندي ئي اندر جي منظر هن کي ٻلهار ڪري ڇڏيو.

اوچتو اندر ۾ هڪ نئين سوچ جنم ورتو. ان سوچ ملان ودروھ (بغاوت) جو ليپ لڳل هو. ڪنهن سان بغاوت ڪري، خود سان يا

ڇاڻي ٻجهي آيا ڇيو، ”سنو ويچار آهي.“ چئي هوءَ کلي. وشرام ٻه کلي ڏنو. سمجهي ويو، آيا وٽ جواب آهي، پر ان ڄاڻ تي معمولي جواب ڏنو آهي.

ٻنهي کي هڪ ٻئي جو کلڻ وڻي پيو. دلين جي ميلاپ ۾ هر هڪ نڪتل ويچار وڻندا آهن. آيا چاهي پئي ته وشرام جو اهڙو کلڻ ڪڏهن نه بند ٿئي. کلندڙ چهري مٿان پرڀات جي لالاڻ پئي وسي. کلندي کلندي ڪنهن ڪشش وس وشرام پنهنجو هٿ آيا طرف ڌڪيڙيو. اکين ۾ ڏسندي ئي آيا به هٿ جو سنمان ڪيو. پنهنجو هٿ وشرام جي هٿ ۾ ڏنائين. هن کي احساس ٿيو ته وشرام جي هٿ هنجي هٿ کي هلڪو دٻايو آهي. ٻنهي جي اندر مٺي لرزش پيدا ٿي. پل پر لاءِ هڪ ٻئي ڏي نهاري مسڪرائيندا رهيا.

هونءَ اڳ به ڪيترا دفعا هڪ ٻئي جا هٿ مليا هئا پر اڄ جي ملڻ جو ميناچ بيان ڪرڻ کان مٿي هو. آفيس ۾ ٽيبل جي پرسان ڪم ڪندي، فائيل، ڪاغذ، ڪتاب ڏيندي وٺندي هٿن ته ڇا، موقعن تي شريرن به هڪ ٻئي کي ڇهيو هو، پر اڄ ڪجهه ٻيو هو.

آنند روپي ننڊ مان سجاڳ ٿيندي وشرام وري ساڳيو سوال پڇيو. شايد هن سوچيو هوندو ته جنهن سوال ۾ ايترو ميناچ آهي، ان جي جواب ۾ ته تمام گهڻو ميناچ هوندو.

”مطلب ته وواهه ۽ پريم ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟“ وشرام سوال کي خلاصو ڪندي چيو.

ڏيري ڏيري پاڻ سنڀاليندي، هٿ مان هٿ جدا ڪندي آيا جواب ڏنو، ”وواهه پريم جو مقصد آهي ۽ سماج پاران پريم ماڻڻ جي منظوري.“

وواهه کان اڳ پريم ضروري ڪونهي؟“

”بشرطيڪ ديهه کان دور هجي. ديهه ڀوڳڻ جي محدودي پريم جي ڪشش کي خوشبوءِ سان ڀري ڇڏيندي.“

پل ڀريون وشرام اهڙي خوشبوءِ جو آنند ماڻي چڪو هو، ان ڪري آيا جي سوچ جي سچائيءَ ۾ وشرام کي ڪٿي به هيٺ مٿاهين نظر ڪانه آئي. آيا جي پريم جي وياکيا ايتري سرل ۽ موهڪ هوندي، هن ڪڏهن به سوچيو ڪونه هو. هو فقط آيا جي چهري جي آڀائي

ٿيو هو. شايد توکي بہ اهڙو ڪجهہ احساس ٿيو هجي.''

''انساني فطرت ئي ڪجهہ اهڙي آهي.'' آيا چيو.

ان وقت پروفيسر صاحب اندر اچي ويو. ٻئي چپ ٿي ويا. آيا جي اندر ڏپ جنم ورتو. هن وشرام ۾ ڪجهہ ڪمزوري ڏٺي. هوءَ ڪنبي وئي. پروفيسر صاحب وشرام سان گڏ پنهنجي چيمبر ۾ هليو ويو. آيا کي تسلي ٿي جو هنن هن جي چهري جي رنگت ڪونہ ڏٺي.

■■

هڪ ڏينهن پروفيسر صاحب وشرام کي ٻڌايو، ''سوچنا انوسار ويهہ ڪلو ميٽر پري هڪ سنسان جڳهہ تي هڪ پراچين مندر آهي. اتان جي پوڄاري وٽ پراڻي پانڊو لپي (دستخط) آهي. سڀاڻي اتي هلڻ جو ارادو آهي. سنسان جڳهہ قدرتي نظارن سان ڀريل آهي. جي تون هلين تہ آيا کي بہ چوان. اڪيلو مونکي منجهارو محسوس ٿيندو.''

وشرام 'ها' ڪئي. آيا بہ 'ها' ڪندي هنکي وشواس هو. جڏهن آيا پنهنجي دادا کان موڪل گهري تہ هن بہ هڪدم 'ها' ڪئي. پيءُ جي پڇڻ تي آيا ٻڌايس تہ وشرام، پروفيسر سمن جي گائيڊنس ۾ ٿيسس لکي رهيو آهي.

پروفيسر صاحب جو ٻڌي هن جا سڀ ڀوءَ مٽجي ويا.

ٻئي ڏينهن ٽي ئي مندر پهچي ويا. هنن ديوتا جا درشن ڪيا. پوڄاري اطلاع ملڻ ڪري اول ئي آيل هو. هن وٽ گهربل دستخط هو.

ٽنهي وٽ ٽفن بہ هئا. پڪنڪ بہ، ڪوچ بہ. ڪجهہ وقت مندر جي چئني طرف اُڪريل مورتون ڏٺيون. ڪي مورتون اُگهاڙيون هيون. وشرام ۽ آيا ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. ڪوڪ شاستر جا ڪيترا عڪس اُڪريل هئا. آيا تہ اتان کسڪي وئي. هن جي اندر ناريءَ جي سڀاويڪ لڄا هئي. ٿوري دير کانپوءِ پروفيسر ۽ وشرام بہ اچي هن سان مليا.

پروفيسر صاحب پانڊولپي کڻي مندر جي دالان جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي پڙهڻ لڳو ۽ نوٽس وٺندو رهيو. آيا ۽ وشرام مندر کان ٻاهر اچي ٿورو پريرو قدرتي نظارا ڏسڻ لڳا. منظر ايترا خوبصورت پئي ڏسڻ ۾ آيا جو ڪجهہ وقت لاءِ ٻئي خاموش ٿي پنهنجي ويچارن

اندر ۾ بي وشواس سان. رميش ۾ کيل وشواس جي ڪارنهن هن ڏني هئي. وشواس تہ وشواس آهي. ان جي ڪارنهن ۾ وشواس پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيندو. وشواس بدلجي دغا ٿي پوندو. شايد اهڙي دغا لاءِ هن جي اندر بغاوت جنم ورتو هو.

هوءَ ڪنبي بہ وئي. وشواس تہ وشرام ۾ بہ آهي. ڇا هن غلطي ڪئي آهي؟ اهو وشواس بہ دغا ٿي سگهي ٿو.

پر دلين جي ميلاپ تي ڪير بندش وجهي. وشرام جي لاءِ هوءَ ڇو هارجي وئي. ڪشش جي تند جو ڪو ڇيڙو ڪونهي، ڪو منڍ ڪونهي. اها ڪا ڏٺوي شيءِ ڪونهي، جنهن کي ڇهي سگهجي، ڳهائي وڌائي سگهجي، مٺا سٺا ڪري سگهجي يا موڙي جوڙي سگهجي. هيءَ اٽلڪي ڀاونا آهي جا هڪ ئي وقت هڪ جهڙي، هڪ ئي انداز ۽ مقدار ۾ دلين اندر ٿي پئدا ٿئي. غئبي شڪتي ئي هن کي ملائي ٿي ۽ پاڻ ۾ جذب ٿي ڪري ڇڏي.

وشرام ۽ هن ۾ اهڙو ئي ڪجهہ ٿيو آهي. ان ۾ هيءَ بيوس آهي. ان ڪري هوءَ اپراڌي ڪونہ آهن. نراپراڌي ڪڏهن بہ دغا نہ ڏيندو.

ازخود هن ڪروٽ بدلي. رتي جا پرسان ئي ليٽيل هئي، محسوس ڪيو تہ آيا بيچئن آهي. پڇيائينس، ”آيا، ڇوا اڃان پئي جاڳين؟“

آيا جواب ڪونہ ڏنو. فقط مشڪي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ ملڻ تي وشرام کي پڪ ٿي تہ آيا رات ننڊ ڪانہ ڪئي آهي. وشرام بہ ننڊ ڪانہ ڪئي هئي. پر حقيقت جاڻڻ لاءِ پڇيائينس، ”شايد تو دير رات تائين پڙهيو آهي. پر اڄ ڪالهہ ڇا ٿي پڙهين؟“

”مان بہ ساڳيو سوال ڪيان تہ؟“

ٻئي کلي ويٺا. وشرام چئي ڏنو، ”ان رستي جي راهگيرن جو ڪهڙو حشر ٿيندو، چئي نہ ٿو سگهجي.“

ڪا تڪليف ٿي محسوس ٿئي.“ آيا ٽوڪيو.

نہ، تہ“ ٿورو هبڪندي وشرام چوڻ لڳو، ”انساني سوچ جي ...ائيڪ شنڪا جو هيءُ هلڪو روپ آهي. اهو منهنجي اندر پئدا

پروفيسر کان پڇيو، ''سَر، اهڙي ڌارمڪ سٿان تي هيءُ اگهاڙيون مورتون ڇو؟ ڪو خاص مقصد آهي.''

''انسان جات جو واڌارو اهڙي تريقي سان ٿيو آهي. قدرت ان ۾ اڻ ميو آنند ڀريو آهي. ان ڪري تہ انسان جو وجود رهيو آهي. ڪو وقت هو جڏهن سماج ان کي سنو نہ مڃيو. برهم چريہ جي مهما ڪئي وئي. ڇڙواڳہ استري پرش جي ميلاپ کي ننديو ويو. سماج وواه جي رسم شروع ڪئي، جا ڇڙواڳيءَ مٿان لغام ثابت ٿي. برهم چريہ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ميلاپ کي ڌارمڪ روپ بہ ڏنو ويو. مندر ۾ ان جي موجودگيءَ جو بہ خاص اهو ئي مقصد آهي. ان جي ضرورت محسوس ڪري ئي ان کي مندر ۾ رکيو ويو. جيون جي ٻين ڪلائن سان گڏ ان کي بہ مان ملڻ لڳو. منش جات جي ڪلياڻ لاءِ ان کي ڪلاتمڪ روپ ڏنو ويو.''

''تڏهن تہ ان ميلاپ کي آزادي ڏني وڃي؟'' وشرام پڇيو.

''نہ. آزاديءَ ۾ ديوانگي ايندي ۽ ديوانگيءَ ۾ جهنگليپڻو. پرش ناريءَ کان بدني طور وڌيڪ ٻلوان آهي. هو چاهيندو تہ وڌ ۾ وڌ استريون هن سان ملن. ان ڪري ناريءَ جي لاءِ بہ هو غير ذميوار ٿي پوندو. ناري ڀٽڪندي رهندي. منش جي جننيءَ کي ڪٿي بہ جڳهہ نہ ملندي. تڏهن پشون ۽ منش ۾ ڪو فرق ڪونہ رهندو. تنهن ڪري روڪ ضروري آهي. وواهہ ئي هڪ سنو وسيلو آهي جنهن سان نر ۽ ناري پنهنجي حد بنديءَ ۾ رهي انسان جات کي بچائي سگهن ٿا.

''منش سڀاءَ کان ئي نواڻ کي پسند ٿو ڪري. نر بہ نواڻ گهرندو ۽ ناري بہ نواڻ چاهيندي. هر منش ۾ اڌڪار جي ڀاونا شڪتہ - شالي هوندي آهي. نر ۽ ناري اڌڪار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. جيڪو وڌيڪ ٻلوان هوندو اهو من پسند تي اڌڪار ڪندو. نربل ۽ دربل دٻايو ويندو. ان ڪري 'جيڪو ڏاڍو سو گابو' واري چوٽي انوسار سماج هلندي ۽ جڳت ۾ جهنگل جو راڄ رهندو.

''هڪ ٻي بہ ڳالهہ آهي. ان ڪرت ۾ ٿڪان جلد ايندي آهي. ٿڪان ڪري ڪمتريءَ جو احساس پئدا ٿيندو. ڪمتري منش جي واڌاري ۾ روڪ آهي. تنهنڪري ڪمتري جي جذبي کي ناس ڪرڻ

۾ گم ٿي ويا.

سندر عڪس ۾ ڇپي هئي، جيڪا هنن جي دلين جي اندر ئي اندر اٿڇاتل اٿل پٿل پئي پئدا ڪئي. دلين جي ڌڙڪڻ هنن کي محسوس ٿي رهي هئي. پريان پهاڙن تي ساوا وڻ ائين پيا ڏسڻ ۾ اچن جيئن پريم جوڙا آغوش ۾ پريت پيا وراهن. سورج جي ترورن ڪائنات کي اجان ٻہ وڌيڪ سندر پئي ڪيو.

هئي اڳتي وڌندا رهيا. جبلن جي ڪڏن کبن کان پاڻ بچائيندي بچائيندي هڪ هئي سان ٽڪرائجي پئي ويا. ان وقت اندر ۾ جنبش جي جهنڪار پئي ٿئين. اوچتو آيا جو هڪ پير ڪنهن ڇپ سان ٽڪرائجي ويو. هوءَ اونڌي منهن وچي وشرام جي سيني سانَ لڳي. وقت تي جي وشرام نہ سنڀلجي ها تہ هئي پٽ تي ڪري پون ها. وشرام بجليءَ وانگر تيز رفتار سان آيا کي سنڀالي ورتو.

پنهنجي حالت سمجهي آيا پاڻ کي وشرام کان آجو ڪيو ۽ چيائين، ”هتي ٿا ويهي رهون. اڳتي رستو اٽانگو آهي. شايد ڪري پئون.“

”ڪرنداسين تہ هڪ هئي کي سنڀالي وٺنداسين.“

ماحول ڪجهہ اهڙو ٿي ويو جو آيا پاڻ کي روڪي نہ سگهي. پڇيائين، ”ايتري همٿ اٿي؟“

”سچ. آهي. آيا، اهڙو سچ جهڙو انهن خوبصورت نظارن ۾ ٿا ڏسون.“

ڇئي وشرام پنهنجون ٻانهون کولي ڇڏيون. آيا بہ انهن جو آدر ڪيو. هوءَ انهن ۾ سمائجي وئي. ٻنهي کي سک ملڻ لڳو. ٻئي هڪ ٻئي ۾ گم ٿي ويا. هنن کي تڏهن هوش آيو جڏهن پروفيسر سڏ ڪين.

ٻئي خوش هئا. ٻنهي جي چهرن تي نوراني آيا هئي.

پروفيسر ناشتي نہ ملڻ جي شڪايت ڪين. اهڙي شڪايت ۾ اٽلڪو پريم جو وهڪرو هو. ٽئي ناشتو ڪرڻ وينا. پروفيسر چيو، ”دستخط ۾ درليپ چاڻ آهي. ماحول وڻندڙ هو. ناشتي کانپوءِ سيئي گهمڻ هليا. گهمندي گهمندي هڪ رمٽيڪ جڳهہ تي ويهي رهيا. تڏهن وشرام

دستاويز بہ آهن.''

ٿورو ترسي سيٺ وري چوڻ لڳو، ''ٻڌو هوم تہ ٻالڪ کي جنم ڏيڻ کانپوءِ ان عورت آتم هتيا ڪري ڇڏي هئي.''

پرشوتمداس ڇرڪ ڀريو. پڇيائين، ''توکي خبر آهي تہ هوءَ ڪٿي رهندي هئي.''

''نہ. تن ڏينهن ۾ نوڪر اچي ٻڌايو تہ ان عورت کي هن جنرل هاسپيٽل جي ويم وارڊ ۾ ويندو ڏٺو هو. هوءَ گرڀونتي پئي لڳي. جاچ ڪرڻ لاءِ چپوماس. ٻئي ڏينهن تي نوڪر اچي ٻڌايو تہ ٻالڪ کي جنم ڏئي هن آتم هتيا ڪري ڇڏي. ٻپ ڪان هن وڌيڪ جاچ ڪونہ ڪئي. مون بہ اندر ئي اندر محسوس ڪيو تہ جيڪي ڪجهہ ٿيو، سٺو ئي ٿيو.

''مان سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هو. شوڀا جي ڀڄي وڃڻ کانپوءِ پشچاتاپ ٿيو. پنهنجي پاپن جي سزا ڀوڳيندي چاهيان ٿو ٿوري شانتي ملي.

''جيڪڏهن توکي ان ڇوڪري جي ڄاڻ پوي تہ هنکي بہ اڌ حصي جو وارث ڪجانءِ ۽ باقي اڌ دولت غريبن، اناٿن ۽ وڌوائن جي واڌاري لاءِ خرچ ڪج...نہ تہ وقت جي حالات انوسار دولت کي کپائڻ جو توکي پورو اڌڪار آهي.''

پرشوتمداس ڏٺو تہ سيٺ زندگيءَ مان نراش ٿي چڪو آهي. هنکي بہ اندر هڪ ڪنڊ ۾ سنتوش جي جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي. سيٺ کي دلداري ڏيندي چيائينس، ''مراري لعل، دل نہ لوڙهہ. شوڀا ضرور توسان اچي ملندي.''

سڪل مرڪ منهن ۾ آڻيندي سيٺ چيو، ''شوڀا ملي يا نہ ملي، پر تنهنجي شيام جي لائق ڪونهي. قبول ٿو ڪريان منهنجي بدچلن هئڻ ڪري منهنجي اولاد بہ بدچلن ٿي پئي.''

ڪجهہ پل ٻئي چپ ٿي ويا. پرشوتم داس کي پڪ ٿي تہ سيٺ سچ پچ پڇتاءَ جا ڳوڙها ٿو ڳاري.

لفافو کڻي جڏهن پرشوتمداس هلڻ لڳو تڏهن هٿ کي هلڪو دٻائي مرڪي سيٺ چيس، ''منهنجي ارٿيءَ کي اچي ڪلهو تہ ڏيندين نہ، دوست؟''

لاءِ اهڙي ميلاپ کي ڏرم جو درجو ڏنو ويو آهي. پتي پتنيءَ جو ميلاپ پوِترمڃيو ويو آهي. انهن جي اولاد کي ماڻُ ملندو آهي.''

جڏهن آيا گهر آئي تہ من ۾ مانڌاڻ متل هوس. سوچڻ لڳي تہ هن اهڙو ڪم تہ ڪونہ ڪيو آهي جيڪو هنکي ڪونہ ڪرڻ کپي ها. ڇا جذبات جي وهڪري ۾ وهي ٻڏي تہ نہ ويندي. خود کي قابو ڪرڻو آهي. اڳتي اهڙو ڪجهہ نہ ٿئي جو اگرو نتيجو درپيش اچي. هن طيءِ ڪري ڇڏيو تہ آئينده هوءَ کو بہ اڻ وڻندڙ ڪم ڪونہ ڪندي.

■■

هڪ ڏينهن پرشوتمداس کي سيٺ مراري لعل جو نياپو آيو تہ ملي وڃي. ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن. نہ چاهيندي بہ پرشوتمداس سيٺ جي گهر ويو. سيٺ پلنگ تي ليٽيل هو. ديھ بدليل هيس. شرير ايترو ڪمزو ڏسڻ ۾ آيو جڻ هو اسي ورهين جو هو.

پرشوتمداس کي پرسان وهاريائين. سندس هٿ پڪڙي روئڻ لڳو. پرشوتمداس سمجهي ويو. آٿت ڏيندي چيائينس، ''جيڪو ٿيڻو هو، ٿي ويو. وڃڻو ئي هوس تہ سٺي طريقي سان وڃي ها. تون بہ خوشيءَ سان شادي ڪرائين ها.''

ٻڌي سيٺ وڏيڪ اوچنگارون ڏيڻ لڳو. روئي روئي جڏهن من هلڪو ٿيس، تڏهن پاڻ ئي رومال سان ڳوڙها اگهي وهاڻي هيٺان رکيل لفافو پرشوتمداس جي هٿ ۾ ڏنائين. ٿوري دير ڪانپوءِ چيائين، ''پرشوتم، مان تنهنجي دوستيءَ جي قابل تہ ڪونہ آهيان. جي تنهنجي صلاح مڃان ها تہ اڄ اهڙا ٻڇڙا ڏينهن نہ ڏسان ها. مونکي منهنجي ڪکرمن جو ڦل ملي ٿو. سچ پڇ مان اهڙي سزا جي لائق ئي آهيان.

''نرڳہ سرڳہ هتي ئي ٿو ڏسجي. گهمنڊ جي نشي ۾ انسان برو ڪم بہ سٺو ٿو سمجهي. پر وقت ڪڏهن بہ نہ ٿو بخشي.....دوست! اڄ ڪانپوءِ تون آزاد آهين.''

هن جو اکيون آليون ٿي ويون. اکيون اگهي هن وري چيو، ''هڪ پرارٿنا آهي. جيڪڏهن شوبا جو ڪو پتو نہ ٿو ملي يا هنجو موت ٿو ٿئي تہ منهنجي مرڻ ڪانپوءِ تون منهنجي دولت جو ٽرسٽي آهين.هن لفافي ۾ فوٽن سان گڏ تنهنجي ٽرسٽي ٿيڻ جا ضروري

رميش ڪرسيءَ تي ويهي ڪتاب پڙهي رهيو هو. آيا کي سمجهڻ ۾ دير ڪونه لڳي ته هن سان ڪهڙو وئل ٿيٺو آهي. هنجي ديهه دربل ٿي وئي هئي. اندر مان سَتُ نڪري ويو هوس. هوءَ پڇي وڃڻ جي حالت ۾ به ڪونه هئي. ڪمينن ڪان خود کي بچائڻ لاءِ هنکي ڪجهه به ڪونه سُجهيو. هوءَ پوري طرح ڊڄي وئي. جو ڪجهه ٿيٺو هو ان جي سوچ سان ئي هنجي نسن ۾ خون ڄمي ويو. هنجي دماغ جون نسون ڦاٽڻ لڳيون. هنجي منهن مان دردناڪ چيخ نڪري وئي ۽ اونڌي منهن پلنگ تان هيٺ اچي ڪري.

رميش ۽ شرما ڊڪي هنجي پرسان آيا. رميش ٻانهن ۾ پري آيا کي وري پلنگ تي ليٽايو. رميش ۽ شرما هڪ ٻئي ڏي نهاريو.

”شرماجي، هنکي ڳهڙي ڳهڙي غش ٿي اچي. توهان مڇي وڃو. جي هنکي ڪجهه ٿي پيو ته ٻئي آفت ۾ اچي ويندا سين.“

شرما نشي ۾ هو. چيائين، ”بيوقوف، هنجي پيڻ اسان ٻنهي جو ايمان ڪيو آهي. ان جو بدلو نه وٺون؟“

رميش کي ريسٽرنٽ ۽ رتي ياد اچي ويا. رتيءَ هنن جي بي عزتي ڪئي هئي. رتيءَ جي ايمان پريل وهنوار جي نظاري هنجي اندر واري ڪروڌتا کي الوپ ڪري ڇڏيو. هو واپس اچي ڪمري جي ٻاهر وينو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

شرما ڪيترين ڇوڪرين ڏٺيون هيون. اول ته ’نه‘ ڪنديون پر پوءِ ڪڪرم ۾ سهيوڳ ڪنديون هيس. هن سمجهيو ته آيا به اهڙي ئي آهي. هو آيا جي ويجهو پلنگ تي اچي وينو. پنهنجو ڪاٻو (ڪٻو) هٿ آيا جي پيشاني تي رکيو. هوريان پنهنجو هٿ سڄي ڪلهي تي آندائين. ڏيري ڏيري سهلائيندو سهلائيندو آيا جي سڄي هٿ تائين اچي پهتو ۽ هٿ کي هلڪو دٻائين.

ان وچ ۾ آيا سجاڳ ٿي وئي هئي. اک ٽيٽ ۾ ڏٺائين ته هوءَ شرما جي پڪڙ ۾ آهي. سڀ ڪجهه برباد ٿيڻ ۾ ويرم ڪونهي. هنجي منهن مان درد پري دانهن نڪتي، ”بچاءِ، رميش ڀائڙا، بچاءِ. پنهنجي پيڻ کي بچاءِ.“

ڪمري جي ٻاهر رميش اها پڪار ٻڌي. ’رميش ڀائڙا‘ ٻن لفظن ۾ اهڙي ڇڪ هئي جو هو ريسٽارنٽ واري رتي پلجي ويو.

پنهنجو پاڻ پرشوتمداس جون اکيون آليون ٿي ويون. چيائين، ”مان تو وٽ ايندو رهندس. اڄ بہ مان تنهنجو دوست آهيان.“

گهر اچي پرشوتمداس لفافو کوليو. پاڙيٺو ۽ نگيٽو ساڳيائي فوٽو هئا جن جو دپ ڏيکاري سيٺ پنهنجي ڌيءَ شوڀا جي شادي شيام سان ڪرائڻ پئي چاهي. فوٽن سان گڏ پاور آف اٽارني جا ضروري اسٽامپ بہ هئا. فوٽو ۽ اسٽامپ واپس لفافي اندر رکي، لفافو سلامتيءَ واري جڳهہ تي رکي ڇڏيو. ان جو ذڪر هن ڪنهن سان ڪونہ ڪيو.

■■

ڪجهہ ڏينهن اڳ وشرام دهلي ويو هو. آيا جا امتحان نذديڪ هئا. پروفيسر هن کي اجازت ڏئي ڇڏي هئي تہ آفيس روز نہ اچي. ضرورت مطابق هو هنکي گهرائي وٺندو. ان ڪري هوءَ امتحان لاءِ تياريءَ ۾ مشغول هئي.

رتيءَ ۽ شيام جي شاديءَ جو طيءِ هو. جيون لعل جي ’ها‘ ڪرڻ جي دير هئي. آيا نوڪريءَ سان لڳل هئي. ان ڪري انڪار ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ نہ پئي ڏسڻ ۾ آيو.

هڪ ڏينهن آيا ڪاليج جي لئبرريءَ مان ڪجهہ ڪتاب کڻي اچي رستي تي ٽئڪسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي. ٿوري دير ۾ ئي هڪ ٽئڪسي اچي ٿورو پريان رڪي. هن ان کي اشارو ڪيو. ٽئڪسي هنجي ڀرسان اچي بيني. دروازو کولي هوءَ اندر گهڙي مس تہ ٽئڪسي رواني ٿي. جيئن ئي هوءَ سيٽ تي ويني تہ هنجي منهن مان چيخ نڪري وئي. اندر رميش بہ وينل هو. پنهنجي خيالن ۾ گم هئڻ ڪري دروازو کوليندي هن اندر ڪجهہ نہ ڏٺو هو. رميش هنجو منهن هٿن سان بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهہ هنجي نڪ مٿان بہ رکيو. پل ڀر ۾ ئي آيا کي آڀاس ٿيو تہ هنجي دماغ سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي. هوءَ سُن ٿي وئي. منٽ اڌ ۾ بيهوش ٿي ڀرڪي پئي.

جڏهن هنکي هوش آيو تہ هن پاڻ کي وڏي سجيل ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽيل ڏٺو. هوءَ هڪدم سمجهي وئي تہ رميس جي ڪڏي ڪم ڪري هوءَ هتي آندي وئي آهي. پلنگ جي ڀرسان ڪرسيءَ تي هڪ ڪرڙوڊ پرش وينو هو. ڀرسان ٽيبل تي شراب جي بوتل ۽ گلاس هو. هو شراب پي رهيو هو. ڪمري جي اڌ کليل دروازي ٻاهران

نہ تہ تہ هي بدماش قهر ڪري ڇڏيندا. انهن جو علاج ضروري آهي... تون سڌو گهر وڃ. سيٺ تو لاءِ پريشان هوندا.“

هو هڪدم ڪار ڪاهي جنرل هاسپيٽل پهتو. امرجنسي وارڊ وڃي ڊاڪٽر کي سڄو احوال ٻڌايائين. ڊاڪٽر اول تہ ڊنو، پر رميش ئي اتان فون تي پرسان واري ٿاڻي اطلاع ڪيو ۽ هاسپيٽل ۾ پرتي ٿيو.

جڏهن آيا گهر پهتي تہ گهر اندر هائيتال متل هو. جيون لعل ۽ رتي روئڻ پيا. شيام ۽ پروفيسر صاحب انهن کي دلداري ڏئي رهيا هئا. سيٺي جو ويچار هو تہ آيا سان ڪجهہ نہ ڪجهہ دوکو ٿيو آهي: پوليس ۾ رپورٽ ڪرڻ جو طيءِ ڪيائون.

آيا کي ڏسندي ئي رتي ڊڪي. آيا کي ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي. آيا بہ روئڻ لڳي.

سيٺي کي خوشي ٿي. آيا سهي سلامت موٽي هئي. ٿوري دير کانپوءِ ٻنهي ڀينرن ۽ جيون لعل چپ ڪئي. تڏهن آيا سڄي گهٽنا کان واقف ڪين.

رميش لاءِ من ۾ وينل حقارت رتيءَ جي من مان نڪري وئي. ويتر سنيہ پئدا ٿيس. آيا ڏنو تہ سڄو وقت پروفيسر جون اکيون نم هيون. ٻئي ڏينهن آيا، رتي ۽ شيام هاسپيٽل رميش سان ملڻ ويا.

رميش ڏاڍو خوش هئو. شرما جو اڏو پڪڙائي هن پنهنجن ڪڌن ڪمن جو پڇتاءُ ڪيو هو. هن جي اندر وينل انسان واپس جيئرو ٿي چڪو هو. رتيءَ طرف منهن ڪري سنجيدگيءَ سان چيائين، ”ديدي، مان گنهگار آهيان. منهنجي سزا جوتن کائڻ کان بہ وڌيڪ آهي. جيڪا سزا ملندي، مونکي ذرو بہ رنج ڪونہ ٿيندو.“

”جيڪي ڪيئہ، ڀلائي ڇڏ ڀائڙا. غلطيءَ کان گهڻو وڌيڪ جيڪي تو ڪيو آهي، اسان مٿان احسان آهي. ان جو ملھ هن جنم ۾ تہ توکي نہ ڏئي سگهنداسين.“ رتيءَ ڀاوُڪ ٿي چيو. ايتري ۾ پروفيسر سمن ۽ جيون لعل بہ اتي اچي پهتا. رميش ٻنهي بزرگن کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو.

جيون لعل رميش جي ڪڌن ڪمن ۽ ريسٽارنٽ جي گهٽنا کان واقف ڪونہ هئو. رميش جي اچڻ وڃڻ بند ڪرڻ جو ڪارڻ هنکي

هنجي اندر وارو ’ڀاڱڙو‘ جاڳي پيو. وڏي ڀاءُ جي ڪرورتا سامهون اڇي بيٺي. هو ’ڀاءُ‘ هو، ’ڀاڱڙو‘ هو.

دروازو کولي تير وانگر تيز هو شرما جي ويجهو آيو. ڏٺائين ته آيا دشت جي ٻانهن ۾ لڇي رهي هئي. ٻنان هڪ سيڪنڊ وڃائيندي پنهنجي مضبوط هٿن سان آيا کي شرما جي ٻانهن مان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ مخاطب ٿي شرما کي چيو، ”شرما، آيا کي ڇڏي ڏي.“

شرما اڄ تائين ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪونه ڇڏيو هو. هو کلي ويٺو. چيائين، ’وڃ، پوءِ اچجانءِ.“

رميش کي باهه وٺي وئي. شير وانگر شرما مٿان ٽٽي پيو. هڪ ئي جهٽڪي سان شرما کي پٽ تي ڪيرائي ڇڏيائين. آيا سامت ۾ اچي وئي هئي. رميش جي اشاري سان هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي.

زخميل جانور وانگر شرما رميش مٿان الڙ ڪئي. رميش جي طاقت سامهون هو ڪجهه نه ڪري سگهيو. رميش مٿان شرما ڪرسي اڇلائي. پاڻ بچائيندي به رميش کي ٽنگ تي لڳي ۽ خون وهڻ لڳو. رميش کي به غصو اچي ويو. ساڳي ڪرسي کڻي شرما جي پٺيءَ تي هڻڻ لڳو. شرما اهي چوٽون سهي نه سگهيو ۽ اتي ئي رتوڇاڻ ٿي ڪري پيو ۽ بي سرت ٿي ويو. آيا ڏڄي وئي پر رميش هاڻي شانت هو. هن آيا کي اتان هلڻ لاءِ چيو. ڪمري کان ٻاهر ايندي رميش ڪمري جو در بند ڪري، ڪنڊو پائي تالو لڳائي ڇڏيو. ٻاهر بيٺل ڪار ۾ اچي ويٺا.

آيا ڏٺو ته مڪان سنسان جڳهه تي هو ان ڪري ڪنهن بني بشر کي خبر ڪانه پئي ته ڇا ٿي گذريو آهي. رميش ڪار ڊرائيو ڪري آيا جي گهر ٻاهر رستي تي آيو. اتي آيا کي لاهيندي چيائينس، ”تون ڪوبه خيال نه ڪج. سڀاڻي رتي ۽ شيام سان گڏ اچي جنرل هاسپيٽل ملج. مان پوليس ۾ اطلاع ڪري هاسپيٽل ۾ پرتي ٿيندس. ٽنگ ۾ شايد گهرو گهاءُ ٿي ويو آهي.“

”توکي هن حال ۾ ڪيئن ڇڏيان. سڄي ڪار خون سان ڀرجي وئي آهي. تون اسان جي گهر هل. پوءِ سڀئي هاسپيٽل هلنداسين.“

”نه، ڦڙو ٿي پوندو. مونکي شرما ۽ ٽنگ کي پڪڙائڻو آهي،

آيا کي ڪجھ ڪونہ ٿيو آهي. رميش ياءُ جو فرض پاليو آهي. هن جو احسان پلائڻ جو ڪونهي.'' ان جو جواب جيون لعل ڪونہ ڏنو. فقط چيائين، ''تصوير جڙائي منهنجي ڪمري ۾ لڳائجو.'' چوندي چوندي جيون لعل وري روئي وينو. ڳوڙها ڳلن تائين هلي آيا. آيا پتا جا آنسون اُگهيا.

جيئن ئي آيا پيءُ کي ڇهيو، پيءُ ڏيءُ کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳائي سنيه وچان مٿي تي سهلائڻ لڳو. ٻنان ڇر پر جي آيا پيءُ جي ڇاتيءَ سان لڳي رهي. جيون لعل جا آنسون رڪيا ڪونہ هئا. ڪرندي ڪرندي آيا جي سِر جي وارن ۾ سمائجي پئي ويا. ورهين جو رڪيل پاڻي وهي چڙيو هو. ساگر خالي ٿيڻ پيو چاهي. جيون لعل رتيءَ کي بہ ڇڪي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو.

هينئر پتا جو هردو ٿڌو ٿيڻ لڳو. من ۾ آنند محسوس ٿيڻ لڳس. ٿوري دير ۾ چيائين، ''توهان ڏيئر نہ منهنجا پٽ آهيو، پڻ ڪان وڌيڪ آهيو. پٽ بہ ايترو نہ ٿا ڪن جيترو توهان ٿيون ڪريو...تنهن هوندي بہ توهان پرايون آهيو. هڪ نہ هڪ ڏينهن هيءُ گهر توهان کي ڇڏڻو ئي پوندو.

''ڏاڍو سنو ٿئي ها جو منهنجا نئن توهان کي وهانوَ جي وڳن ۾ ڏسن ها.''

هوريان هوريان پيءُ کان الڳ ٿيندي ٻنهي پڇيو، ''دادا! اڄ ايترو نراش ڇو ٿيا آهيو؟''

ٿورو مرڪندي جيون لعل چيو، ''شايد مان گهڻا ڏينهن جٽاءُ ڪونہ ڪندس.''

جملو ڪجھ اهڙي نوع ۾ چيو ويو هو جو پينرن کي سچ جو عکس ڏسڻ ۾ آيو.

''سچ کي ناڪاري نہ ٿو سگهجي. سچائيءَ کي ڪيستائين ڪوڙ جي لباس ۾ لڪائي سگهبو. سچ پچ مان ٿڪي پيو آهيان. انگہ انگہ ڦاڪون ٿي پيو آهي. همت بہ هاري وينو آهيان. ڏسان ٿو پارو‌تي سڏي رهي آهي.''

''ائين نہ چئو دادا. اسين ڪيڏانهن ويندا سين. توهان ڪانسواءِ اسانجو ڪير آهي؟''

بڌايو ويو هو ته هن نوڪري ڇڏي ڏني آهي ۽ ٻئي شهر ۾ ڪم ٿو ڪري. زندگيءَ جي بازي لڳائي هن آيا جي عزت جي رکيا ڪئي هئي. پاڻ ڪان وڌيڪ هن فرض پاليو هو. جيون لعل جي اندر اولاد جي حب جاڳي. گهايل رميش لاءِ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس. سنيه جي وس ٿي هن رميش جي گهايل ٽنگ ڏسڻ لاءِ پيل ڪپڙو پري ڪيو. گهاءُ ڏسندي ئي جيون لعل جي مک مان هلڪي ڇيخ نڪري وئي: باقي سيني به چنگهه ڏني. هو به ٽپرس ۾ اچي ويا.

رميش سمجهي ويو. چيائين، ”منهنجي هيءَ ٽنگ جنم کان ئي سنهي آهي. ان پير ۾ ڇهه آڱريون آهن.“

جيون لعل کانسواءِ سيني قدرت جو ڪرشمو سمجهي چپ ڪري ڇڏي.

■■

صبح چاءِ کٽي آيا جڏهن پيءُ وٽ آئي تڏهن پيءُ کي ڏسي تعجب ٿيس. لوهه جهڙو سخت پرش هيئن هنجون هاري روئي رهيو هو. پنهنجي هٿ ۾ جهليل فوٽو کي هڪ ٽڪ ڏسي رهيو هو. آيا ڪمري اندر آئي هن کي سمک ڪانه پئي.

سانير ۾ اچڻ کانپوءِ هنن پنهنجي پيءُ کي ڪڏهن ائين روئندو نه ڏٺو هو. پنهنجي گهٽنا کي آيا اجان ڀلايو ئي ڪونه هو ته اهڙيءَ طرح پيءُ کي روئندو ڏسي هوءَ به روئي ويني. رتي به اچي وئي هئي. ٻنهي کي روئندو ڏسي هن کي به عجب لڳو. جيئن تيئن ٻنهي کي چپ ڪرايائين. پينرن جو انومان هو ته آيا جي گهٽنا پيءُ کي گهايل ڪري ڇڏيو آهي. ان جو درد ئي دادا جي ديهه کي دکائي رهيو آهي.

هنن کي جيون لعل هٿ وارو فوٽو ڏنو. پنهنجي سرڳواسي ماءُ جو فوٽو ڏسي هو به ٽپرس ۾ اچي ويون. ڪيترا دفعا پتا کي چيو هئائون ته ماءُ جي تصوير مڙهائي ٽنگي ڇڏجي، مالها چاڙهي روز ڌوپ واس ڪجي. پر پيءُ اجازت ڪونه ڏني هئي. فوٽو کي هٿ ۾ جهلي پيءُ کي روئندو ڏسي من ۾ ڪيترا ئي غير معمولي ويچار اچي وين. پر چيائون ڪجهه ڪونه. آخر ڏيندي رتيءَ پتا کي چيو،

”دادا! خبر ڪونه هئي ته زندگيءَ ۾ اهڙا ڏينهن به ڏسبا.

نيڪ ان وقت رتي چاء کڻي آئي. جيون لعل سيني ساں گڏ چاء پيئڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي. سيني اڇي گڏ چاء ناشتو ڪيو. ان کانپوءِ جڏهن شيام، رتي ۽ آپا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لڳا تہ جيون لعل روڪين. هو اتي ئي ويهي رهيا. سيني سمجهيو تہ جيون لعل ڪجهہ چوڻ ٿو چاهي. انهن جو سوچ صحيح هو.

ٿوري دير کانپوءِ جيون لعل ٻڌائڻ شروع ڪيو، ”سالن کان سيني تي هڪ بار هو. ٻوجهہ من کي ولوڙيندو رهندو هو. وقت بوقت پاڻ کي پلائڻ جي ڪوشش بہ ڪندو هوس. پر ٻوجهہ هلڪو ڪونہ ٿيو. ماں بار کڻڻ جو عادي ٿي پيس. نتيجي طور تڪليف گهٽ محسوس ڪرڻ لڳس...پر آپا جي گهٽنا ٻوجهہ کي وڏيڪ ڳؤرو ڪريَ ڇڏيو. هاڻي اهو کڻي هلڻ محال ٿي پيو آهي.

”آئينده جي انرٿ کان بچڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هلڪو ٿيڻ ٿو چاهيان. دکہ ۽ سکہ پنهنجن کي ملڻ سان نقصان ڪونہ ٿئي. دکہ تہ گهٽبو ئي آهي ۽ سکہ ٻيڻو ملندو آهي.“

پرشوتمداس آزمودگار بزرگ هو. سمجهي ويو اهو ٻوجهہ جيون لعل جي ڏرمپتني جو آهي. هنجي درگهٽنا جو گواهہ ڪيول هو آهي. سندس دل تيز ڌڙڪڻ لڳس. هو سوچڻ لڳو تہ هو خود بہ گنهگار آهي. خود کي اپراڌي محسوس ۾ دکہ تہ ٿيندو آهي پر جي اپراڌ ٿئي جي اڳيان ظاهر ٿي پوي تہ عزتدار منش کي تمام گهڻو دکہ ٿيندو آهي، هو بيچيني ٿي پوندو آهي. اهڙي ئي ڪجهہ حالت پرشوتمدار جي ٿي پئي.

صبح پيءُ کي ماتا جي فوٽوءَ سان روئندو ڏسي آپا ۽ رتيءَ انومان لڳايو تہ شايد هاڻي بہ ماءُ جي باري ۾ ڳالهہ ٿئي پر اهو ڪونہ سمجهي سگهيون تہ پرشوتمداس ۽ شيام جي سامهون ماءُ جي ڳالهہ چوڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي.

شيام کي ڪجهہ نئون ٻڌڻ جي آنڌ مانڌ هئي. سڀ جي من جي هرڪر ختم ڪرڻ لاءِ جيون لعل ٻڌائڻ لڳو، ”انڪل ويهہ ورهيہ اڳہ هن ڪٽنب مٿان وڏي آپدا آئي هئي. ان وقت آپا ڇهہ مهيني جي مس هئي. هڪ صبح جو پاروتي ضروري خريداري ڪرڻ بازار

رتي ۽ آپا روئي ويٺيون.

”پٽ جيڪو زخم پرجي ويل سمجهي چڏيو هو، ان مٿان فقط ڇيڙي چڙهيل هئي. زخم ڇٽل ڪونہ هو. ننهن جي هلڪي رهنڊ سان گهاءَ مان رڳہ نڪري چڪو آهي.“

پيئرن ڪجهہ ڪونہ سمجهيو.

”اڄ رات شري پرشوتمداس کي هتي اچڻ لاءِ عرض ڪجوس. مون ۾ سگهہ ڪونهي، مان انهن جي گهر ڪونہ وڃي سگهندس. چڱو هاڻي توهان وڃو. وڃي پنهنجي ڪم کي لڳو.“

اهڙي حالت ۾ ڪم ڪرڻ ۾ من ڪونہ لڳن. آپا ڪاليج ڪونہ وئي ۽ نہ رتي آفيس وئي. سڄو وقت پيءُ جي پرسان ويٺيون رهيون.

آپا ڪجهہ وقت لاءِ رميش جي طبيعت پڇڻ ۽ تصوير جڙائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر وئي. ان وچ ۾ لنچ جي وقت شيام رتيءَ سان ملڻ گهر آيو. رتيءَ پيءُ جي اِچا ٻڌايس، توهان جي دادا سان ملڻ ٿو چاهي.“

شيام جي اندر غير معمولي ڪجهہ پيدا ٿيو. پنهنجا ويچار رتيءَ کي ٻڌائڻ پئي چاهيو، پر ماحول جي سنجيدگيءَ هن کي روڪي رکيو. گڏ چاءِ پي هو آفيس هليو ويو.

رات جي اٺين بجي پرشوتمداس جيون لعل سان ملڻ آيو. گڏ شيام هوس. رتي، آپا ۽ شيام ٻنهي بزرگن کي اڪيلو ڇڏي ٻئي ڪمري ۾ آيا. ٻنهي وڏن جي هيءَ پهرين ملاقات هئي. جيون لعل پرشوتمداس جي دلي آجيان ڪئي. ٻئي ملي خوش ٿيا. شروعاتي ڳالهيون ڪندي ئي هڪ ٻئي کي سمجهي ويا. ٻنهي جا ويچار لڳہ ڀڳہ ساڳيا هئا.

اچانڪ پٽ تي ٽنگيل تصوير ڏي، جنهن کي آپا شام جو جڙائي پتا جي ڪمري ۾ پٽ تي ٽنگي هئي، اشارو ڪندي پرشوتمداس کي چيو، ”هيءَ منهنجي ڌرمپتنيءَ جي تصوير آهي.“

پرشوتمداس منهن ڦيري تصوير ڏٺي. هن ڇرڪ ڀريو، پر هڪدم پاڻ سنڀالي ورتو. پرشوتمداس جو چهرو تصوير طرف هو نہ تہ جيون لعل هن جو ڇرڪ ڏسي وٺي ها.

ڪونہ هئي. پاپ کي پلڻ ڏنم.

”وقت انوسار من ڦرندو ويو. گرڀ ۾ پاپيءَ جو انش هو پر انش تہ پاپي ڪونہ هو. ٻار جو ڪھڙو ڏوھ. پرماتما جنھن کي جنھن روپ ۾ جنھن وسيلي سنسار ۾ موڪلي، انسان کي سويڪار ڪرڻ گھرجي. ٻار لاءِ نفرت هلي وئي. پر غيرت کي مٽائي نہ سگھيس. طيءِ ڪيوسين تہ جنم ونندي ئي ٻار کي ڪنھن اناٿ آشرم ۾ ڇڏي اچبو.

”ٻار جي جنم وٺڻ جي ٻئي ڏينھن ئي هاسپيٽل کان گھر آياسين. ٻالڪ عجيب قسم جو هو. پاروتيءَ کي بلڪل ڪونہ وڻندو هو. نفرت ڪندي هيس. منھنجي من ۾ انسانيت ۽ نفرت جي جنگ جاري هئي. گھر ۾ سنڀالڻ واري منھنجي ٻڍي ڦڦي هئي. اھڙي حالت ۾ هوءَ ٻالڪ کي اناٿ آشرم ۾ موڪلڻ لاءِ رضامند ڪونہ ٿي. هن خود ٻالڪ کي پنھنجي گود ۾ جھليو. وائدو ڪيائين تہ وقت اچڻ تي هوءَ هن کي اناٿ آشرم ڇڏي ايندي. پاروتيءَ کير ڏيڻ کان صفا انڪار ڪيو. ان ڪري ڦڦي ٻالڪ کي پنھنجي گھر ٻئي شھر کڻي هلي وئي. مون وري هن جي خبر ڪونہ لڌي.

”اسانجي دکن جو انت اجان ڪونہ ٿيو هو. پاروتيءَ جي ذهني حالت ايتري بگڙندي وئي جو هوءَ ٻہ مھينا بہ هن سنسار ۾ نہ رهي. مان ٽٽي پيس. ڇا ڪريان، ڪيڏانھن وڃان، سوچڻ جي شڪتي غائب ٿي وئي.“

جيون لعل خاموش ٿي ويو. تصوير طرف ڏٺائين. اکيون پرجي آيس. ٿورو ساهہ پٽي هن پرشوتمداس طرف ڏٺو. هن بہ هن ڏي نھاريو. ٻئي بزرگ شانت هئا. شانتي ڀڃيندي جيون لعل چيو، ”شيام ۽ رتي هڪ ٻئي کي چاهيندا آهن. ان چاهہ کي سدا رهڻ لاءِ جي اجازت ڏيو تہ آخري ساهہ سؤلائيءَ سان ڇڏي سگھندس. مون توهان کان ڪجھہ بہ لڪايو ڪونھي. ٻئي ٻينر نردوش آهن. اسان جو ڪٽنب نردوش آهي. جيڪڏهن توهان خوش ٿي دل سان منظوري ڏيو تہ مان ٻنھي هٿن ۾ هنن جا هٿ وٺي ملايان.“

خوش ٿي پرشوتمداس چيو، ”مان خوش نصيب آهيان جو رتيءَ جھڙي سشيل منھنجي گھر جي لڪشمي ٿي اچي ٿي.“

جيون لعل جا هٿ رتيءَ ۽ شيام طرف وڌيا. رتيءَ ۽ شيام

وئي. سانجهيءَ تائين ڪونہ موٽي. مونکي گهڻي چنتا ٿي. ننڊيون هئڻ ڪري هئي پينر سمهي پيون. پروسڻ ڪي ٻارن جي سنڀال ڪرڻ لاءِ عرض ڪري، خود پاروتيءَ ڪي ڳولهڻ نڪتس. من ڪي خوفناڪ ويچارن وڪوڙي ڇڏيو. حادثي جو امڪان پئي سمجهيم.

”گهڻو پري ڪونہ ويس. هڪ ٽانگي ۾ پاروتي ڏٺم. سندس حالت ڏسي هوش گم ٿي ويا. جيئن تيئن اسين گهر آياسين. هوءَ بستري تي ڦان ٿي ڪري پئي ۽ روئڻ لڳي. اهڙو ڪوڙو هنکي روئندو مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. سڄو وهاڻو ڳوڙهن سان آلو ٿي ويو.“

سيٺي ڏٺو تہ جيون لعل جون اکيون آليون ٿي ويون هيون. پاڻ ئي لڙڪ اگهي وري چوڻ لڳو، ”جڏهن هوءَ هلڪي ٿي تہ ٻڌايائين تہ هڪ رڪشا وارو دوکو ڪري هنکي هڪ گندي جي گهر وٺي ويو جتي هنجي عصمت لٽي وئي. هاڻي هوءَ زنده رهڻ نہ ٿي چاهي.

”بار بار پڇڻ تي بہ هن گندي جو ڏس پتو ڪونہ ٻڌايو. هنکي ڊپ هو تہ مارڪٽ ٽيندي. گندا منش هتيا ڪرڻ ۾ بہ ويرم ڪونہ ڪندا. منهنجو ۽ نياڻين جو خيال هوس. مان گندي سان هڪ هيڪاڻي ڪرڻ پئي چاهيو. مونکي بدناميءَ جو بہ خوف ڪونہ هو.“

جيون لعل جون مٺيون پيڪوڙجي ويون. اکين ۾ خون اچي ويس، پر لاچار سمجهي لنبو ٿڌو ساهہ کنيائين.

ان وقت رتي اٿي پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي. هڪ اڌ ڍڪ پي هو سامت ۾ آيو.

”پاروتيءَ کي دلداري ڏيندي چيومانس، ’تون منهنجي لاءِ گنگا مثل پويتر آهين. ستي ساوتري ۽ سيتا آهين.‘ پر هوءَ سدا اُداس ئي رهي. جيئري بہ ان ڪري هئي جو آيا اجان ننڍڙي هئي. هوءَ منهنجي پرسان ڪڏهن ڪونہ آئي. هوءَ پنهنجي لڄڻ کي پلائي ڪونہ سگهي. اڪيلي هنجون هاريندي هئي. گهڻو ئي دل وٺڻ جي ڪئي مانس پر سڀ اسڦل ٿيو. هنجي دک ۾ مان بہ دکي هيس. زيتر هڪ ٻن مهينن ۾ خبر پئي تہ هوءَ گرڀ سان آهي، اسان مٿان پهاڙ ڪري پيو. ڇپ جي ڪرڻ ڪري ڪاپاري ڏک لڳو. گرڀ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. آپريشن ڪانسواءِ انهن ڏينهن ۾ ٻيو ڪو علاج ڪونہ هو. هوءَ تيار ٿي، پر مان انڪار ڪيو. جوکم کڻڻ جي همت

پرشوتمداس جي من جي من ۾ ئي رهجي وئي. هو نہ ٻڌائي سگهيو تہ پاپي ڪير آهي ۽ اجان جيئرو آهي. جيون لعل وري اکيون کوني کوليون.

■■

هڪ ڏينهن پروفيسر سمن جي سوال جو جواب ڏيندي آيا چيو، ”ڪجهہ بہ نہ، پر اهو سمجهي نہ ٿي سگهان تہ وشرام کي وئي اٽڪل چار مهينا ٿيا آهن، نہ آيو آهي ۽ نہ خط ئي لکيو اٿائين. دهلي دور تہ ڪونهي. اهڙو ڪهڙو ڪم اٿس جو اجان رکيو وينو آهي.“

پروفيسر کان ڳجهو نہ رهيو تہ وشرام طرفان آيا کي پيڙا پهتي آهي. هن ماحول کي سهج ڪندي چيو، ”هوندو ڪوئي خاص ڪارڻ. هونءَ بہ وشرام ذميدار نوجوان آهي...وڃڻ وقت وشرام توسان ملي تہ ويو هو نہ؟“

”نہ“ آيا جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. چيائين، ”دادا جي سرڳواس ٿيڻ تي پرچاٽي بہ ڏيڻ ڪونہ آيو.“

آيا جي گهڻنا ياد ايندي پروفيسر کي شنڪا پئدا ٿي، پر آيا کي چيائين ڪجهہ ڪونہ. آيا پروفيسر جي شنڪا سمجهي يا نہ، پر خود کي جهڻ آٿت ڏيندي چيائين، ”ڇوڪرن جو سڀاءُ ئي اهڙو ٿو ٿئي. وشواس ڪرڻ بہ ڪوڙ ئي آهي. پلجڻ ۾ ويرم ئي ڪونہ ٿا ڪن. رشتا واريءَ جي ڍير مٿان اڏيل ٿا سمجهن.“

پروفيسر هنجي دکہ کي گهٽ نہ ڪري سگهيو. وقت زخم ڀري ٿو ڇڏي. هن بہ آيا کي هنجي حال ۾ ئي رهڻ ٺيڪ سمجهيو. هو آيا جي سڀاءَ کان واقف هو. هلڪي چوٽ سان آيا جو ٽاڪنئو من ڏري پوندو. جذبائي دل کي سنيه جي درڪار ٿي ٿئي. جيون لعل جي چالاڻي ۽ رتيءَ جي شاديءَ آيا کي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ آيا پيڻ سان گڏ رهندي هئي پر گهڻو وقت ڪاليج ۽ سمن جي گرهستيءَ ۾ گذاريندي هئي. وشرام جو آسرو هوس پر چئن مهينن کان هنجي خبر چار بہ ڪونہ هئي. هنجي من جي گواهي مطابق هن وشرام کي سمجهڻ ۾ وڏي ڀل ڪئي هئي.

ناريءَ جو پهريون پيار سدا هن سان گڏ رهندو آهي. ڪنهن بہ حالات ۾ هوءَ ان کي ڀلائي ڪونہ ٿي سگهي. جيتري حد تائين

چقمق جي ڪشش جيان پنهنجا سچا هٿ جيون لعل جي هٿن ۾ ڏنا. جيون لعل هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي ملايا. ايتري ۾ پرشوتمداس اٿي آشيرواد ڏيڻ لاءِ ٻنهي ٻارن جي سِرَ مٿان پنهنجا هٿ رکيا.

اهو ڏسي جيون لعل کي تسليٰ ٿي ۽ سنتوش ڪندي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. پرشوتمداس ڪجهه چوڻ پئي گهريو پر ڏنائين ته جيون لعل جو ساهه جلد جلد کڄڻ لڳو آهي، انڪري ڪڇيائين ڪجهه نه. پل پر ڪانپوءِ سهڪندي جيون لعل چوڻ لڳو، ”عام منش موت کان خوف کائيندو پر مون جڏهن موت تي سوچ پائي ڇڏي آهي. موت کي ويهه ورهيه پنهنجي پنجي ۾ پڪڙي رکيو هو. پر ڏسان ٿو اها پڪڙ هاڻي ڍلي ٿيندي ٿي وڃي....ايترو وقت پاروتي اڪيلي ويڳاڻي هوندي. پنهنجي ٻچين ڪري چپ هوندي. پر هاڻي هوءَ به مون بنان بيچئن آهي. سچ پڇ مان به بيچئن آهيان....رتي توهان جي آهي.“ چئي ٻنهي جا هٿ، جيڪي اجان به هن جي هٿن ۾ هئا، پرشوتمداس جي هٿن ۾ سونپيا. وري چوڻ لڳو،

”آيا مٿان پروفيسر صاحب جا قربائتا هٿ آهن. مونکي پورو وشواس آهي، منهنجون ٻچڙيون خوش آهن...آخر سڀ کي هلڻو آهي. هاڻي ته منهنجي رهڻ جو به ڪو مقصد ڪونهي.“ هو خاموش ٿي ويو.

هنجو ساهه تڪڙو تڪڙو کڄڻ لڳو. سيئي گهبرائجي ويا. ڏيري ڏيري سيني ايندڙ سچ کي سويڪار ڪرڻ جي تياري ڪرڻ شروع ڪئي.

ٿوري وقت کانپوءِ هن تمام جهيڻي آواز ۾ ٻڌايو، ”اهو ٻار رميش آهي. سندس ننگه ۽ پير ۾ ڇهه آڱريون اهي ئي آهن جيڪي نئين جميل ٻالڪ جو هيون، جنهن ٻالڪ کي پاروتي جنم ڏنو هو. پرميشور کي اهو ئي منظور هو. رميش جي هٿان ئي آيا جي لڄ بچي...منهنجا ايشور توکي لک لک پرڻام.“ چئي جيون لعل اکيون ٻوٽي هوا ۾ هٿ جوڙيا.

پر اهو سڀ ٻڌي رتيءَ آيا طرف ۽ شيام پنهنجي پتا پرشوتمداس طرف ڏٺو. ائين لڳو جڻ هڪ ٻئي کي ڪجهه چيائون.

هنجي سامهون اچي بيٺو آهي.

”تنهنجي پاپي توکي ياد ٿي ڪري.“

ڪيرتي پاپي پروفيسر وانگر آپا کي گهڻو پيائيندي هئي. هوءَ پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ وانگر گهرندي هيس. دشا سندن ڏيءُ آپا کي ديدي ڪري سڏ ڪندي هئي. رتيءَ کي ڪم ۾ رڌل ڏسي هوءَ اڪثر ڪيرتي پاپي ۽ دشا سان گڏ گذاريندي هئي.

هوءَ پروفيسر سان گڏ انهن جي گهر آئي. ڪيرتي انهن جو انتظار ڪري رهي هئي. ناشتو تيار هو ۽ پروگرام به رٿيل هو. پروفيسر، ڪيرتي، آپا ۽ دشا چارئي پڪنڪ لاءِ ٻاهر نڪتا. شهر کان ٻاهر هڪ ڍنڍ جي ڪناري تي اچي ويٺا. چئني طرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي. ڍنڍ جو پاڻي دور تائين ڦهليل هو. تنهن ڪانپوءِ ساوا جبل پاڻيءَ ۾ پنهنجي پاڇي سان منوهر نظارو ڏيکاري رهيا هئا.

ڪليل آڪاش، ڦهليل جل ۽ ساوڪ هنن جي من کي ٿڌاڻ بخشي رهيا هئا. آپا جيڪا صبح اُداس هئي، هينئر من ۾ مؤج محسوس ڪري رهي هئي. ڪناري جي ڀرسان ئي کليل سائي زمين ڄڻ هنکي پنهنجي طرف ڇڪي رهي هئي. ڄڻ پنهنجي جهول ۾ لڏڻ لاءِ سڏ ڪري رهي هئي ته اچ ته لولي ڏيانءِ.

اوچو آڪاش هنجي پٺيان کان پري هو پر ڌرتي ماتا جون ٻانهون هن لاءِ کليل هيون. ماتا ته سيني جيون کي جهولي ٿي بخشي. هوءَ جيتامڙي به ان وشال سيني ۾ سمائجي ويندي، جتي سک ئي سک آهي، پرم آنند جي مؤج آهي. پل پر ۾ اهڙن ئي ويچارن ۾ آپا گم ٿي وئي.

اوچتو ويچار مان سجاڳ ٿي دشا جو هٿ پڪڙي هيٺ ڪناري کان، ڌرتي ماتا جي ساوڪ مٿان ڊڙڻ لڳي. دشا کي آنند اچي ويو. ڏيري ڏيري هنن جي رفتار تيز ٿي وئي. آپا ڏسڻ پئي چاهي ته ڪٿي ٿا زمين آسمان ملن. هوءَ ڄاڻي پئي ته ڪابه اهڙي جڳهه ڪونهي جتي آڪاش ۽ پرٿوي جو ملڻ ٿيندو هجي. پر اهو ڀرم هنکي مٺو پيو لڳي. ڏسڻ ۾ ضرور ايندو آهي ته ٻئي مليا پيا آهن پر اهو فقط دوکو آهي.

هوءَ ٻڪي رهي هئي. ڪڏهن دشا جو هٿ ڇڏائجي ويس ۽

پنهنجي پنهنجائپ هن وشرام کي ڏني هئي، ٻئي ڀينرن تي نه ان جو اڌڪار ڪونه ڏئي سگهندي پر هوءَ سڄي عمر ڪنواري ٿي چونه رهي.

زندگيءَ جو آڌار پريم ئي آهي. ٻنان پريم جي وفت اڌورو ۽ اپاهج ٿو ٿئي. هوءَ اهو به ٿي ڄاڻي ته وقت هڪ سنئون ڪونه ٿو هلي. بدلجڻ ان جو نيم آهي. تنهن هوندي به جوابن ڄاڻندي پئي سوال سوچيندي هئي.

”دادا ڪيڏانهن ويو؟“

”رتيءَ شادي ڇو ڪئي؟“

”وشرام ڇو ڇڏي ڏنو؟“

”رميش جو جنم اسانجي بربادي‌ءَ لاءِ ٿيو آهي ڇا؟“

اهڙي اداس ماحول ۾ پروفيسر صاحب کي ڏسي هوءَ اڻڏٺي تسليٰ محسوس ڪندي هئي. پتا جو گنڀير چهرو، سنيه ڀريل جنني‌ءَ جا نئڻ، وشرام جو ويڪرو سينو، ڀيڻ جي دلداري ۽ دلاسو هوءَ سمن ۾ ڏسندي هئي. هنجو سهج، سرل ۽ مشڪندڙ مک آيا لاءِ وڏو سهارو هو. هو چوندو هوس، ”نه آيا نه، تون اڪيلي ڪونه آهين. توسان گڏ هيا به ڪيترا آهن. مان آهيان، تنهنجي پاپي ڪيرتي آهي، ننڍڙي دشا آهي. نا اميد ٿيڻ سان زندگي بوجهه ٿي ٿي پوي. اهڙا پنڪاوَ ڪيترا ئي ايندا. ڪيترا ان جي وهڪري ۾ وهي ٻڏي ويندا آهن. اهڙي وهڪري ۾ به اڏول ٿي بيهڻ مهان انسان جو ڪم آهي. توکي اسان وهڻ ڪونه ڏينداسين.“

هوءَ اڪيلي ۾ گهڻو روئندي هئي. بعضيٰ رات جو ننڊ به ڪونه ايندي هئس. پاڻ کي بس گوشت ۽ هڏين جو ڳنڍيو سمجهڻ لڳي هئي.

■ ■

آيا هڪ دفعي ٽيبل تي پنهنجو سِر ٽڪائي ڇڏيو. ڳوڙهن سان ٽيبل تي پيل ڪاغذ آلا ٿي ويا. جذباتي دل جو پتو ڪونه ٿو پوي ڪڏهن ڪلي ته ڪڏهن آنسون وهائي. اوچتو هن محسوس ڪيو ته ڪي ڪومل هٿ هنجي سِر تي آهن. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو. پروفيسر صاحب جو مشڪندڙ چهرو ڏسي احساس ٿيس نه ڪوئي ملائڪ

مطلب آهي، ٻڌاءِ، مان ٻه ته ٻڌان.''

آيا گد گد ٿي وئي. سڄو ٽڪ الوپ ٿي ويس. چيائين، ''پاپي! دادا کي سڄو مان ڪٿي وڃان ته؟''

ڪيرتي سنڪٽ ۾ اچي وئي. سوچي چيائين، ''جيڪي هننجو 'منهنجو' آهي، سو تون ته ڇا خود پرماتما به مونکان کسي نه سگهندو.'' چئي ڪيرتيءَ جو ڪنڌ فقر وچان اوچو ٿي ويو.

آيا جذبات ۾ اچي وئي. ڪيرتي پاپيءَ جا پير ڇهي هٿ پنهنجي للاٽ سان لڳايا. پوءِ پروفيسر جا به چرڻ ڇهڻ لاءِ اڳتي وڌي. پروفيسر آيا جي منشا تاڙي ورتي. آيا جي جهڪندي ئي، هن کي ٻنهي هٿن سان اٿاري سندس للاٽ تي هلڪو چميو.

تڏهن پاپي به آيا کي ڇڪي پنهنجي سيني سان لڳائي، سندس ڳلن، اکين ۽ للاٽ تي اڪيچار منيون ڏنيون. ننڍي نينگر جيان آيا به آنند ماڻيندي پاپيءَ جي سيني سان لڳي رهي.

■ ■

جيون لعل جي اڳني سنسڪار ڪانپوءِ ستت ئي پرشوتمداس سيٺ مراري لعل وٽ ويو.

جڏهن ڪان هو جيون لعل سان مليو هو، هنجي من ۾ اٿل پٿل پنهنجو واسو ڪري ڇڏيو هو. هنجو من اشانت هو. پيڙيل پرش کي ته نه ٻڌائي سگهيو ته پاپي ڪير آهي. انت ويلي نيڪ نه پئي سمجهيائين. وڃڻ واري کي خوش ٿيندي ويندو ڏسڻ چاهيائين. اهڙي وقت دکي ڪرڻ سنو ڪونه هو. پر پاپيءَ جي پڇتاءَ پوري ڪرڻ لاءِ ٻڌائڻ نيڪ هو ته هنجو ٻيو وارث ڪير هو. من انت ويلي هنکي به شانتي ملي. جيون لعل ته جڻ رميش کي معاف ئي ڪري ڇڏيو. آيا کي بچائي رميش پنهنجو گناه بخشايو هو. تڏهن ته آخري سمي جيون لعل پرماتما جا شڪرانا مڃيا هئا.

پر جي مراري لعل رميش جي جنني جي باري ۾ پڇندو ته [illegible]و نٽائي ويندو.

مراري لعل سخت بيمار هو. ڊائبٽيز ۽ هرٽ ڊزيز هنکي تمام گهڻو ضعيف ڪري ڇڏيو هو. ويتر ڌيءُ جو صدمو. هو پست ٿي چڪو هو. پنهنجا آخري ڏينهن ڳڻي رهيو هو. جڏهن پرشوتمداس ٻڌايس

دشا پوئتي رهجي وئي، ڏيان ئي ڪونہ رهيس.

”آيا...او آيا...!“ سمن پوئتان سهڪندو سهڪندو سڏ ڪندو اچي رهيو هو.

آيا جا ويچار ڀڄي ويا. هن پوئتان ڏٺو. پروفيسر ۽ دشا پوئتان پئي آيا. هوءَ بہ سهڪي رهي هئي. هوءَ ٿڪجي وئي. ٿورو مشڪي. هاڻي هوءَ حقيقت ۾ موٽي آئي هئي. سچ پچ هوءَ ڏاڍو خوش هئي.

جڏهن ٽئي ڪيرتيءَ وٽ آيا تڏهن پرسان پيل چپ تي آيا ويهي رهي. هوءَ اجان سهڪي پئي.

”تون ٿڪجي پئي آهين، آيا“

”نو سَر.“

”سهڪين تہ گهڻو ٿي.“

ييس سَر.“

”هيٺ ويهي آرام ڪر.“

”نو سَر.“

وچ ۾ ئي ٽوڪيندي ڪيرتي پاپيءَ چيس، ”اهو ڇا، نو سَر، ييس سَر. جڏ سَر ڪي. هيءُ ڪاليج وارو سَر ٿورو ئي آهي.“

”تہ ڇا چئي ڪيرتي؟“ پروفيسر پڇيو.

آيا کان پڇو.“

آيا! تون ٻڌاءِ، ڇا چئي سڏ ڪندينءَ مونکي؟“

”نو سَر.“ چئي آيا پاپيءَ طرف آگر سان اشارو ڪيو.

”تہ ٻڌو. توکي پاءُ جي ضرورت آهي، هن کي پيڻ جي ۽ مونکي پياري پياري نٽان جي.“

”تہ “ آيا پڇيو.

”ها، تون هنن کي ’دادا‘ چئي سڏ ڪر. سمجهيئہ“

آيا جو من ڦندجي ويو، سو چيائين، ”ڪيترا نہ پريتوان آهن. مونکي ڪيڏو سنيه ٿا ڏين. پرماتما هنن کي امر ڪج.“ ظاهران چيائين، ”پاپي! نٽان پاجاپون جهڳڙنديون آهن.“

”پڳلي، اهو سڀ سوارٿ جو ڦل آهي...اسان ٻنهي ۾ کهڙو

ڇئجانءِ تہ شوپا جي ملي وڃڻ تي پيڻ جهڙو وهنوار ڪري. سندس ماءُ جنم ڏيندي ئي گذاري ويس. مون عياشي زندگيءَ ۾ رهندي ہي شادي ڪونہ ڪئي.''

سيٺ مراري لعل رميش سان ملي نہ سگهيو. جلد ئي گذاري ويو.

رميش کي تمام ٿوري سزا ڀوڳڻي پئي. پرشوتمداس رميش سان جيل ۾ ملاقات ڪئي. هنکي سڀ ڪجهہ ٻڌايائين. ٻڌي رميش بس ايترو چيو، ''منهنجو ليکہ ئي اهڙو هو. ايشور مونکي مها پاپ ڪرڻ کان بچايو. جيل کان آزاد ٿي پينرن جي شيوا ڪرڻ ئي مِنهنجو ڌرم رهندو.''

رميش لاءِ ڪجهہ ڏينهن رتي ۽ آيا جي من ۾ اڻ لکي حقارت رهي. پاپي مري ويو هو. پتا بہ اڻ سڌي رميش کي معاف ڪري ڇڏيو هو. رميش آيا جي مٿان جيڪو اُپڪار ڪيو هو اهو ڀلائڻ جو ڪونہ هو. سچ پچ رميش جو ڏوهہ ئي ڪهڙو هو؟

شيام، سندس ماتا، پرشوتمداس، پروفيسر سمن ۽ ڪيرتي بہ رتيءَ ۽ آيا کي سمجهايو تہ گذريل کي ياد ڪرڻ پاڻ کي دکہ ڏيڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. ڌيري ڌيري ٻنهي پينرن رميش لاءِ پئدا ٿيل حقارت کي من مان ڪڍي ڇڏيو. شاديءَ کانپوءِ رتي پنهنجي گرهستي جيون ۾ مگن ٿي وئي ۽ آيا پڙهائيءَ ۾ گم ٿي وئي.

■■

امتحان نزديڪ هئا. آيا پروفيسر ۽ پاپيءَ جي سنيہ ۾ ٻڌجي وئي هئي. شيام ۽ رتيءَ کي بہ آيا جي باري ۾ چنتا ڪانہ هئي. اڪثر هوءَ ڪيرتي پاپيءَ جي گهر رهڻ لڳي. تياريءَ جي موڪلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پروفيسر جي مدد لاءِ آفيس ۾ بہ ويندي هئي. جيتوڻيڪ پروفيسر منع ڪندو هوس پر آيا پروفيسر کي ذرو بہ تڪليف ڏيڻ نہ چاهيندي هئي.

ڪيرتي پاپي منووگيان ۾ ايم. اي. هئي. سمن ۽ آيا جي رشتي کي هوءَ برو نہ مڃيندي هئي. اهو ان جي نظر ۾ سپاويڪ هو. ان کانسواءِ هن کي پنهنجي پريم ۽ وشواس جي شڪتي هئي. هوءَ ان ہل کي دربل ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ چاهيندي هئي. جي ہل ڪمزور

تہ رميش تنھنجي دولت جو ہيو وارث ٿيڻو آھي تڏھن مرڻ کنديءَ تي ھوندي بہ ھو خوش ٿيو. رميش جي باري ۾ ہڌي تہ ھو پوليس جي قبضي ۾ آھي، ھن پرشوتمداس کي چيو، ”ڪيترو بہ ڏن لڳيئي، وڏو وڪيل ڪري رميش کي بچاءِ.“

”سرڪاري ڳواھ ٿيڻ ڪري رميش جي سزا تمام گھٽ ڪئي ويندي. ھن ڪيترا ئي پنھنجا غير قانوني ڪم پوليس اڳيان قبوليا آھن. پر شرما جھڙي انتر راشٽريہ بدمعاش کي ۽ اڏن کي پڪڙائي ھن ديش جو ڀلو ئي ڪيو آھي.“

”رميش توکي ہڌايو تہ ھنجي جنني ڪير آھي؟“

”نہ، رميش ڪونہ ہڌايو آھي. شايد اجان تائين ھن کي بہ خبر ڪونہ آھي.“

پرشوتمداس جو من ڪافي ھلڪو ٿي چڪو ھو. پاپيءَ کي جيتري خبر پوڻ کپي اھا ھنکي ملي چڪي. سيئي ڳجھہ سڀ لاءِ ڄاڻڻ ضروري بہ ڪونہ آھن، اھو سوچي پرشوتمداس کي سنتوش اچي ويو.

مراري لعل جي من ۾ آيو ھڪ دفعو ھو رميش سان ملي پر پرشوتمداس کي ڪجھہ نہ چيائين. شايد ڪمتريءَ مٿان ظابطو اٿي چڏيس. سوچيائين تہ ٺيڪ ٿي خود وڃي جيل ۾ ملي ايندو.

اُٿي وڃڻ مھل مراري لعل پرشوتمداس کي چيو، ”رميش جي باري ۾ تو ہڌايو آھي. اھو بنان ثبوت ڪونہ ھوندو.“

پرشوتمداس ڏنو تہ سيٺ جي من ۾ شنڪا پئدا ٿي آھي. نہ چاھيندي بہ وشواس ڏيندي چيائين، ”مان ان شخص سان مليو آھيان جيڪو ان استريءَ کي سڃاڻندو ھو ۽ ان مٿان ٿيل اتياچار کي بہ ڄاڻندو ھو. رميش جي جنم ونندي ئي ان کي ڏنو ويو، جنھن پنھنجي ہڌي پڦيءَ کي يتيم خاني پھچائي اچڻ لاءِ سونپيو. مرڻ وقت ان شخص جي ورنن انوسار رميش جي بہ ساڄي ٽنگ سنھي آھي ۽ ساڄي پير ۾ ڇھ آڱريون اٿس....“

پرشوتمداس ڏنو تہ مراري لعل اجان بہ ڪجھہ پڇڻ ٿو چاھي، انڪري ھن جي منھن کولڻ کان اڳہ ئي پرشوتمداس چيس، ”بس، مراري لعل! بس. ان کان وڌيڪ ہڌائڻ کان مان لاچار آھيان.“

تڏھن سيٺ کي تسلي ٿي. آخر ۾ چيائين، ”رميش کي

”مان تہ ساڳي .آهيان. اڃان بہ هنڪي پيار ٿي ڪريان. اوهہ! نردوش هوندي بہ ايتري پيڙا ٿي سهڻي پوي.“

دشا اچي هنجي ويچار کي ڀڳو.

”ديدي! پاپي ٿي سڏيو. ڀوڄن تيار آهي.“

ڊائننگہ ٽيبل تي وهندي بہ هوءَ پاڻ کي سهج نہ ڪري سگهي. پروفيسر ۽ ڪيرتي هنجي اداسيءَ کي سمجهي ويا. ڳالهہ کي ٻي رخ ۾ آڻڻ لاءِ پروفيسر چيس، ”اڄ ڇا پڙهيہ. ساهتيہ جي باري ۾ پڇڻو هوءِ. ڀوڄن ڪانپوءِ پڇج. ايڪاگرتا سان پڙهائي ڪندي فرسٽ ڪلاس اچي ويندينءَ.“

”دادا! پڙهائيءَ تي من ئي نہ ٿو لڳي.“

”ڇو؟“ ڪيرتي پاپيءَ مشڪي پڇيو.

”پڙهي ڇا ڪندس؟“

”تون سڀ ڪجهہ ڀڳلي آهين. ايترو نراش ٿي ڇا جيئي سگهبو؟“ ڪيرتي پاپي چوندي هلي، ”تو ڏنو ئي ڇا آهي؟ عمر ئي ڪيتري آهي تنهنجي؟ بي. اي. تہ پاس ڪر.“

گرهہ نڙيءَ مان هيٺ لاهيندي پروفيسر چيو، ”ڏس آپا! تنهنجو فرسٽ ڪلاس ڪيڏانهن ڪونہ ويندي. ايم. اي. بہ هتا ئي ڪج. شڪالرشپ ڪيڏانهن ڪونہ ويندو. منهنجي من ۾ تنهنجي لاءِ گهڻيئي آشائون آهن. هتي ئي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿهي وڃج.“

آپا جي اکين جا پور آلا ٿي ويا. دادا پاپيءَ جي سنيہ هڪ دفعو ٻيهر هنجي من جو بوجهو هلڪو ڪري ڇڏيو. ضروري ڪونهي تہ پيار فقط خون جي رشتن ۾ هجي. هوءَ مشڪي ۽ چپ چاپ ڀوڄن کائڻ لڳي.

ڀوڄن ڪانپوءِ پروفيسر ڪمري ۾ پلنگہ تي ويني ويني ٻهاريءَ جا ڏوهيرا سمجهايا.

آپا پلنگہ جي ڀرسان رکيل ڪرسي ۽ ٽيبل تي ويهي بيت ۽ ڏوهيرا پئي سمجهيا. پاپي رسوئي گهر ۾ ننڍو وڏو ڪم پورو ڪرڻ ۾ مشغول هئي. دشا کي ننڊ اچي وئي هئي. هونءَ آپا ۽ دشا هڪ ئي ڪمري ۾ سمهنديون هيون. پر هينئر آپا پروفيسر جي ڪمري

ٿيو ته ان جو ڪارڻ هوءَ خود هوندي.

هن پنهنجي وجود کي پنهنجي پٽيءَ اڳيان ارپڻ ڪري ڇڏيو. هوءَ محسوس ڪندي هئي ته هوءَ پروفيسر جي اندر سمايل آهي. ڪنهن به شڪ شبهه کان گهڻو گهڻو پري آهي.

آيا ماتا جو پيار ڪونه پاتو هو. هنکي ممتا جي درڪار هئي. هنجي حب بنان سوارٿ جي آهي. هنجي حب ’ڏيڻ‘ تي ٻاهي. بس، جي حب جي عيوض حب ملندس ته پاڻ کي ڌنيه سمجهندي.

جي شنڪا جو هڪ ذرو به ڪٿان اچي ويو ته هوءَ ٽٽي پوندي، ختم ٿي ويندي. شيشي جهڙي دل ٽٽڻ کانپوءِ نيڪ ٿيڻ محال آهي. ڪومل من هميشه لاءِ خاموش ٿي ويندو. هنکي پريت روپي ’نهراءُ‘ ملي ته هوءَ خوش رهندي.

■■

سانجهيءَ جي وقت ڪيرتي پاپيءَ جي گهر ۾ آيا اڪيلي وشرام جي باري ۾ سوچي اداس ٿي وئي هئي. وشرام جي لاءِ پروفيسر جي من ۾ جيڪا شنڪا هئي، هوءَ به اهڙو ڪجهه سوچي رهي هئي. منش جي اندر اٿاه ساگر آهي. ان جي اونهائي ڪنهن ڪونه ڏٺي آهي. وشرام اهڙو ٿي ويندو، هن ڪڏهن ڪونه سوچيو هو.

پروفيسر، رميش، شيام، پرشوتمداس ۽ وشرام سيئي پرش آهن. سڀ هنجا پنهنجا آهن. پر سڀني جي هلت ۾ وڏو فرق آهي. جڻ سيئي پنهنجي پنهنجي الڳ جڳهه تي بهي، هنجا الڳ الڳ چتر ٺاهي رهيا آهن. هوءَ اڪيلي هڪ آهي ۽ هنن سڀني جو نظريو پنهنجو الڳ آهي.

اوچتو شرما هنجي ذهن ۾ اچي ويو. هوءَ ڪنبي وئي. سڄي دک جو ڪارڻ شرما آهي. وڌاتا جو هيءُ ڪهڙو ڪنيائي ڪيل. هڪ گهڙيءَ ۾ سڀ جلي ڀسم ٿي ويو.

وشرام کي هڪ پيرو اچي پڇڻ کپندو هو ته ماجرا ڪهڙي آهي. هوءَ سوچڻ لڳي:

”مون اندر ڪهڙو بدلاءُ آيو آهي؟“

”منهنجو قصور ڪهڙو آهي؟“

■■

آفيس ۾ وشرام کي پنهنجو انتظار ڪندو ڏسي پروفيسر کي عجب لڳو. هنجي نمسڪار کي سوبڪار ڪيائين ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ٿوريون گهڻيون ڳالهيون ڪندي پروفيسر پڇيس، ''آيا منهنجو گذاري ويو آهي، توکي خبر آهي؟''

''ها''

''آيا سان مليو آهين؟''

''نه''

پروفيسر کي اهڙن ننڍن جوابن جي اميد ڪونه هئي. سوچيو هئائين آيا جي نالي هڏڻ سان ئي هو تڙپي پوندو. هنجو سوچ غلط نڪتو. هنجي من اندر اُپجيل شنڪا سامهون اچي وئي. شايد نڌهن ئي آفيس ۾ وشرام کي ڏسندي هنکي عجب لڳو هو. اهو سوچي پروفيسر جي اڇا ٿي ته وشرام کي ڇماٽون هڻي آفيس کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي. پر هن پاڻ کي روڪي ڇڏيو. گنڀير ٿي چيائينس، ''آيا کان ڪو اپراڌ ٿيو آهي؟''

''اپراڌ هنکان نه، مونکان ٿيو آهي.'' وشرام ڇڻ ڦاٽي پيو.

پروفيسر سمن ڪجهه نه چيو. وشرام جي اڌمن کي ٻڌڻ لاءِ فقط هن طرف ڏسندو رهيو.

وشرام پروفيسر جي منشا تاڙي ورتي ۽ چيائين، ''آيا کي مون غلط سمجهيو هو.... آيا انهن چوڪرين مان آهي جن کي پرش جي نزديڪي کپي. اهڙي نزديڪي پيار جي تصوير ڏيکاريندي آهي.'' چوندي چوندي وشرام ٿورو جوش ۾ ايندو ويو. هو چوندو هليو، ''آيا جي نزديڪ رميش هو، شيام هو، مان هوس ۽....'' هو چپ ٿي ويو.

پروفيسر جو منهن ٽامٽي هڻڻ لڳو. وري به پاڻ کي قابو ڪندي چيائينس، ''رميش، شيام ۽ توکان اڳ هوءَ پنهنجي پتا جي نزديڪ به هئي. پتا به ته پرش آهي نه؟ جي ڪوئي ڀاءُ هجيس ها ته هو به هنکي نزديڪ ئي هجي ها نه؟''

وشرام ڇرڪجي ويو. هن پرش جي معنيٰ فقط جسماني سمجهي هئي. پيءُ ۽ ڀاءُ جو سنبنڌ هن جي ڊڪشنريءَ ۾ ڄڻ هو ئي ڪونه. تنهن هوندي به چيائين، ''هن عمر ۾ پر پرش جي نزديڪي منجي

۾ پڙهي رهي هئي ان ڪري دشا اڪيلي هئي.

سڄي ڏينهن جي بيچيني ڪري هوءَ ٿڪل هئي. پروفيسر جي چوڻ ڪري هوءَ هنجي ڪمري ۾ بيت سمجهڻ وئي هئي. پروفيسر سمجهائيندي سمجهائيندي ننڊاکڙو ٿيڻ لڳو ۽ ليٽي پيو. ڪڏهن اک لڳي ويس خبر ئي ڪونہ پيس.

اوچتو آيا جي نظر ڪتاب ڪان پري ٿي سمن طرف وئي. هوءَ ڏسندي ئي رهي. پروفيسر جو روپ هنکي پيارو لڳو. ڪشادو للاٽ سڄي ڪائنات کي گهيري ويو هو. ويڪري ڇاتيءَ اندر دل جي گهرائيءَ جو تہ ڪو انت ئي ڪونہ هو ۽ انجي اوچائيءَ جي هوءَ ڪٿ ڪونہ ڪري سگهي.

سمن جي هردي اندر هن لاءِ ڪيتري نہ حب آهي؟ هنجي پلائيءَ لاءِ ڪيتري نہ تمنا آهي؟ آيا کي هردم خوش ڏسڻ جي چاهہ آهي. هن جي جذبات کي جيترو هي هردو ٿو ڄاڻي دنيا ۾ شايد ئي ڪوئي ٻيو ڄاڻي.

هوءَ پاونائن ۾ وهندي هلي. ڪتاب اتيئي ٽيبل تي رکيائين. اٿي پلنگ جي نزديڪ آئي. سمن جي چهري طرف جهڪي. تمام هوريان ساوڌانيءَ سان هن پروفيسر جي للاٽ کي چميو ۽ پيراندي طرف آئي.

جيڪي ڪجهہ هنکي ملي رهيو هو، پلاند ڪولي وٺڻ پئي چاهيو. سڀ ڪجهہ قربان ڪري بہ هوءَ اهڙي سک کي حاصل ڪرڻ پئي چاهي. هنکي ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ جي خبر ڪانہ پئي پوي. اهڙي وشال پرش ۾ هن پيءُ، ڀاءُ، دوست، گرو ۽ رهبر جو سندر روپ پئي ڏٺو. هو سڀني صورتن ۾ سونهي پيو.

هوءَ اتيئي ويهي رهي. پنهنجو سِر پيرن ۾ جهڪائي ڇڏيو. اکين جا بند ٽٽي پيا. هن رنو، خوب رنو. روئي روئي هوءَ اتيئي سمهي پئي.

ڪمري اندر اڇي ڪيرتي پاپي ڇرڪي وئي. پر يڪدم آيا جي سياءَ کي ڄاڻي مشڪي ڏنائين. تمام هوريان هن پنهنجي سهاڳہ کي جاڳايو ۽ آيا جي حالت ڏيکاري. ڏسي ٻئي مشڪيا. چادر آلي ٿي وئي هي. پاپيءَ ٻي چادر ڪڍي اڇي آيا مٿان وڌي.

”هوءَ جسماني طور پرہل آهي. جذبات سان مکول ڪرڻ ۾ ماهر آهي.“

”اها تهمت مڙهڻ آيا سان نا انصافي آهي، وشرام“

”نہ سر. هوءَ ديھ سکہ جي چاهنا تي رکي. هنجو رشتو بيماني آهي.“

پروفيسر کي اهو الزام نہ وڻيو. ”تون چوڻ ڇا ٿو چاهين؟“ هن جي آواز ۾ سختي هئي.

وشرام جي نڙيءَ ۾ بہ سختي اچي وئي. چيائين، ”آيا کي توهان وٽ بدني سکہ جو احساس ٿي رهيو آهي، پوءِ منهنجيءَ هنکي کهڙي درڪار.“

پاڻ مٿان سڌي تهمت ٻڌي پروفيسر آپي کان ٻاهر نڪري ويو. هٿ ۾ جهليل ڪتاب وشرام طرف اڇلي چيائين، ”گيٽ آئوٽ، اڊئٽ. هڪدم نڪري وڃ نالائق“

وڏي واڪي وشرام چيو، ”اهو توهان نيڪ نہ ڪيو. توهانکي پڇتائڻو پوندو.“ چئي هو ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

■■

جڏهن پروفيسر ڪاليج ويو، تڏهن ڪيرتي ڀاڀيءَ جو ڀاءُ ڪشور پيڻ سان ملڻ آيو. هو اڪثر گهر ايندو رهندو هو. آيا هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندي هئي. ڪيرتي ڀاڀي چاهي پئي تہ آيا جي شادي هنجي ڀاءُ منوج سان ٿئي تہ هميشه لاءِ آيا هنجي ٿي رهندي. ان باري ۾ هن پروفيسر سان بہ ڳالھ چوري هئي. پر سمن آيا جي سڀاءَ کان واقف هو. هوءَ وشرام کانسواءِ ٻئي کي سويڪار ڪونہ ڪندي.

ڪشور ۽ منوج بہ آيا سان مليا هئا. ٻنهي کي ڳالھ پسند هئي. ڪيرتيءَ جي گهڻي زور ڀرڻ تي سمن آيا سان ڳالھ ڪئي هئي.

”دادا! توهان منهنجا گهڻگهريا آهيو. ان ۾ جيڪڏهن مان شنڪا ڪيان تہ مون جهڙي گنهگار ٻي ڪانہ هوندي. توهان جيڪي ڪجھ ڪندا منهنجي فائدي لاءِ ئي ڪندا.

”پر دادا! پيار ڪيول ديھ ڪونهي جنهن کي سکيو رکڻو آهي. پيار تہ روح آهي، دادا! روح. روح جسم کان علحدو ٿو ٿئي. ان

لڳندي آهي، پيءُ ۽ ڀاءُ جي نہ.“

”پرش کي بہ هن عمر ۾ پر استري جي صحبت سٺي لڳندي آهي. ماءُ ۽ ڀيڻ جي نہ.“ پروفيسر ٽوڪزني ڪندي چيس.

پاڻ مٿان تهمت لڳندي ڏسي وشرام کي باھ وٺي وئي. پروفيسر پاڻ کي قابو ۾ رکندي وشرام کي سمجهائڻ لڳو، ”وشرام! تنهنجي سوچ بي بنياد آهي. آيا اهڙي ڪونہ آهي جهڙي تون سمجهي رهيو آهين. هنجو هردو سنيھ سان پريل آهي. هوءَ جذباتي آهي. جنهن بہ پيار ڏنس ان کي سچائي ٿي سمجهي. دوکو بہ کائي ٿي. پيڙا بہ ڀوڳي ٿي. تہ بہ پيار ۾ سڀ ڪجھ ڏيڻ ۾ ويرم ئي نہ ٿي ڪري. جسماني ڪشش هن لاءِ ڪابہ معنيٰ نہ ٿي رکي.“

”اڳي منهنجو بہ اهڙو ئي ويچار هو. پر سچ پڇ آيا سڌي ڪونہ آهي. رميش تہ انهن وٽ گهڻي وقت کان ايندو ويندو هو.“ وشرام پنهنجو شڪ اٿسڌو هڏايو.

”تنهنجي خيال موجب آيا رميش سان پنهنجي مرضي موافق شرما وٽ وئي هئي.“ پروفيسر وشرام جي گمان کي ظاهر ڪندي چيو.

پنهنجو شڪ پروفيسر جي واتان هڏي وشرام کي طاقت اچي وئي. چيائين، ”مان تہ چا؛ ٿوري بہ سمجھ رکڻ وارو بہ اهوئي سمجهندو. انهن جو اهو سلسلو تہ ڪافي سميہ کان هلندو رهيو آهي.“

پروفيسر جي سهڻ جي حد ٿي چڪي. هنجي اکين مان الا نڪرڻ لڳا. مٿيون ڀيڪوڙي ڪرسيءَ تان اٿيو. ڪرٽو ڪجھ ٿيو هوس، پر الائي ڇو وري پاڻ کي قابو ڪندي سهج ٿيڻ لاءِ ڀرسان رکيل الماڙيءَ مان هڪ ڪتاب ڪڍي پڙهڻ جو بهانو ڪيائين. ڪجھ ساعت ترسي تمام ديريني نوع ۾ وشرام کي چيائين، ”ان ڪري تون آيا سان نہ مليو آهين. جيڪڏهن هڪ دفعو بہ تون هن سان ملين ها تہ توکي پنهنجي ڀل جو احساس ٿئي ها.“

”ان ڀل اڳيان ٿيون ڀلون اهميت نہ ٿيون رکن. سچائيءَ سامهون ڪوڙ ٽڪي ڪونہ سگهندو. مون ۾ هاڻي اهو برداشت ڪرڻ جي قوت ڪونهي سر.“

”ڇو؟“

”دادا! فقط پيٽ ئي رشتو نہ ٿو رکي. من جي ملڻ جو رشتو سڀ کان وڌيڪ آهي. پرماتما جو ان ۾ واس ٿو ٿئي. نسوارٽ سنبه رشتي کي مضبوط ٿو ڪري.“ ڪيرتي جذبات ۾ اچي وئي چوندي رهي، ”دادا ۽ ميران کي تون ’ميري‘ چئي سگهندين؟ اهو رشتو نہ آتما جو آهي جيڪو پرماتما سان ٿو ملائي.“

”اهو وقت ٻيو هو.“

”نہ، نہ. وقت ساڳيو آهي. اسان بدليا آهيون. اسان جا ويچار بدليا آهن. اسان مطلبي ٿي پيا آهيون. جڏهن سوارٿ پورو نہ ٿو ٿئي تڏهن بي داغ منش بہ نظرن ۾ داغدار ٿو ٿي پوي....دادا! توهان منهنجي شادي ڇو ڪرائي. ڇا توهان پالي نہ پيا سگهو؟ منهنجي لاءِ ان جي ڪمي هُيَوَ؟ نہ، اهڙي ڪابہ ڳالھ ڪونہ آهي....پرش ۽ ناري هڪ ٻئي جا پورائو آهن. ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ضرورت آهي...ضروري نہ آهي پرش سدا پتيءَ جي روپ ۾ هجي يا ناري پتنيءَ جي روپ ۾ هجي. سچ پچ ناريءَ لاءِ پرش ڇايا آهي، جنهن جي ڇانوَ ۾ هوءَ خوش ٿي رهي.“

”ڇانوَ ۾ رهڻ وارو مسافر سدا لاءِ وڻ جو مالڪ تہ ڪونہ آهي.“

”بلڪل نہ. ٿڪل مسافر کي ڇانوَ ۾ وشرام ٿو ملي. ٿڪ دور ٿيڻ ڪانپوءِ نئين شڪتي ٿي مليس ۽ پنهنجي ماڳہ ٿو پهچي.“

”ٿڪ مٽائيندي مٽائيندي جي وڻ جا ڦل بہ کائڻ لڳي تہ؟“

”وڻ جو ڇا ويندو؟ ڦل تہ گهٽيا ڪونہ. جيڪڏهن مالڪ ويڪري ڇاتيءَ وارو آهي تہ مسافر کي خود ڦل ڏيندو رهندو.“

”جي مسافر مالڪ کي لت هڻي بي دخل ڪري تہ؟“

”اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن مالڪ نربل آهي.“ ڪيرتيءَ جي چهري تي آتم وشواس صاف پيو جهلڪي. چيائين، ”دادا! تنهنجي ڪيرتي ايتري ڪمزور ڪونهي. مسافر کي هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻي. جيڪڏهن ڪنهن ڪيرتيءَ جي وشواس کي ٻڳو تہ هوءَ ان کي مچ ۾ انگر چيپاڻي ڇڏيندي....سائي ڦلدار وشال وڻ جي ٿڌڙي ڇانوَ هينان ڪير نہ ويهڻ چاهيندو؟ مان ڪير آهيان؟ وشالتا کي سوڙهو ڪري نئيو. ڪيان؟ جي اهڙي پويتر وڻ جا پن ڪاٽي ڇڏيان تہ ان وڻ جي اهميت ختم ٿي ويندي. وڻ سدا ڦلي ڦولي، سدا سائو رهي،

جو وجود الڳ آهي.

”پيار تہ داتا آهي. هيءُ فقط ڏيندو رهندو، وٺندو ڪجهہ بہ ڪونہ. بس! ارمان آهي تہ وشرام مونکي سمجهڻ ۾ وڏي ڀل ڪئي آهي. دادا! مان هڪ دفعو هن سان ملڻ ٿي چاهيان.“

پروفيسر ٻيهر همٿ ڪونہ ڪئي. پر ڪشور نراش ڪونہ ٿيو هو. وشرام جو پيءُ ڪشور جو بہ واقف هو. واپار جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ملندا هئا. هن آيا ۽ پروفيسر سمن جي رشتي جي باري ۾ ڪجهہ غلط ويچار ٺاهيا. اهي ويچار ٺاهڻ لاءِ اڄ هو پنهنجي ڀيڻ سان ملڻ آيو هو.

ڀاءُ ڀيڻ ڊرائينگ روم ۾ ڳالهائين پيا. هنن لاءِ چاءِ ناشتو ٺاهڻ لاءِ آيا رسوئيءَ ۾ هلي وئي.

”آيا ڪيترو وقت توهان وٽ رهندي؟“ ڪشور سوال ڪيو.

”اسان مٿان بوجهہ ڪونهي. پنهنجي ٻار وانگر تہ آهي.“

”چوين ائين ٿي ڄڻ سچ پچ هوءَ تنهنجي ڀيڻ آهي.“

”سچ پچ، دادا! آيا ايترو نزديڪ اچي وئي آهي جو هنجي نہ هئڻ ڪري ڪنهن کي بہ سٺو نہ ٿو لڳي. آيا دشا بہ گهر جون جوتيون آهن جن جي پرڪاش سان گهر روشن ٿو رهي.“

ايترو ڏکو جواب ٻڌي ڪشور گهڙي کن چپ ٿي ويو. هنکي اهڙي جواب جي اميد بہ ڪونہ هئي. چيائين، ”ماڻهن جي ڪانا فوسيءَ جي توکي شايد خبر ڪونهي، ڪيرتي. يا ڄاڻي ٻجهي تون کن لاٿار ٿي ڪرين.“

لوڪ آهي ٻوڪ. ان کي ڇڏ. تون ڇا ٿو چوين؟“ ڪيرتي مشڪي چيس.

”سچ پچ مون کي بہ ڪو خاص نيڪ ڪونہ ٿو لڳي. لوڪ لڄا بہ ڪجهہ تہ آهي نہ؟“

”جي ڀيڻ گهر ۾ رهي تہ ڇا چوندين دادا؟“

”’پنهنجو‘ پنهنجو هوندو آهي. پرائي گهر جي جوان ڇوڪري جيڪڏهن ڪنهن اوپري جي گهر ۾ رهي تہ سياڻيڪ آهي ماڻهن جي من ۾ شنڪا پئدا ٿئي.“

پئدا ٿيڻ لڳي. هن جي من جو بار اجان بہ وڌڻ لڳو.

پر جڏهن هن آيا کي ڪيرتيءَ جي گود ۾ ڏٺو تہ محسوس ڪيائين تہ هن جي اندر ڏڌا ڇندا ٿا لڳن. هو سڀ ڪجھ ڀلائي وينو. ڇڻ ڪجھ ٿيو ئي ڪونهي. کلي وينو. چيائين، ”نٽان ڀاڄائيءَ جو اهڙو روپ ملڻ مشڪل آهي. ان جي متُ سنسار ۾ ڪابہ چيز ڪونهي.“

ڀاڀيءَ جي پڪڙ ٿوري ڍلي ٿي. آيا دادا طرف پنهنجون نظرون گھمايون. دادا جون ٻانهون پنهنجو پاڻ ويڪريون ٿينديون ويون. ڀاڀيءَ جي پڪڙ پوري طرح ڍلي ٿي وئي. منظوري ملي وئي. آيا ڊوڙ پائي دادا جي وشال هردي سان لڳي سيني کي آنسن سان آلو ڪريَ ڇڏيو. الائي ڇو دادا جي اکين مان بہ ڳوڙها ڪري آيا جي وارن ۾ الوپ ٿي ويا. ڪيرتي خوش ٿيندي ڀاءُ ڀيڻ کي اتيئي ڇڏي هلي وئي.

ٿوري ساعت ڪانپوءِ آيا چيو، ”دادا! اهڙيءَ طرح توهان جي آسيس ملندي رهندي نہ؟“

”اڄ تنهنجي من ۾ اهڙي چنتا ڇو؟“

”تجوڙيءَ ۾ هيرا موتي آهن، اها پڪ هوندي بہ ڇو وري ڏسڻ جي چاهنا رهندي آهي.؟“

”من ۾ شنڪا رهندي آهي تہ متان ڪنهن چورايا هجن.“

”نہ، ان ڪري نہ، ان ڪري تہ بار بار ڏسڻ سان خوشي ۽ آنند ملندو آهي.“

”تون تہ هيرن کان بہ وڌيڪ آهين. ورهين جي آس اڄ ٿي پوري ٿئي. منهنجي ننڍڙي مٺڙي ڀيڻ! تنهنجي حب منهنجي اندر ۾ نئون امنگ پئدا ڪيو آهي....ورهين کان پرماتما کي ڀيڻ جي پيار پائڻ لاءِ وينتي ڪندو رهندو هوس، ايشور اها قبول ڪئي. پرساد جي روپ ۾ منهنجي پَلَوَ ۾ توکي ڏنو اٿائين. اهڙي پويتر پرساد کي پنهنجي نيڻن ۾ جڳھ ڏيندس.“

پڪڙ کي ڍلو ڪندي آيا جي ڪلهن کي جهلي چيائين، ”هونهار، لائق ۽ سشيل کي ئي توکي سپرد ڪندس.“

”دادا!....“ ايترو ئي آيا جي منهن مان نڪتو.

اها آشيرواد ڏي، دادا! ميوو تہ گھٽو ئي پئدا ٿيندو. ان ۾ تنھنجي ڪيرتي خوش آهي. اها خوشي ’لاچاري‘ ڪونهي. مان ڏاڍي خوش آهيان، دادا!“

آپا پاءُ پيڻ جون ڳالهيون پئي ٻڌيون. پاپيءَ لاءِ هردي ۾ شرڌا وڌي ويس. من ئي من ۾ پرڻام ڪيائينس. ڪيرتي پاپي ۽ پروفيسر سمن هن لاءِ آدرش ناري پرش هئا، هوءَ آنند ۾ گد گد ٿيڻ لڳي.

اڳيئر هوءَ رتيءَ کي ناري روپ ۾ ڄاڻندي هئي. هوءَ عمر ۾ ننڍپ ۽ آزمودي ۾ بہ ڪچي هئي. پر پاپي اندر ۾ ڪيتري نہ اونهي آهي، ڪيتري نہ سنيه مئي آهي، ڪيتري نہ مهان آهي، هِنجي اوچائي ڪيتري نہ وڏي آهي، اڄ خبر پيس.

ڪشور جي وچڻ ڪانپوءِ آپا چيو، ”پاپي! جڏهن بہ مون کي ٻوجھہ سمجھو تہ مونکي ٻاهر ڪڍو ڪجو. مان ’چون‘ بہ نہ چوندس. توهان مونکي ايترو سنيھہ ڏنو آهي جو منهنجي جهول اندر پريت جو ساگر ٿو ڇوليون ماري.“ چوندي هن جون اکيون آليون ٿي ويون.

ڪيرتي سمجھي وئي تہ آپا سڀ ڪجھہ ٻڌو آهي. آپا کي ڇڪي ڇاتيءَ سان چپڪائي ڇڏيائين. ڇهري تي اکيچار ملين ڏنائين ۽ چيائين، ”جي مري بہ ويس تہ بہ پروفيسر کي چئي ويندس منهنجي آپا جو خيال رکجانءِ. هنکي ڪڏهن جي پاڇي ڪان بہ پري ڪجانءِ.“

ٻنهي جون اکيون آليون هيون. آپا پاپيءَ جي سيني سان چپڪي رهي.

■ ■

اڄان من تي ٻوجھہ هوس، جڏهن سمن گھر موٽيو. وشرام ايترو ڪري پوندو، هنکي وشواس ئي نہ پيو اچي. هن تہ آپا لاءِ هنکي لائق سمجھيو هو، پر اها ڪلپنا نڪتي.

منش اندر وينل شڪ کي ڪڍي ڇڏڻ محال آهي. وشرام جيڪو هنجي گائيڊنس ۾ ريسرچ ٿو ڪري، وشرام جنهن کي سڀ کان وڌيڪ پيارو شاگرد ٿو سمجھي، ان وشرام ايترو غلط ڪم ڪري ڇڏيو، ڪيئن هنجي منهن مان گندا لفظ ٻاهر آيا.

اهي ڳالهيون خيال ۾ آڻي پروفيسر جي اندر وشرام لاءِ حقارت

سنيھ توکي ملي ٿو، ان جو داتا آيا آهي. ياءُ جي روپ ۾ جو پيار توکي مليو آهي، ان جي ڪلپنا مونکان سواءِ ٻيو ڪوئي ڪونہ ڪري سگهندو.

”آيا جو جيڪو روپ تو سويڪار ڪيو آهي، ان ۾ شنڪا آڻڻ بي بنياد آهي، بيڪار آهي. هوءَ هونهار، ياوُڪ ٻار آهي. هنکي وڏن جي نسوارٿ پريت جي درڪار آهي. اها هنکي اسان مان ملي ٿي. مان اهڙي نہ آهيان جو ان نشڪلنڪ، نسوارٿ سنيھ کي ٺوڙڻ جو اپراڌ ڪيان.“

ٻڌي سمن ڪيرتيءَ کي ڇڪي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ڇڏيو. ڪيرتي محسوس ڪيو تہ سنسار جا سڀيئي سک سمٽجي هنجي جهول ۾ اچي ويا آهن، چپ چاپ پنهنجي پراڻن سان مليل رهي.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڪيرتي چيو، ”دک تہ اهو آهي جو وشرام آيا کي غلط ٿو سمجهي. هو اهڙو ڪونہ هو. ضرور ڪنهن الٽو سلٽو سمجهايو اٿس.“

”منهنجو بہ ساڳيو ئي ويچار آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو تہ آيا سان ملي ها. هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو ملين ها......سوچيان ٿو آيا کي ٻڌائجي يا نہ. ٻڌائڻ سان متان جذباتي هردو ٽٽي نہ پوي.“

”سچائي تہ هڪ ڏينهن سامهون ايندي ئي. ڇو نہ سوچنا جي نوع ۾ ٻڌائجي. ٻڌي خاص دک ڪونہ ڪندي.“

جيتوڻيڪ پروفيسر کي پڪ هئي تہ آيا ٻڌي گهڻو دکي ٿيندي پر سچ کي سامهون رکڻ ضروري هو. ان ڪري ڪيرتيءَ جي رٽ کي مڃيائين. صبح چاءِ ناشتي ڪانپوءِ سهج ٿي سمن ٻڌايس. سچ پچ آيا کي چوٽ پهتي. ڪالهہ جي سموري خوشي خاڪ ٿي ويس. ٽنگن واري ٻوٽريءَ مان سموري ڪنڌ وهي، فرش تي پکڙجي وئي.

نيڪ ان وقت شيام ۽ رتي اتي آيا. ڪيترن ڏينهن کان آيا سان ڪونہ مليا هئا. اڄ پاڻ سان گهر وٺي وڃڻ لاءِ چيائون. پروفيسر ۽ ڪيرتيءَ جي مرضي ڪونہ هئي. وشرام جي ڏنل چوٽ کي هوءَ فقط هنن وٽ ئي سهي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي. رتيءَ وٽ هوءَ اڪيلي ٿي پوندي. منع ڪيائون، پر آيا جي مرضي وڃڻ تي ٿي.

پروفيسر سمن آپا جي للات تي سنيه پري مني ڏني.

جڏهن ڪيرتي ڪمري ۾ آئي تڏهن هنجي هٿن ۾ چاءِ پريل مگن واري ٽري هئي.

”ڏس آپا! تنهنجي پاپيءَ چاءِ آندي آهي.“ ڪيرتيءَ چيو. آپا ڏاڍي خوش ٿي. ڳوڙها اکهي ڊوڙي پاپيءَ کان ٽري وٺي پرسان ٽيبل تي رکيائين. پاپيءَ جو هٿ پڪڙي ڪرسيءَ تي ويهاريو. اهڙيءَ طرح دادا کي به ہي ڪرسيءَ تي ويهاريو. دشا اجان شڪول ۾ هئي.

آپا ڏنو ته ٽري تي ناشتو ڪونہ هو. يڪدم ڊوڙ پائي رنڌڻي ۾ وئي. منٽن ۾ ئي پوئا ناهي آئي. هوءَ پلجي وئي ته هنکي به چاءِ پيئڻي آهي. هنجي بک گم ٿي وئي هئي. هن جا دادا پاپي خوب کائن، هوءَ کارائيندي رهي، هو کائيندا رهن، تندرست رهن، گهڻو جيئن. هنجي عمر به هنن کي ملي.

هنجي تندرا تڏهن ٽٽي جڏهن پاپيءَ پڇيس، ”تون چاءِ ڪونہ پيئندينءَ؟“

”نہ“ چئي هوءَ مشڪي. پنهنجون ٺونيون ٽيبل مٿان رکي، هٿن ۾ چهرو جهلي دادا پاپيءَ طرف پاہوه وچان ڏسڻ لڳي.

■■

سمهڻ وقت پروفيسر ڪيرتيءَ کي وشرام جي ڳالهه ٻڌائي. ڪجهه دير ڪانپوءِ پڇيائينس، ”ڪيرتي! آپا کي تون ڪهڙي روپ ۾ ٿي سويڪار ڪرين؟“

”شروع ۾ ته توهان جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي سمجهندي هئس، پر هاڻي هوءَ منهنجي جيون جي ضرورت ٿي پئي آهي.“ ڪيرتيءَ سمن جي وارن ۾ آڱريون وجهي جواب ڏنو.

”ڪڏهن نہ من اندر شنڪا پئدا ٿي هوندءِ؟ ناري من آهي.“

”ڪڏهن به نہ“ ڪيرتي وارن سان راند ڪندي چيو. ”ناري جيڪڏهن پنهنجي پرش کي نہ ٿي سڃاڻي سگهي تہ ناريپڻو ڪهڙو؟ مون توکي پاتو آهي. ڪنهن کي بہ همت ڪونهي ان ’پاڻ‘ کي ڇني وٺي...مونکي ڄاڻ آهي، سالن کان تنهنجي من ۾ هڪ خال هو، ان کي آپا اچي پريو آهي، مون نہ.....پيڻپائي ۽ ماٺپائيءَ جو

دير ٿي آهي. ڪيرتي ڀاڀي ۽ سمن دادا جي سنڀه ڪري وقت نيڪي ٿو وڃي.''

'نيڪي ٿو وڃي' ۾ جيڪو درد هو، رتيءَ جي سس جي سمجهڻ کان ٻاهر هو. فقط ڪلي چيائين، ''پروفيسر صاحب ڏاڍو ڀلو انسان آهي. سندس گهر واريءَ کي ڪنهن ڏينهن اسان وٽ وٺي اچج.''

اهڙيون ئي ڪجهه ٻيون ڳالهيون ڪري آيا پڙهڻ لاءِ رتيءَ جي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ رتيءَ جي سس پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ليٽي پئي.

هڪ ڏيڊ ڪلاڪ ڪانپوءِ آهٽ ٿي آيا اکيون کوليون، ڏٺائين ته سانهون وشرام بيٺو هو.

■■

وشرام دهليءَ کان موٽي اچڻ تي آيا سان ملڻ رتيءَ جي گهر ويو. پڻس رتيءَ ۽ شيام جي شادي، جيون لعل جي موت ۽ رميش، پروفيسر سمن ۽ آيا جي باري ۾ ماڻهن جي شنڪا مرچ مصالح ملائي ٻڌائي هئي. سچائي ڄاڻڻ لاءِ هو اول رتيءَ جي ساهري گهر آيو. اتي خبر پيس ته آيا ڪجهه ڏينهن کان پروفيسر جي گهر ٿي رهي. وشرام کي پيءُ جي ڳالهه تي وشواس اچي ويو.

ڪاليج اندر آفيس ۾ پروفيسر سان جهڳڙو ڪري جڏهن هو رستي تي آيو ته احساس ٿيس ته من جو بوجهه هلڪو ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن پروفيسر صاحب ڏوهي هجي ها ته ايترو گنڀير ۽ آتم وشواسي نه هجي ها. اپراڌي ٻڇي ويندا آهن، جهڪي ويندا آهن ۽ ڪنبندا آهن.

پروفيسر صاحب بنان ڪپٽ سان ڳالهائي رهيو هو. هن جي اندر جي سچائي هن جي ڳالهائڻ ۾ پئي ڏسجي. تهمت مڙهڻ تي هو ڪروڌ ۾ اچي ويو.

هاڻي وشرام کي پنهنجي لاءِ حقارت پئدا ٿي. هن نردوشن تي الزام لڳايو آهي. هو ٻنهي کي سڃاڻي. ٻنهي جي رشتي کان هو واقف آهي. پروفيسر جي نزديڪ ڪيترين ڇوڪرين آيون آهن. اڄ تائين ڪنهن به هن مٿان آڱر ڪونه کنئي آهي. هنن جي ٻرٻٽ ميري ڪونه آهي. هو نرمل ۽ اوجل آهن. ڪيرتي ڀاڀي ڪڏهن به

هنن هن جي ڳالهه مڃي.

”ايترا ڏينهن ڇو لڳائيندي آهين. اسان جي ياد نه ايندي اٿئي؟“ رستي تي رتيءَ چيس.

”پڙهائي ڪري نه ملي سگهيس.“

”ڪالهه وشرام گهر آيو هو.“ رتيءَ سوچيو آپا ڏاڍي خوش ٿيندي. پر آپا ڪو جواب ڪونه ڏنو.

”شايد تو ڪونه ڏٺو.“

”ها“ آپا جو هڪ اکري جواب هو.

”هو توسان ملڻ آيو هو.“

”ڪنهن وقت؟“

”صبح اٽڪل ستين بجي. چاءِ پي هو توسان ڪاليج ملڻ آيو.“

آپا کي خوشيءَ جو احساس ٿيو. هو هن کي ڪونه مليو آهي. اهڙو ڇا ٿيو هو جو اهڙو دشمن ٿي پيو. اهو جهيڙو اهو الزام ڇا لاءِ؟

”وري اچڻ لاءِ چيائين؟ مان ته ڪالهه ڪاليج ڪونه ويئي هئس.“

”اهڙو ڪجهه ڪونه چيائين. هو توسان اتي ملندو شايد اهو وشواس هوس.“

آپا چپ ڪئي. گهر پهچڻ ڪانپوءِ رتي ۽ شيام آفيس هليا ويا. شام جو پڪچر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيائونس.

شيام جي ماتا پتا جي نظرن ۾ به وشرام آپا لاءِ لائق ور هو. پرشوتمداس سوچيو هو ته امتحانن ڪانپوءِ هو خود وشرام جي پيءَ سان ملندو. آپا جي اچڻ تي شيام جي ماءُ گهڻو خوش ٿي. ڪيڪاريندي آپا کي چيو، ”رتيءَ گهر کي سرڳ ٺاهي ڇڏيو آهي. مان هاڻي بلڪل بيفڪري ٿي پئي آهيان. گذريل جنم ۾ ڪي پڃ ڪيل آهن جو رتيءَ جهڙي ننهن ملي. هوءَ ننهن به آهي ۽ ڌيءُ به آهي. توهان جا ماتا پتا ڌنيه آهن جن وٽ توهان جهڙن هيرن جنم ورتو. اهو گهر به سرڳ ٿي پوندو جتي تون شادي ڪندينءَ.“

اهڙا موهيندڙ لفظ ٻڌي آپا کي فخر محسوس ٿيو. مشڪي چيائين، ”ماسي! پڙهائيءَ ۾ رڌل هئس. توهان جي درشن ڪرڻ ۾

رهندو. هو ٻئي هڪ ٻئي کي ڪنهن حالات ۾ وڃائڻ نه ٿا چاهين.

هن طيءِ ڪيو ته ٻئي ڏينهن هو خود آپا ۽ گروءَ کان معافي وٺندو.

سپاٽي تي هن اول رتيءَ جي گهر آيا کي گهرائي آيا سان ڳالهائڻ سنو سمجهيو. پوءِ ئي آپا کي ساڻ ڪري پروفيسر جي گهر وڃي اپراڌ لاءِ ڪميا گهرندو.

رتيءَ جي گهر پهچڻ تي هنکي ٻڌايو ويو ته آپا ڪالهه کان اتيئي آهي.

وشرام کي ڏسي آپا جي جيءَ ۾ آيو ته ڪلي ڪيڪاريس پر دادا سان ڪيل اپمان کي ياد ڪري پيار بدلجي حقارت ٿي پيو. سوچيائين ته چيخندي وشرام کي ڪمري کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي. پر چيائين ڪجهه ڪونه چهرو اداس ٿي ويس. اداسيءَ ۾ هن وشرام کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. هو به چپ چاپ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

ڪجهه وقت ٻئي خاموش رهيا. اندر ئي اندر آپا سوچيندي رهي، جنهن کي ايترو پيار ڏنو اهو ئي جيڪڏهن ڪلنڪني ڪري ته نرڳه جي پيڙا کان وڌيڪ دک ٿو ملي. من ڪروڌ سان پرجي ويس. ان هوندي به من کي قابو ڪري چيائين، ”ديدي ۽ شيام آفيس ويا آهن.“

”مونکي خبر آهي.“

ڪمري ۾ وري چپ اچي وئي. وشرام سوچي ڪونه سگهيو ته ڳالهه ڪيئن شروع ڪجي. سمجهيائين پروفيسر صاحب آپا کي جهڳڙي بابت نه ٻڌايو آهي. انڪري چيائين، ”توهان جي پتا جي سرڳواس جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي.“

”مهرباني“ آپا فقط اهو ئي چيو. ظاهر هو هوءَ پاڻ کي روڪي رهي هئي. پر روڪي نه سگهي. چيائين، ”توهان نه اچي جو اسان مٿان ديا ڪئي آهي ان لاءِ توهان جي شڪرگذار آهيان.“

وشرام سمجهي ويو، ٻاهه ڀيڪندي. ته به چيائين، ”مان هتي ڪونه هوس.“

غلط سهي نہ سگهي ها.

آيا تہ هنکي سڀ ڪجهہ ڏئي ڇڏيو آهي. آيا ئي هن کي ٻڌايو آهي پروفيسر صاحب هنجو پيءُ آهي، ياءُ آهي، رهبر آهي.

تہ بہ هن اهڙو گهور اپراڌ ڪيو؟ ڇو؟ شايد هنجي پريم ۾ کوٽ آهي. تڏهن تہ شنڪا ٿيس. پريم جو ٻيو نالو وشواس آهي. هنجو اپراڌ معافي لائق ڪونهي.

هنکي پورو وشواس اچي ويو تہ سندس پيءُ جي چوڻ ۾ ڪابہ سچائي ڪونهي. ڪن شخصن کي ٻئي جي برائي ڪرڻ ۾ آنند ايندو آهي. هنجو پتا بہ انهن مان هڪ آهي. اهڙا منش فقط ٻين جون غلطيون ڏسندا آهن.

هن پنهنجي اندر جهاتي پاتي، ڪٿي کوٽ هئي. مان پنهنجي آدرش گروءَ سان ڇو جهڳڙو ڪيو؟ ڇو مون هنجي مٿان اهڙي تهمت هنئي؟

منش جو سڀاءُ ئي اهڙو آهي، جنهن مٿان پورو حق سمجهندو تہ اها ٻئي جي ٿيڻ ڪڏهن بہ نہ مڃيندو. آيا پروفيسر سمن کي گهڻو ياڻيندي هئي. هنجي عزت ڪندي هئي. پروفيسر جي پريوار سان ملي وئي هئي. ڏٺو وڃي تہ هوءَ هنجي ڪٽنب جو ڀاتي بڻجي چڪي هئي.

اڪثر ڳالهين ۾ هوءَ ڪيرتي ياپي ۽ پروفيسر سمن جي ساراهہ ڪندي رهندي هئي. شايد اها پنهنجائپ هنجي اندر ڪنهن ڪنڊ ۾ پروفيسر جي لاءِ حسد جو ٻج پوکيو هجي، جنهن جو ٻوٽو اڄ جهڳڙي جي روپ ۾ ڏٺو ويو.

هن من ئي من ۾ پڇتايو. سوچيائين واپس وڃي گروءَ جي چرنن ۾ ڪري معافي گهري. پر هڪ ويچار هنکي ان گهڙيءَ روڪي ڇڏيو.

هو سڌو پنهنجي گهر ويو. من کي وڏيڪ سهج ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. سوچيندو رهيو. آيا کي هو سڀ کان وڌيڪ پيار ٿو ڪري. هوءَ هنجي نس نس ۾ سمايل آهي. هنجي بنا هنجي وجود کي خطرو آهي. آيا هنکي گهٽ نہ ٿي گهري. هوءَ هنکي سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هنجي بنان هنجو سنسار بہ انڌڪار سان ڀريل

سوچي رهي هئي. بخار دماغ تي اثر وڌو. هنجو سوچڻ به وڌندو رهيو. بعضي ايمان جو تصور ڪندي ڪنبندي هئي. سڄو شرير ڏڪندو هوس.

دادا جي نرادر جي جڙ هوءَ خود کي سمجهڻ لڳي هئي. هوءَ سمجهي ڪونه سگهي ته دادا کي ڪيئن ساڳئي روپ ۾ آڻي، ڪهڙي طرح دادا جي دل کي دلداري ڏي، ڪيئن داد کي اڳوڻو مان مرتبو وٺي ڏي. ڪمان مان تير نڪري چڪو هو، ڪيئن اهو واپس ترڪش ۾ اچي پوي.

وشرام جي نالي سان ئي هنکي چڙ اچڻ لڳي. ڪنهن وشرام جو نالو ورتو ناهي، هوءَ چيخڻ لڳي ناهي. ان ڪري ڪنهن کي به همت ڪونه ٿيندي هئي جو وشرام جي باري ۾ ڳالھ چيڙي.

ڏينهون ڏينهن آيا ڪمزور ٿيندي وئي. هاڻي ته هوءَ خود بڙبڙائڻ به لڳي هئي. ڏينهن ۾ اڪثر هڪ اڌ ڀيرو مورڇت ٿي ويندي هئي.

وڏي مشهور ڊاڪٽر جو رايو هو ته هنکي اندر ۾ ڪجھ آهي اهو ٻاهر ايندو ته هوءَ نيڪ ٿي ويندي. سڀني سمجهيو ڪارڻ ڪهڙو آهي. هنجي اندر ڪهڙو درد آهي. پر سڀني همت هاري ڇڏي هئي. وشرام نالي ٻڌڻ سان مٿان ڪجھ انرت نه ٿي پوي.

رتي، ڪيرتي ۽ سمن کي سڀ کان وڌيڪ چنتا ٿيڻ لڳي. هنن جي نيڻن مان ننڊ غائب ٿي وئي. پروفيسر ۽ رتي ڏينهن رات آيا جي ڀر ۾ ويٺا هوندا هئا. چوندا هئس ته ٻڌاءِ دل ۾ ڇا اٿئي، دل جو حال چور، من هلڪو ٿيندءِ. پر هوءَ ڪيول وائڙن وانگر انهن طرف ڏسندي رهندي هئي. هن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو.

ڪيرتي ڀاپي گهر جو ضروري ڪم لاهي اچي آيا وٽ ويهي رهندي هئي. دلداري ڏيندي هئس.

وشرام پروفيسر کان هٿ جوڙي معافي ورتي هئي. هو آيا وٽ وڃڻ لاءِ آتو هو پر سڀني هنکي منع ڪئي. مٿان آيا جي دل ٽٽي پوي.

سڀ لاچار ٿي پيا. ايشور کي آراڌنا ڪرڻ لڳا.

هڪ ڏينهن آيا جهيڻي آواز ۾ 'دادا' 'دادا' پڪارڻ لڳي.

”هڻڻ سان بہ ڪو فرق ڪونہ پوي ها. سنو ئي ٺيو آهي جو ’نہ هڻڻ‘ سنو بهانو نهي پيو.“

”ائين ڪونهي، آپا.“ وشرام پنهنجي اپراڌي من کي ظاهر ڪندي چيو، ”ڪيترن ڏينهن کان سوچيان پيو، توهان سان ملان.“

”لوڪ لاڄ ڪري ملڻ کان لاچار هئا. متان ڪوئي طعنو نہ هڻي تہ ڪهڙي لڇي وٽ ٿا وڃو...مان خود پنهنجي مرضيءَ سان رميش ۽ شرما وٽ وئي هيس. مونسان دغا ڪير ڪندو؟“

وشرام سمجهي ويو. آپا کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي. هڪدم پنهنجو قصور قبول ڪرڻ جي نوع ۾ چيائين، ”ان ڪري تہ تو وٽ آيو آهيان.“چئي ڪنڌ جهڪي ويس. پر آپا پاڻ کي روڪي ڪونہ سگهي. ڳوري آواز ۾ چيائين، ”ان ڪري تہ دادا کي بيعزت ڪرڻ جي تو ۾ توفيق اچي وئي هئي.“ آپا ’توهان‘ جي بجاءِ هاڻي ’تون‘ چوڻ لڳي. هنکي روئڻ اچي ويو. روئندي چيائين، ”توکي ڪنهن اڪار ڏنو تہ تون اهڙي طرح نرلڄ ٿي دادا کي گندا لفظ چئين. تون اسان جو ڪير ٿيندو آهين، جو اسان جو ڳالهيون ڪرين.“

هوءَ وڌيڪ ڪجهہ نہ چئي سگهي. ترين ۾ منهن وجهي سڏڪا ڀرڻ لڳي.

وشرام اٿي جيئن هنجي ڇهري کي مٿي ڪرڻ لڳو تيئن هن شينهڻ وانگر ڀڙڪو کائي هنجا هٿ پري ڪري ڇڏيا. واڪو ڪري چيائين، ”ايتري ۾ سنتوش ڪونہ مليئہ، مون وٽ زخم تي لوڻ ٻرڪڻ آيو آهين. اجان جلائيندي چا؟...نڪري وڃ...نڪري وڃ...مان....“ چئي آپا خود ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

وشرام جي من جي من ۾ ئي رهي. هنجي دل تي مٿن جا مڻ بوجهہ اچي ڪريو. سمجهي نہ سگهيو تہ ڇا ڪري. نراش ٿي موٽي ويو.

■■

شام جو شيام ۽ رتي آفيس کان موٽيا تہ ڏٺائون تہ آپا جو بدن بخار ۾ تپي رهيو آهي. ڊاڪٽر گهرايو ويو، دوائون ڏنيون ويون. بخار هلڪو ٿي وري چڙهي پيو. سيني کي چنتا ٿيڻ لڳي.

آپا بخار ۾ بہ پنهنجي دادا جي بي عزتيءَ جي باري ۾

حوالي پيا ڪيو، ان ئي توهان جو اپمان ڪيو، توهان جو نرادر ڪيو. چ...چ...پاپي! هاڻي سهڻ جي شڪتي ڪونهي مون ۾.''

چئي آپا سڏڪا پري روئڻ لڳي. ڪيرتي پاپي به سهي نه سگهي. هوءَ به اوڇنگارون ڏئڻ لڳي.

ٿوري دير ۾ آپا جا هٿ ڍلا ٿي ويا. هن روئڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ بي سڌ ٿي وئي.

سني چال چلن جي وهنوار ڪري رميش جي سزا گهٽائي وئي هئي. هو مليل سزا جي مقرر وقت کان ڪجهه مهينا اڳ جيل کان آزاد ٿيو. هو سڀ کي سرپرائيز ڏيڻ پيو چاهي، ان ڪري پنهنجي آزاديءَ جي ڪنهن کي به خبر نه ڏنائين.

هو سڌو آفيس ويو جتي شيام ئي مليس. شيام سڀ ڪجهه ٻڌايس. آپا جي بيماريءَ جو ٻڌي هنکي صدمو پهتو. ٻنهي هڪ رٿ ٺاهي. شيام آفيس کان موڪل ورتي. ٻئي آفيس مان نڪري سڌو وشرام جي گهر ويا.

وشرام پنهنجي لاچاري ظاهر ڪئي. آپا جي بيماريءَ جي وقت پرشوتمداس وشرام جي پيءُ سان مليو هو. آپا جي باري ۾ سيني شنڪائن کي مٽائي ڇڏيو هو.

وشرام بيچئن هو ته ڪيئن آپا جي غلطفهمي دور ڪري. هنجي جان جوکم ۾ هئي. غلطفهميءَ جو بوجهه پري ٿيندس ته هوءَ چاڪ ٿي پوندي اهو هنکي پورو وشواس هو. هنجي پتا کي به هاڻي ڪوبه اعتراض ڪونه هو. هن وشرام کي آپا سان شادي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

هينئر سيني جي ڪامنا هئي ته آپا جلد بجلد تندرست ٿئي.

شيام ۽ رميش سان ملي وشرام ڏاڍو خوش ٿيو. سيني ڪجهه سوچيو ۽ جلد ئي آپا جي گهر پهچي ويا.

نظارو ڏاڍو ڏکوئيندڙ هو. سيني جي اکين ۾ پاڻي هو. پڪ ٿي وين ته اٽليٽي ٿيڻ ۾ ويرم ئي نه لڳندي.

شيام، وشرام، رميش ۽ وشرام جو پتا آپا جي ڪمري اندر آيا. سيني وينلن پنهنجون اکيون اگهيون. رميش کي ڏسي سيئي

”دادا جي اکين جو پاڻي ئي نٿو رڪي، آپا.“ رتيءَ چيس.

مرجهايل مکڙي کي ٿورو سرهو ڪندي آپا چيو، ”دادا کي سڏ ڪيو. چئوس تہ موڪلائڻ وقت تہ پري نہ ٿئي.“

پنهنجا ڳوڙها اگهي پروفيسر آپا جي سيرانڌي اچي ويٺو. پنهنجي ساڄي هٿ سان سندس سِر کي سهلائڻ لڳو. آپا دادا جو ٻيو هٿ پنهنجي هٿيلين ۾ جهلي سيني سان لڳائي ڇڏيو. پل ٻہ لاءِ خاموش ٿي وئي. نہ ڄاڻ ڇا سوچي رهي هئي. اکيون ڪٽي ٻوٽي ڇڏيائين. پل ۾ ئي مکہ تي مشڪ آڻي اکيون کوليائين ۽ چيائين، ”دادا توهان مونکي دکن ۾ بہ کلڻ سيکاريو آهي نہ؟ پوءِ اهي توهان جا ڳوڙها ڇا لاءِ؟ روئڻ تہ توهان کان کوهہ پري ڀڄندو آهي. اهي لڙڪ کهڙي جنم جي پاپ جو ڪارڻ آهن؟ ڇو ٿا اها پيڙا سهو؟ ٻڌايو نہ دادا؟“ چوندي چوندي آپا جي ڪمزور ٻجهيل اکين جي ڪنڊن ۾ اٽڪيل لڙڪ لڙڪي هنجي گردن جي هيٺين حصي کي آلو ڪري ڇڏيو. دادا جي هٿ کي اچان بہ وڌيڪ پنهنجي نزديڪ ڇڪيندي مشڪي چيو، ”وڃان ٿي ان ڪري ٿا روئو. اچڻ وڃڻ ڪنهن جو نہ ٿو ٿئي؟ جيون جي خوشنما پلن جي ياد سدا دل ۾ رکجو.“

کيرتي ٻہ ۾ هئي. چيائينس، ”اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، آپا تون نيڪ ٿي ويندينءَ.“

آپا کلي. ڪمزور کل ڏيکاري ڇڏيو. چيائين، ”زندگي جيئڻ مان کهڙو فائدو، پاپي؟ جنم وٺڻ سان مرڻ لازمي آهي. اهو اٽل سچ ڄاڻي بہ جنم وٺندڙ معصوم کي لاڏ ڪوڏ ۽ پيار سان پاليو ويندو آهي. هنکي زندگي ڏني ويندي آهي. اها ’زندگي جيئڻ‘ بہ اٽل سچائي آهي. اهي ٻئي سچ اٽل آهن. انهن کي چوڻ ۾ جي فائدو ڪونهي تہ نقصان بہ ڪونهي.

”مونکي سنيہ ڏئي توهان کي ڇا مليو؟ منهنجي ڪارڻ توهان کي تعنا مليا، گلا ملي، حقارت ملي. توهان گهڻو سٺو آهي.

”توهان جا هردا تمام وڏا آهن، وشال آهن. انهن اندر ساگر جي گهرائي آهي. سڀ ڪجهہ ان ۾ سمائجي ويندو.

”توهان مونکي سڄاڻپ ڏني، توهان مونکي پنهنجائپ ڏني. ’پاپي‘ ’دادا‘ چوندي ٿڪبي ڪونہ آهيان. جنهن کي پنهنجو سمجهي

مٿان هٿ رکي آشيرواد ڏني ۽ چيائين، ”پٽ! تنهنجو گهر اسان وٽ آهي. تو کان سواءِ اسان جي سنڀال ٻيو ڪير ڪندو. سدا سک ماڻيندين ۽ پٽ.“

ٻڍي آيا کي آتمڪ سک جو احساس ٿيو. هنجو چهرو سرهو ڏسڻ ۾ آيو.

ماحول بدلجي ويو: سيني جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها هئا. دشا شڪول کان اچي وئي. هوءَ سڌو آيا جي پلنگ وٽ آئي. چيائين، ”ديدي! مان اچي وئي آهيان.“ وشرام جي هٿن مان پنهنجو هڪ هٿ ڇڏائي آيا مشڪي ۽ هنکي سيني سان لڳائي ڇڏيو.

آيا جلد ئي ڪجهه ڏينهن ۾ چاڪ چڱي ڀلي ٿي پئي.

■■

رميش شوڀا کي بمبئيءَ ۾ هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ ڳولهي لڌو. هوءَ ٽي. بيءَ. جي مريض ٿي پئي هئي. موهن هنکي ڇڏي هليو ويو هو. جيڪي ڪجهه بچيو هوس، ان مان جيئن تيئن وقت گذاري رهي هئي. شرم وچان پنهنجي پيءُ وٽ نه وئي. رميش هنکي گهر وٺي آيو. گهر اچي سڀ معلوم ٿيس. پرشوتمداس وصيعت جا دستاويز ڏيکاريس. هن کنهن کي ڏوهه ڪونه ڏنو. پنهنجي ڪرمن جو ڦل هوءَ خود ڀوڳي رهي هئي.

رميش شوڀا جي شيوا ۽ علاج ڪرائڻ ۾ وقت گذارڻ لڳو. جيستائين رهي، خوش رهي.

■■

خوش ٿيا. پر آپا جي حالت ڏسي سيني جو چهرو مرجهائجي ويو.

نيڪ ان وقت آپا جون ڪمزور اکيون ٿورو کليون. هن کي احساس ٿيو تہ وشرام جهڙو ڪو ئي پرش سامهون آهي. وشرام بہ ڏٺو آپا فقط هن ڏي ٿي نهاري. رڳو انوسار هو هڪدم پروفيسر جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ روئي معافي گهرڻ لڳو. ڪجهہ نہ سمجهي بہ پروفيسر وشرام کي ٻنهي هٿن سان اٿاري ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ اتيئي پنهنجي پر ۾ ويهاري ڇڏيو.

ڪيرتي ڀاپي آپا کي هوش ۾ آيل ڏسي چهري تي مرڪ آڻي چيو، ”آپا، ڏس ڪير آيو آهي؟ وشرام آيو اٿئي. ڪيئن نہ تنهنجي دادا جي گود ۾ ٻار وانگر ويهي روئي رهيو آهي.“

آپا جي نظر وشرام جي ڌنڌلي آڪار طرف هئي. جڏهن هنجون اکيون پنهنجي دادا طرف آيون تہ ڌنڌلو آڪار صاف ٿيڻ لڳو. هاڻي هوءَ صاف چٽيءَ طرح ڏسڻ لڳي تہ وشرام دادا جي گود ۾ روئي رهيو آهي. هنجي سيني تي رکيل ٻوجهہ دور ٿي ويو. هوءَ مشڪي.

ڏسي سيني جي هردي تي ٿڌا ڇنڊا پيا. سيني کي گهڻي خوشي ٿي. پروفيسر وشرام کي ڀاڪر مان آزاد ڪيو. اکيون اگهي وشرام آپا جي نرٻل هٿن کي پنهنجي مضبوط هٿن ۾ جهلي چيو، ”آپا هي چارئي هٿ ڪڏهن بہ الڳ ڪونہ ٿيندا. ڏس، منهنجو ڊئڊي خود اسان ٻنهي کي آشيرواد ڏيڻ آيو آهي.“

آپا پنهنجون نظرون ڪمري جي اندر گهمايون. اڻ ڇاتل ڪرڙود پرش کي ڏسي سمجهيائين تہ هو ئي وشرام جو پتا آهي. اکين ۾ لڇا اچي ويس. رميش کي ڏسندي ئي مکہ ۾ مشڪ آيس. ضعيف آواز ۾ چيائين، ”اچين وئين پاپڙا!“ ٻڌي رميش اڳتي سري آيو ۽ آپا جي مٿي تي هٿ رکيائين.

آپا پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون. پنهنجا هٿ وشرام جي هٿن ۾ رهڻ ڏنائين. منٽ اڌ ڪانپوءِ اکيون کولي چيائين، ”گهڻي دير ٿي وئي آهي وشرام. سڀ ڪجهہ ختم ٿيڻ وارو اٿئي.“

”نہ آپا نہ. مان توکي ڪنهن بہ حالت ۾ وڃڻ ڪونہ ڏيندس. منهنجو روح ’اٽليٽيءَ‘ کي ٿيڻ نہ ڏيندو.

ايتري ۾ وشرام جو پتا اڳتي وڌي آيو. آپا ۽ وشرام جي سِر



नन्दलाल ईदनदास परसरामाणी

जन्म तिथि : 10 जुन 1933 सुल्तानकोट सिन्ध पाकिस्तान

शिक्षा : एम. ए. (सिन्धी, अंग्रेजी, इतिहास) बी. एड़.

प्रकाशन : चार कहानी संग्रह और एक कविता संग्रह सिन्धी भाषा में एक कहानी संग्रह हिन्दी भाषा में सिन्धी लोक साहित्य (संक्षिप्त) हिन्दी में विभिन्न पत्र पत्रिकाओं में सिन्धी, हिंदी एवं अंग्रेजी में कहानियां, कविताएं एवं साहित्यिक लेख-राजस्थान सिन्धी अकादमी जयपुर द्वारा राज्य स्तर पर दो कहानियां प्रथम एवं राष्ट्रीय स्तर पर एक कहानी प्रथम व पुरूस्कृत !

सम्प्रति : सेवा निवृत-प्रधानाध्यापक, माध्यमिक विद्यालय

सम्पर्क : गोपाल और कमलेश चित्रशाला
सलुम्बर-जिला उदयपुर (राज.)